

1
ماهوار
سماجواد
مذهبي بنيادپرستي ۽ سماجي ارتقا
وچ اوڀر ۾ انقلاب جو ردِ انقلاب
پاڪستان: قومن لاءِ هڪ سوال
ڪيوبا جو انقلاب
ليبر پارٽي سنڌ جو پرچارڪ

ليبر پارٽي سنڌ ۽ مارڪسزم جو پرچارڪ

ماهوار
سماجواد
حيدرآباد

(1 ڪڙي) آگسٽ 2011ع

ايڊيٽر
بخشل ٿلهو

قيمت: **40/=**

لکپڙهه لاءِ ايڊريس
گهر نمبر A/56 نزد گرين ويلي اسڪول
عبدالله ٽائون قاسم آباد
حيدرآباد.
Cell # 03443333888
Email: bakhshalthalho@yahoo.com

فهرست

ايڊيٽوريل

ماضي جا ڪجهه ترقي پسند انهيءَ ڳالهه تي پريشان آهن ته اڄ جي هن دور ۾ ڪابي ذر ۽ خاص طور ڪميونسٽ تحريڪ چو نه ٿي مضبوط ٿي اڳيان اچي چاڪاڻ ته سندن خيال موجب ميڊيا جي آزادي ۽ حڪومتي ادارن جي نااهلي سبب رياست جو ڪردار 60 يا 70 واري ڏهاڪي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ واضح آهي ۽ سماج اندر ترقي پسند ڌريون ڪم ڪرڻ لاءِ اُن پراڻي دور جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آزاد آهن. جڏهن ته سچ اِهو آهي ته هِن رياست جي بنيادي حقيقت پنين ٽن چئن ڏهاڪن ۾ تبديل ڪونه ٿي آهي، ها پر هاڻي هِن رياست کي 60 يا 70 واري ڏهاڪي جيئن هٿڻ (ڏيک ۾) جي ضرورت به نه رهي آهي. چاڪاڻ ته سماج اندر هِن رياست پاران ٿيل سيڙپڪاريءَ، ايترو ڪجهه ڪري ڇڏيو آهي جو ترقي پسند قوتون بظاهر محسوس ٿيندڙ ڪم جي آزادي باوجود تمام سست رفتاري سان اوسر ڪرڻ تي مجبور آهن. اهو انهيءَ سيڙپڪاري جو نتيجو آهي ته رياست جي ابتڙ سماج 60 يا 70 واري ڏهاڪي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ورهايل، منجهيل، نبل ٿيل آهي. ماضي جون اڪثر قومپرست ۽ جهموري قوتون، هن دور ۾ رياست، اسٽيبلشمينٽ ۽ عالمي سامراج جو آله ڪار بڻجي سماج جي ترقي پسند سياسي اوسر کي ناڪاري طور متاثر ڪري رهيون آهن. اڄ جي سماج تي حاوي مذهبي انتها پسندي ۽ نسل پرستي جي رجعتي سياست سماجي آزادي جا گهٽ گهيڙ ئي سوڙها ڪري ڇڏيا آهن.

حڪمران قوتن جي مفاهمتي پڇ ڊڪ دراصل عوام جي ئي خلاف آهي (صرف KESC جي پورهيتن جي تحريڪ، جنهن ۾ هر ٻولي ڳالهائيندڙ پورهيت شامل آهن. انهيءَ حقيقت کي اظهارڻ لاءِ ڪافي آهي) تنهن ڪري هن دور ۾ حقيقي عوامي قوتن جو اڀرڻ پهرين کان وڌيڪ ڏکيو ۽ لازمي ٿي پيو آهي ته جيئن عوام جي نالي ۾ ٿيندڙ بورجوا سياست ۽ استحصال جي سمورين صورتن جو ازالو ٿي سگهي ۽ اهو به تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن عوامي جدوجهد پورهيت نظريي ۽ سياست جي جدلي هيڪڙائي ۾ هجي.

انهيءَ سلسلي ۾ ليبر پارٽي سنڌجي قومي ڪاميٽِي پنهنجي اپريل گڏجاڻي ۾ پارٽي جي نظرياتي ماهوار پرچارڪ مواد کي ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو ۽ انهيءَ فيصلي جي عملي صورت "سماجواد" توهان جي هٿن ۾ آهي. "سماجواد" جو نالو به ڪامريڊ عاصم آخوند پنهنجي زندگي جي پڇاڙڪي ڏينهن ۾ تجويز ڪيو هو. جنهن کي ڪاميٽي متفقه راءِ سان قبول ڪيو هو. سنڌي ۽ اردو "سماجواد" جون ٻوليون هونديون.

سماجواد جو بنيادي ڪارج سنڌ اندر ڪيڊر پارٽيءَ جي جوڙجڪ ۽ مارڪسزم جي ترويج آهي. انهيءَ ترقي پسند، سائنسي فڪر جي هڪ پاسائين تشريح، ۽ ڪوٺ جو نتيجو آهي جو ترقي پسند ڪوڙ ساريون قوتون به ڏيهي ۽ عالمي صورتحال جو صحيح ادراڪ ڪرڻ کان معذور ٿي سماج ۾ ڪو فيصله ڪن ڪردار ادا نه پيون ڪري سگهن. چاڪاڻ ته هڪ انقلابي تنظيم پنهنجي سچ ۾ هڪ انقلابي نظريي جي عملي صورت هوندي آهي ۽ جڏهن انقلابي نظريو ڪٿل يا بنيادي اوليت نه رهندو آهي ته پوءِ انقلابي تنظيمن جو بورجوا يا حڪمران طبقن جي نظرين کان متاثر ٿيڻ به اٽتر ٿي پوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ماضي جون اڪثر ترقي پسند ڌريون پنهنجي مئل انقلابي پروگرام جي مٿاڇري رنگ هيٺ بورجوا سياست جو ئي تسلسل ٿي پيون آهن.

ليبر پارٽي، مارڪسي فڪر کي عوامي جدوجهد جو واحد نظرياتي هٿيار سمجهي ٿي ۽ سماجواد ليبر پارٽي جي

نظرياتي عضوي جي حيثيت ۾ هڪ پاسي پارٽي ڪامريڊن جي تربيت ته ٻئي پاسي سماج جي ترقي پسند ساٿين سان جمهوري انداز ۾ بحث مباحثن ذريعي پنهنجي ۽گڏيل سمجهه کي بهتر ڪرڻ جو مقصد رکي ٿو. سماجواد سماج جي سمورن پيڙهيل طبقن، قومن، گروهن ۽ عورتن کي پنهنجي سياست جو محور سمجهندي، انهن جي انقلابي سياسي ڪردار جي جڙت لاءِ جاکوڙيندو. انقلاب جا هر اول اهي طبقا ۽ سماجي پرت اڄ جي حاوي بورجوا سياست ۾ ثانوي حيثيت ۾ ڌڪجي چڪا آهن. اسين سمجهون ٿا ته هن رياست، مذهبي انتها پسندي، نسل پرستي ۽ موجوده حالتن جي نفي اوستائين نٿي ٿي سگهي جيستائين سماج جا اهي پيڙهيل طبقا ۽ پرت پنهنجي انقلابي فڪر سان سياست ۽ سماج کي نوان بنياد نه ٿا ڏين.

استحصال کان آجي، غير طبقاتي سماج جي حاصلات جي هِن سفر ۾ اسين سنڌ ۽ ٻين قومن جي ترقي پسندن کي به گڏ هلن لاءِ صلاحيون ٿا امید ته پنهنجن لکڻين، تجزين ۽ خطن ذريعي سنڌ جو تنقيدي شعور "سماجواد" ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيندو.

ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ آبادي

بخشل ٿلهو

ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽي ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ ۽ وري ناهه، ذوالفقار مرزا جي بيان ۽ ايم ڪيو ايم پاران نظر آيل ردعمل، سنڌ اندر مختلف ٿيندڙ بحث مباحثن ۾ ايم ڪيو ايم کي مرڪزي حيثيت ڏياري ڇڏي، خاص طور تي ايم ڪيو



ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ آبادي جو گڏيل لاڳاپو ۽ انهن ڏانهن سنڌي ڳالهائيندڙ آبادي جي رويي واري سوال تي ڪوڙ سارا سياسي ڪارڪن، انتهائي حد تائين ورهايل نظر آيا، فيس بوڪ تي ٿيل اهڙي هڪ گرما گرم بحث جو آئون پاڻ حصو رهيس.

جنهن بحث جو مٿي آءٌ ذڪر ڪري آيو آهيان، اهو دراصل ٻن انتهائي متضاد نقطه نظرن ۾ ورهايل رهي، هڪڙين ڌرين جو خيال هو ته ايم ڪيو ايم جو ساٿ ڏجي، ڇاڪاڻ ته اردو آبادي سنڌ جو اڻ ٽٽ حصو آهي ۽ پيپلز پارٽي ڌارين، پناڻن ۽ رياست جي ونگار وهي رهي آهي، اهڙي وقت ۾ ايم ڪيو ايم ۽ اردو آبادي کي اڪيلو ڪرڻ سنڌ دشمني آهي، ساڳي وقت ٻي ڌر جو خيال هو ته ايم ڪيو ايم ۽ اردو آبادي سنڌ جي سڄڻ ناهي ۽ ڪراچيءَ جي بدامني جي ذميوار آهي، تنهنڪري انهن خلاف گهربل قانوني ڪارروائي ٿيڻ گهرجي ۽ ڪين سنڌي تسليم ڪرڻ سنڌ دشمني آهي.

جڏهن ته آئون سمجهان ٿو ته اهي ٻئي نقطئه نظر، جزوي سچايون سنڀاليندي ڪٽل ۽ غلط آهن، بظاهر متضاد نظر ايندڙ اهي ٻئي انتهائون، هڪڙي معنيٰ ۾ هڪجهڙيون آهن ۽ اها هي ته ٻئي ڌريون ايم ڪيو ايم ۽ اردو آبادي ۾ فرق ڪرڻ بجاءِ انهيءَ کي هڪ ڪري ڏسن ٿيون، منهنجو مقصد اهو ڪونهي ته ڪو ايم ڪيو ايم ۽ اردو آبادي ۾ ڪا هڪجهڙائي ڪونهي، پر چوڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته هنن ڌرين کي صرف اها هڪجهڙائي نظر اچي ٿي، فرق نه.

درحقيقت هر لقاءَ جو ٻٽو ڪردار هجي ٿو، هڪ پاسي پنهنجي پاڻ ۾ اهو هڪ ڪُلُ يا هيڪڙائي آهي ته ٻئي پاسي کان وري انهيءَ ڪُلُ ۽ هيڪڙائي ۾ تضاد به هجي ٿو، اهڙي ريت ڪنهن هڪ پاسي تي

زور ڏيڻ ۽ ٻئي پاسي کي درگذر ڪرڻ سان حقيقت جي صرف هڪ پاسائين تشريح پلئه پوندي. اهو هڪ پاسائو نقطه نظر تڏهن حاوي صورت ۾ قبوليت اختيار ڪندو آهي، جڏهن اسان خاص لقائن ۽ مامرن کي ٺوس سماجي حالتن ۾ نه، پر هڪ تجريدي صورت ۾ سمجهندا آهيون. بدقسمتي سان ٻنهي ڌرين وٽ سنڌي، پٺاڻ ۽ اردو ڳالهائيندڙ عوام اهڙي انداز ۾ موجود آهن، جن ۾ نه ڪي داخلي طبقاتي تضاد موجود آهن نه وري ڪي اهي ٺئي سماجي گروهه يا قومون پاڻ ۾ هڪجهڙايون رکن ٿيون. اهڙي نقطئه نظر جي آخري پناهه گاهه چاهيندي يا نه چاهيندي، اها نسل پرستي آهي، جيڪا سماج ۾ عوامي قوتن جي تفريق ۽ سماج جي هيٺائيءَ جو سبب بڻجي ٿي.

مٿي ڄاڻايل ٻن متضاد نقطئه نظرن جو اهو ٺي الميو آهي، هڪ ڌر اردو ڳالهائيندڙ عوام جي آڙ ۾ ايم ڪيو ايم جي فاشسٽ سياست کي ڍڪي ٿي ته ٻي وري ايم ڪيو ايم جي فاشسٽ سياست جي دليل تي اردو آبادي کي قربان ڪري ٿي، توڻي جو ايم ڪيو ايم جو گهڻو تڻو ووٽ بينڪ اردو ڳالهائيندڙ آبادي آهي، پر ايم ڪيو ايم ۽ اردو ڳالهائيندڙ آبادي ۾ اهو فرق آهي، جيڪو پشتو ڳالهائيندڙ عوام ۽ اي اين پي ۾ يا سنڌي ڳالهائيندڙ قوم ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ موجود آهي. دراصل ايم ڪيو ايم، اي اين پي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي مختلف قومن ۽ گروهن جي نمائنده جماعتون نه، پر انهن قومن ۽ گروهن جي مٿين طبقن جون نمائنده جماعتون آهن. هڪ طبقاتي سماج ۾ سياست کي غيرطبقاتي بنيادن تي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ فضول ۽ اجايو آهي. اهڙي ڪوشش سان عوامي قوت سڌي ريت رياست ۽ حڪمران طبقن جي هٿ ۾ هلي وڃي ٿي. جيڪڏهن آئون ڪجهه سوال رکان ته شايد هي مامرو ڪجهه آسان ٿي پئي. ڇا انهيءَ ۾ ڪو شڪ آهي ته اسين هڪ سرمائيدار رياست ۾ رهون ٿا؟ ڇا هڪ سرمائيدار رياست ۾ حاوي رجحانَ ۽ نظريا، حڪمران طبقن جا رجحان ۽ نظريا نه هوندا آهن؟

هيگل چيو هو ته عقل هميشه رهيو آهي، پر عقلي انداز ۾ نه. جيڪڏهن آئون انهيءَ ڳالهه کي ڪجهه هئين رکان ته غلط نه ٿيندو ته عوام هميشه رهيو آهي، پر عوامي (سياسي معنيٰ ۾) انداز ۾ نه. ڇاڪاڻ ته پنهنجي پاڻ ۾ هئڻ ۽ پنهنجي لاءِ هئڻ ۾ وڏو فرق آهي، عوام يا پورهيت طبقو جڏهن صرف پنهنجي پاڻ ۾ وجود رکندو آهي ته پاڻ کي به بورجوا نظريي ۽ نقطه نظر سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر جڏهن هو پنهنجي پورهيت نظريي ۽ انقلابي فڪر سان پاڻ کي سمجهڻ شروع ڪندو آهي ته اسٽيٽسڪو کي ٽوڙي ڪري، پنهنجي طبقاتي، قومي ۽ جمهوري مفادن کي سڀ کان اڳيان رکندو آهي، تنهنڪري اڄ جي مروج معروضي حالتن ۾ ڏوهه عوام جو نه، پر ڪمزور عوامي سياسي قوتن ۽ غالب عوام دشمن سياسي قوتن کي ڏيڻ گهرجي. تنهنڪري غالب سياست، نظرين ۽ عوام جي حقيقي مفادن ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. اهو ايئن آهي ته هڪ رياست ڪٿي کهڙن به طريقن سان سماج تي غالب ڇونه هجي، پر رياست ۽ سماج جو فرق ختم ڪونه ٿيندو.

سنڌ جي ٻهراڙي يا هاري پلي ڪٿي اليڪشن ۾ بار بار جاگيردارن جي حمايت ڪري، ڪين ڪٿرائين، پر سندن وچ ۾ سماجي معاشي فرق ختم نه ٿيندو. بلڪل اهڙي ريت اردو آبادي ۽ ايم ڪيو ايم جي تعلق ۾

فرق کي ڏسڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اسين عوام جي هڪ حصي جي محرومي ۽ ظلم جو ڪُلي سبب عوام جي ٻئي حصي کي سمجهڻ شروع ڪنداسين ته اسين رياست ۽ ان جي سياسي اظهار تي سموري بنيادي ۽ اهم تنقيد کي درگذر ڪري ويٺداسين. چاڪاڻ ته هر سرمائيدار رياست پنهنجي ڳُر ۽ اصل ۾ رجعتي هوندي آهي، رياست ئي هر قسم جي نسل پرستي جي پاڙ آهي، نسل پرستي جو اهو مقصد هڪ رياست، سماج تي غالب بورجوا سياسي قوتن ذريعي حاصل ڪندي آهي، تنهنڪري اسان کي جهيڙو عوام جي ڪنهن خاص صورت سان نه، پر رياست ۽ ان جي سياسي اظهار سان ڪرڻ گهرجي، جهيڙو هر يهودي سان نه، پر اسرائيل ۽ يهودي تنظيمن سان ڪرڻ گهرجي، جهيڙو هر مذهبي شخص سان نه، پر مذهبي انتهاپسند تنظيمن سان هئڻ گهرجي، جهيڙو هر اردو ڳالهائيندڙ سان نه پر، ايم ڪيو ايم سان هئڻ گهرجي.

مٿي جاڻايل ٻن انتهائن تي بيٺل نقطه نظرن تي ٻي تنقيد اها آهي ته اهي معروضي طور پيدا ٿيل سوالن کي جواب ڏيڻ کان اڳ اهو ڪونه ٿا سوچين يا سوچي سگهن ته اهي سوال ڪٿان پيدا ٿيا آهن؟ سوال تي سوال ڪرڻ وارو تنقيدي عوامي شعور ڪين ميسر ڪونهي، جيڪڏهن سوالن تي سوال نه ڪبو ته پوءِ عوام دوست جوابن تائين به ڪونه رسبو. چاڪاڻ ته غالب سياست ۽ رياست، عوام آڏو سوال ئي اهڙي انداز ۾ رکندي آهي، جو جواب به پهرين کان طئه ٿي ويندا آهن، هڪڙا اهڙا جواب، جن جو موجوده اسٽيٽسڪو تي ڪو بنيادي اثر ناهي پوندو، مثال طور جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جي تضاد ۾ سوال هڪ ڪنهن ڏر سان گڏ بيهڻ جو رکيو وڃي ٿو ته موٽ ۾ اهو سوال نه ٿو اٿي ته پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جي تضاد جي طبقاتي ساخت ڪهڙي آهي؟ چاڪاڻ ته ان سوال کان پوءِ پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ۾ فرق گهٽ پر هڪجهڙايون گهڻيون نظر اينديون، مثال طور ٻئي بورجوا جماعتون آهن. ٻنهي جو اسٽيبلشمينٽ ۽ عالمي سامراج سان هڪ ڪمپرومائيز آهي، وغيره وغيره.

گذريل ڪيترن ئي مهينن کان ڪراچيءَ اندر 4500 کي اي ايس سي جي پورهيتن جي تحريڪ به اهو ٻڌائيندي، جنهن ۾ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ٻئي پورهيت موجود آهن، پر نه ته پيپلز پارٽي ۽ نه وري ايم ڪيو ايم سندن جائز مطالبن لاءِ ڪجهه ڪري رهي آهي، اٽلندو ڪي اي ايس سي انتظاميا سان ملي هنن ته تحريڪ ئي ختم ڪرڻ جي بار بار ڪوشش ڪئي آهي، هتي جيڪڏهن اسان انهن ٻن تنظيمن جي هيڪڙائي تي زور ڏيون ۽ فرق نه ڏسون ته ساڳي غلطي ڪنداسين، يقينن پيپلز پارٽي نه جماعت اسلامي جيان انتهاپسند آهي ۽ نه وري ايم ڪيو ايم جيان فاشسٽ، پر اها تنظيم نسل پرستي ۽ انتهاپسندي لاءِ خطرو به ڪونهي، ٻيو ته هن مضمون جو مقصد ڪو بورجوا قوتن جو تقابلي جائزو نه، پر سماج اندر عوام ۾ غالب سياسي صورتن ۾ فرق ظاهر ڪرڻ هو ۽ هڪ ٻي اهم حقيقت ڏانهن اشارو ڪرڻ هو ته بورجوا قوتن جو داخلي سچ تضاد نه، پر مفاهمت آهي، ساڳي وقت تضاد به عارضي، نسبتي ۽ ثانوي حيثيت ۾ جاري رهندا.

گولي فاشزم جو دليل آهي
نثار لغاري

ڪراچي جو امن، ڀهرين ڪان ئي هميشه جيان سوال هيٺ هو ته اهڙي صورتحال ۾ 13 جولاءِ 2011ع تي عوامي نيشنل پارٽي جي دعوت ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير ذوالفقار مرزا جي بيانن جو بهانو بڻائي 15 ماڻهن کي وري ماريو ويو. ذوالفقار مرزا ايم ڪيو ايم جي حوالي سان ساڳيون ڳالهيون ڪيون ۽ اردو آبادي کي اهو ياد ڏياريو ته توهان هتي هٿين خالي آيا هئا. انهيءَ بيان تي ايم ڪيو ايم اشتعال ۾ اچي وئي ۽ 14 جولاءِ تي جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سموري اليڪٽرانڪ ميڊيا تي ڏيکاريو ويو.

اليڪٽرانڪ ميڊيا جي اڪثر چينلن تي ايم ڪيو ايم جي پرتشدد احتجاج بابت ڏوهي ذوالفقار مرزا کي قرار ڏنو ويو. هن هڪ بيان تي جيڪو سخت احتجاج ڪيو ويو ۽ ماڻهن کي ماريو ويو ان بابت ڪنهن به ميڊيا تي سوال نه اٿاريو. هتي جيڪا اهم ترين حقيقت آهي اُها اِها آهي ته مرزا جي صرف زباني بيان کي جواز ڄاڻائي پرتشدد هڙتال ڪئي وئي. هن پرتشدد هڙتال ۾ 15 ماڻهو قتل ڪيا ويا ۽ 40 گاڏين کي ساڙيو ويو. ايترو جبر ۽ تشدد ڪرڻ ڇا هي سڌي دهشتگردي نه آهي؟؟

هي تشدد هي جبر ۽ ڏاڍ جيڪا ذر ڪري رهي هئي ان جو ڪو نالو وٺڻ وارو نه هو. هو ڏاڍي مظلوميت سان پاڻ کي پرامن ماڻهو چوندا رهيا. گهٽ ۾ گهٽ وزير داخلا سنڌ منظور وساڻ کان نهايت احترام سان اِها ڳالهه ڪندي ٻڌي وئي ته هڪ بيان تي 15 ماڻهن جو مارجڻ 40 گاڏين کي ساڙڻ ۽ صدر پاڪستان آصف علي زرداري بابت غلط ڳالهائڻ جي معافي ايم ڪيو ايم وٺي. باقي هن وقت تائين پاڪستان جي سڀني ٽي وي چينلن ويندي بي بي سي ۽ وائيس آف آمريڪا تائين به ايم ڪيو ايم کي اهو ناهي چيو ويو ته آخر هي دهشتگردي ڇو؟! هي ماڻهو مارڻ جو عمل ڇو ڪيو ويو آهي؟! پيائي لوڪن جي ئي بيان کي ميڊيا جيئن جو تيئن ڇاپيو آهي ته عوام پرامن طريقي احتجاج ختم ڪري پنهنجي گهرن طرف هليو وڃي.

14 جولاءِ 2011 تي بحرحال پيپلز پارٽي طرفان ڪمشنري نظام بحال ڪرڻ، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اڳوڻي حيثيت کي بحال ڪرڻ واري ڏڪ جو بدلو طاقت جو مظاهرو ڪري ورتو ويو آهي. هنن اِهو پڻ ثابت ڪيو آهي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد تي اڄ به هنن جو ڪنٽرول آهي. پلي سنڌ اسيمبلي ۾ پيپلز پارٽي يا ڪنهن ذر وٽ ووٽ جي اڪثريت هجي پر ڪراچي ۽ حيدرآباد توڙي ٻين شهرن ۾ انهن جو ڪو اختيار نه هلندو. هڪ طاقتور ذر جيڪو ڪجهه چاهيندي اهو ئي ٿيندو. اِها صورتحال ڇو پيدا ٿي آهي؟! اهو حقيقت ۾ هڪ ڏار سوال آهي جنهن جو جواب خود هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ جي آپيشاهي ۾ آهي. انهيءَ غير جمهوري قوت فاشسٽ ۽ دهشتگرد ٽولا مچائي مواڙ ڪيا آهن جيڪي عوام جي ڪُلهن تي سوار ٿي ويا آهن.

ذوالفقار مرزا ته پنهنجي بيان تي معذرت ڪري ورتي آهي پر انهيءَ لساني تنظيم جنهن ڪراچي ۾ 15 ماڻهو ڪيرائي ڇڏيا آهن ان ڪو افسوس به ناهي ڪيو!!! ۽ حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته هن سڌي دهشتگردي جو ڪنهن جڳهه تان ڪو نوٽيس به ناهي ورتو ويو.

ميڊيا جي اهڙي بدمعاشي ۽ هڪ فاشسٽ ذر جي دهشتگردي جو پڻ احتساب ڪرڻ گهرجي ۽ ٻي اهم ڳالهه ته پيپلز پارٽي جا ڪي دهلاري ذوالفقار مرزا جا ترانا ڳائي

رهيا آهن، هُن جو ڪردار اهڙو آهي جو هڪ وقت وڏو ڀپيڪدار بيان ڏيندي شينهن نظر ايندو آهي ته ٻئي ڏينهن وري گدڙ ٿي ٻيهي رهندو آهي. سندس بيان لسانيت کي وڌايو آهي ۽ ايم ڪيو ايم جيڪا تاريخي تنهائي جو شڪار ٿي رهي هئي ان کي موقعو مليو آهي ته هڪ دفعو وري پنهنجي لسانيت جي فڪر ۽ تصور کي اجاگر ڪري مبهم انداز ۾ نئين صوبي جي گهر تائين هليا وڃن.

پيپلز پارٽي ۽ آفاق احمد جي ياري

ذوالفقار مرزا بابت هڪ خبر آئي هئي جنهن جي تصديق هُن پاڻ ڪئي ته ايم ڪيو ايم حقيقي جو سربراهه آفاق احمد جيڪو لانڍي جيل ۾ قيد آهي ان سان ملاقات ڪري سندس سڀ ڪيس ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڇا هي عمل ٺيڪ آهي؟؟ ڇا آفاق احمد ۽ سندس ٽولو ايم ڪيو ايم جيترو ئي دهشتگرد نه آهي؟؟ سوال اِهو به آهي ته هي مرزا ۽ سندس ٽيم ڪنهن جو ڪم ڪري رهي آهي؟! هڪ دهشتگرد ڌر سان ساٿ ڏئي ان کي عوام جي ڳچي ۾ وجهڻ ڪان پوءِ هاڻ وري هڪ ٻي ڌر کي ڪراچي ۾ دهشتگردي ڪرڻ لاءِ ڇوٽ ڏني پئي وڃي. سنڌ جا سڄاڻ حلقا هي سڀ ڪجهه ڏسي رهيا آهن!!!

مذهبي بنياد پرستي ۽ سماجي ارتقا

يونس راهو

مذهبي بنياد پرستي هن ملڪ جي جنم سان جڙيل آهي پر گذريل ٽن ڏهاڪن ڪان رياستي ڪنٽرول ڪان آزاد سياسي صورت ۾ پاڻ کي اظهارڻ جي ڀرپور ڪوشش ۾ آهي. هڪ اندازي موجب پندرهن هزار ڪان مٿي رجسٽرڊ مدرسا آهن غير رجسٽرڊ مدرسن جو تعداد ٻيڻ ٿي ٿي سگهي ٿو. جتان هر سال چار لک طالب فارغ ٿين ٿا. فارغ ٿيندڙن جو وڏو حصو جهادي گروپن ۽ مذهبي سياسي جماعتن سان سڌي يا اڻ سڌي طرح جڙيل آهن. سنڌ ۾ اترئين علائقن ۾ مدرسن ٺهڻ جو سلسلو اجا به جاري آهي. ان ڪري سنڌ جي ڀهراڙين جي ٻارن جو لاڙو مدرسن ڏانهن وڌيو آهي.

هلندڙ ڏهاڪي دوران پاڪستان جي اهم شهرن سميت پختونخواهه جي ڪجهه علائقن ۾ شرعي نظام لاڳو ڪرڻ، عورتن جي سماجي سرگرمين کي تشدد سان روڪڻ، ڇوڪرين جي اسڪولن، بازارن، رياستي ادارن ۽ سياسي اجتماعن تي خودڪش حملا ڪرائڻ، بينظير ڀٽو، سلمان تاثير ۽ شهباز ڀٽيءَ جي قتل ڪان پوءِ جلد ئي ايبٽ آباد ۾ ملٽري اڪيڊمي جي پاڙي ۾ آمريڪي فوجي ڪاروائي ۾ القاعده اڳواڻ جو قتل اهڙا واقعا آهن جيڪي مذهبي بنياد پرستي جي اُڀارَ ۽ نتيجن جي سوال جو حل ڳولهڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. مذهبي شعور، مذهبي بنياد پرستي ۽ رياست جي لاڳاپي کي طبقاتي تضاد ۾ سمجهڻ، عالمي سامراج جو بنياد پرستي سان اتحاد ۽ تضاد ۽ ان خطي جي ترقي پسند تحريڪ لاءِ اپريل سوال آهن.

مذهبي بنياد پرستي دراصل انساني جذبن کي مذهب جا بنياد ڏيندي زندگي جا سڀئي مامرا مذهبي نقطئه نظر ڪان سمجهڻ ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ جي طريقي کي سماج ۾ منظم سياسي تحريڪ جي شڪل ۾ رائج ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪري رهي آهي. مذهبي تحريڪ جو سگهارو ٿيڻ، خطي جي ترقي پسند تحريڪ جي اوسر ۾ اهم رڪاوٽ بڻيو آهي ۽ اجان وڌيڪ بڻجڻ جا امڪان به رکي ٿو. مذهبي شعور سماج کي تنقيدي بنياد تي سمجهڻ (طبقاتي ۽ قومي تضادن ۾ سمجهڻ) بجاءِ ماڻهو کي رياست جو ڳيجهو

ٻڌائيندي ان کي بيوس ۽ لاچار ڪري ٿو.

چوندا آهن ته جتي علم ۽ عقل کُٽي ٿو اتان آفاقي حقيقت شروع ٿئي ٿي. يعني ته آفاقي حقيقت صرف جهالت ۾ ئي جي سگهي ٿي. بلڪه ان ڳالهه کي اجان هيئن درست ڪجي ته مذهبي بنياد پرست آفاقي وجود کي عمل جي سائنس ۾ سمجهڻ بجاءِ اونداهه ۾ ئي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي اِها تاريخ جي مختلف دورن ۽ واقعن کي هڪ ئي حالت ۾ يعني بيٺل جامد صورت ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

مذهبي بنياد پرستي مذهبي تحريڪ کي پنهنجي دور جي مادي حالتن جي ارتقائي سلسلن ۾ سمجهڻ بجاءِ هر دور تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. بلڪل ائين جيئن ڪو پنجويهه سالن جو ڪو نوجوان چوري ڪندي پڪڙجي پئي ۽ انهيءَ چور لاءِ ڪو ائين چوي ته هي نوجوان جڏهن ٻارهن سالن جو هيو ته هن جي سوچ ڏاڍي سٺي هئي، سٺا عمل هئس لحاظه ان جو حل هي آهي ته ڪيئن به ڪري ڪو به طريقو ڪڍي پنجويهه سالن جي نوجوان کي پنهنجي ٻارهن سالن واري ٻار وانگر سوچڻ شروع ڪرايو. هو پنهنجو پاڻ کي مذهبي جذبن جو غلام ڪري ڇڏيندا آهن. سماج جي سياسي عمارت کي مذهبي جذبن جي بنياد تي اڏڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هو ڪنهن زلزلي ۾ ڪمزور عمارت جي ڊهڻ ۽ مضبوط عمارت جي نه ڊهڻ واري سوال کي سمجهائڻ بدران عذاب الاهي قرار ڏئي ماڻهن جي شعور کي مڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

حڪمراني متعلق نقطئه نظر هي آهي ته اصل حاڪميت آفاقي وجود جي آهي ۽ حڪمران آفاقي وجود جو نمائندو آهي. حڪمران خلاف بغاوت آفاقي وجود سان بغاوت آهي. هن نقطئه نظر مطابق ڪو به حڪمران پلي اهو قابض ئي چو نه هجي پر مذهبي اڳواڻ جي نظر ۾ امت جو بهترين فرد آهي. ٻئي طرف طبقاتي استحصال کي جاري رکڻ جي لاءِ اِهو نقطئه نظر پيش ڪندا آهن ته خدا جي مرضي آهي ته هُو ڪنهن کي عزت ڏئي ته ڪنهن کي ذلت ڏئي. هي دنيا فاني آهي. صبر ۽ شڪر جي تلقين سان هر مجلس جي واعظ ۾ مذهبي اخلاقيات سان گڏ سڄو زور مٿين ڳالهين تي ڏيندا آهن. عوامي سطح تي اهڙي مذهبي تبليغ پورهيت عوام کي طبقاتي تضادن جي سمجهه ۽ معاشي تعلقاتن جو تنقيدي جائزو وٺڻ کان سختي سان روڪي ٿي. فرض ڪريو ته ڪو ماڻهو اهو يقين ڪري ويهي ته هيءَ دنيا واقعي فاني آهي ۽ اميري غريبي جا معاملا سماج کان مٿي ڪا طاقت ئي طئي ڪري ٿي ته اهو ماڻهو ڪنهن به ترقي پسند سماجي تبديلي ۾ پنهنجو ڪردار ڪيئن ادا ڪندو؟ هو پورهيت طبقي جي استحصال کي آفاقي قانون موجب صحيح سمجهندو. اهو ئي سبب آهي ته سامراج، رجعت پسند حڪمران طبقا پنهنجي آمراڻي حڪومت کي قائم رکڻ لاءِ مذهبي بنياد پرستي کي استعمال ڪندا آيا آهن.

آمر ضياءَ سرمائيدارن جي مفادن وٽان پورهيت طبقي جي اگهاڙي استحصال ڪرڻ خاطر ڪارخانن ۾ ٺيڪيداري نظام تحت پورهيتن کي مستقل ملازمت بجاءِ ڊيلي ويجز جي پاليسين کي لاڳو ڪرڻ وقت مذهب جو ائين استعمال ڪيو ته اسلام مطابق مزدور جو پگهر سڪڻ کان اڳ ان کي مزدوري ملڻ گهرجي.

مذهبي بنياد پرستي پنهنجي روح ۾ عورت دشمن آهي جيڪا رسمن ۽ ثقافت جي مذهب جي بنياد تي تشريح سان سماج کي اهڙو ته گدلو ڪندي آهي جو انساني ارتقا جو عڪس ڏنڌلو ٿي ويندو آهي.

علي عباس جلال پوري چوي ٿو ته انساني تاريخ ۾ جتي مذهبي اڳواڻن سياسي اختيار حاصل ڪيو اتي عصمت

فروشي ۽ غلامن جي واپار ۾ واڌارو ٿيو. ان ۾ هڪ نازڪ نفسياتي محرڪ ڪم آيل آهي. ذهني ساٿ ڪان ويڳاڻپ جي رجحان جي جنسي بي پهچي احساس تي ختم ٿئي ٿي، تنهن ڪري ان ناڪامي جي تلافي تشدد ۽ حاڪماڻي اختيار ۾ ڳولهندو آهي. اهڙي قانون جو سياسي پاسو هي آهي ته رياست عورت جي تعليم، روزگار جهڙين ذميوارين ڪان آجي ٿئي ٿي. عورتن جي سياسي سماجي سرگرمين کي به روڪي ٿي ۽ اهڙو ڪٽنب جنهن ۾ عورت اطاعت ۾ رهي ٿي خود معاشري کي به اطاعت سيکاري ٿي.

بحراني حالتن ۾ مذهبي شعور رڪندڙ جڏهن پاڻ کي سياسي تحريڪ ۾ اظهاري، ته واضح طور تي سمجهڻ گهرجي ته رجعت پسند قوتون معاشري جي انقلابي گهرجن بجاءِ سڄي سماج کي بربريت طرف ڌڪڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن.

طبقاتي تاريخ ۾ حڪمران طبقا پورهيت طبقي جي ويڙهاند خلاف رياستي طاقت سان گڏ نظرياتي هٿيار وڏي مهارت سان استعمال ڪندا آيا آهن. ڪنهن نظريي جو تعين حڪمران طبقن جا فرد پنهنجي ذاتي خواهشن جي بنياد تي نه ڪندا آهن پر طبقاتي مفاد تي طئه ڪندا آهن ته ڪهڙو نظريو سندن استحصالي مفادن جي پورائي لاءِ وڌيڪ ڪارگر آهي.

جاگيرداراڻي استحصال جي پورائي لاءِ مذهبي نقطئه نظر وڌيڪ ڪارگر هو پر يورپ اندر قومي سرمائيداري جي اوسر ۾ جڏهن مذهب رڪاوٽ بڻيو ته سرمائيدار حڪمران مذهب کي رياستي عمل ڪان الڳ ڪري ڇڏيو. جڏهن سرمائيداري اجارادار سرمائيداري ۾ تبديل ٿي ٻين قومن کي غلام بڻايو ته اتي اجارادار سرمائيداري مذهبي بنياد پرستي کي استعمال ڪيو ۽ ڪري ٿي. خاص طور تي ٻي عالمي جنگ ڪان پوءِ

ڪميونسٽ تحريڪ جو اُڀار عرب قومي تحريڪ سميت سڀني بيٺڪيتن ۾ قومي آزادي جون تحريڪون ۽ جنگيون، ويٽنام ۾ آمريڪا کي شڪست عالمي سامراج جي اڳو واضح ڪري ڇڏيو ته صرف فوجي طاقت جي بنياد تي آزادي جي تحريڪن کي نه ٿو روڪي سگهجي. عرب قوم پرستي جي اڀار ئي آمريڪي سامراج کي مجبور ڪيو ته سعودي عرب مان پنهنجا فوجي اڏا ختم ڪندي پنهنجون فوجون واپس ڪري. عرب قومي تحريڪ آمريڪا حامي بادشاهتن لاءِ به خطرو بڻجڻ شروع ڪيو. انهيءَ وقت آمريڪي سامراج پنهنجي مفادن جي بچاءَ لاءِ مذهبي بنياد پرست گروپن ڏانهن رجوع ڪيو. جن کي پنهنجي امداد سان منظم ڪندي ترقي پسند عوامي تحريڪن جي سامراج مخالف حڪومتن خلاف ميدان تي لاٿو ويو. ان جي واضح صورت اسان کي افغان حڪومت خلاف پاڪستان ۾ جهادي قوتن کي، سعودي بادشاهه جي حمايت سان مذهبي جهاد جي صورت ۾ نظر اچي ٿي. ايڏي وڏي پيماني تي جهادين جي مالي، فوجي ۽ سياسي امداد مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته خود عالمي سامراج ترقي پسند تحريڪ سان ڊگهي مدي جي ويڙهه جي تياري ڪري چڪو هو. سندن اهو اندازو ئي نه هو ته ڪميونسٽ تحريڪ پنهنجي اندروني ڪمزورين جي ڪري ايترو جلدي پوئتي هٽي ويندي ۽ ڊگهي عرصي تائين عالمي سامراجيت جي لاءِ ڪو وڏو خطرو نه رهندي. بعد ۾ ڪافرن خلاف تيار ڪيل جهادين جو ڪجهه حصو خود آمريڪا جي ٽڪراءَ ۾ اچي ويو ۽ انهيءَ جنگ جو ميدان پاڪستان به آهي.

هندستان جو ورهاڱو ۽ پاڪستان جو ٺهڻ باشعور قومي تحريڪ جو نتيجو نه آهي. هندو سرمائيدار ۽ مسلمان اشرافيه جو تضاد ٻي عالمي جنگ ۾ برطانوي سامراج جو ڪمزور ٿيڻ، هندستان جي آزادي جي

امڪانن، مسلمان نوڪر شاهي، سردارن ۽ جاگيردارن جو مفادن جي خطري جي امڪانن، مسلمان حڪمران طبقي لاءِ انگريز سامراج جي وفاداري عيوض هندستان جي ورهاست کي يقيني ڪيو. جيڪا به قومي نظريي تحت وجود ۾ آيو.

مسلم ليگ جي اعليٰ قيادت، قرارداد لاهور کان وٺي جناح صاحب جي وفات تائين نئين ٺهندڙ ملڪ جي سياسي ۽ معاشي پاليسي نه جوڙي سگهيون. سياسي قيادت جي انهيءَ ڪمزوريءَ، نوڪر شاهي کي طاقتور ٿيڻ جو موقعو ڏنو ۽ ورثي ۾ مليل نوڪري شاهي جيڪا اڳ برطانوي حڪومت ڏانهن جوابده هئي. سندن تعليمي تربيت سامراجي استحصالي مفادن جو تحفظ ڪرڻ، عوامي تحريڪن کي طاقت ۽ سازشن سان ڪچلڻ ۽ نظم و ضبط قائم رکڻ هو، اها هاڻي آزاد ٿي چڪي هئي.

اهڙو حڪمران طبقو جيڪو گهٽ ۾ گهٽ به، ترقي پسند ڪردار ادا ڪرڻ کان نااهل هوندو آهي، اهو پنهنجي زندگي لاءِ رجعت پسندي ۾ ئي پناهه وٺندو آهي. هي رجعت پسندي ئي اهڙن نااهل حڪمرانن جي ڪمزورين کي لڪائيندي، تشدد جو جواز پيدا ڪندي آهي. تنقيد جي ترقي پسند عمل کي روڪيندي آهي. اهو ئي سبب آهي ته هي ملڪ پنهنجي پوري تاريخ ۾ مظلوم قومن ۽ پورهيت طبقي لاءِ قيد خانو رهيو آهي. استحصال کي جاري رکڻ اپرندڙ قومي ۽ جمهوري سوال کي حل ڪرڻ بجاءِ پنهنجي اگهاڙي جبر کي مذهبي جواز ڏيندي رهي آهي. هن ملڪ جي مذهبي اڳواڻن کي مٽي اگهاڙي عورت تي ته چڙ ايندي آهي پر بنگال ۾ هزارين عورتن جي وحشياڻي انداز ۾ فوجين مٿان ٿيل لڄالٽ تي چپ سبيل آهن. سندن تاريخ جو هيرو اهي آهن جن هند ۽ سنڌ تي قبضي وقت وڏي پيماني تي قتل عام ڪيو. مقامي عبادت گاهن جي تذليل ڪندي تاراج ڪيو.

ماضي ۾ صوفي حڪمران طبقي جي اندروني خانه جنگين يا ٻاهرين قابض حڪمرانن سان مذهبي مُلي ۽ پير مرشد جي تعلق کي اگهاڙو ڪندي نظر اچن ٿا. جنهن ۾ وطن پرست بهادر جي واڪاڻ ۽ وطن ۾ سڀني مذهب جي ماڻهن کي اتحاد جي اپيل ڪن ٿا، پر ان ۾ ڪمزوري اها آهي ته صوفين جي تحريڪ صرف جذبن جي آذاري تي جنهن جي ڪري سماج ۾ ايترو اثر پيدا نه ڪري سگهي. صوفين جي تحريڪ جديد سياسي شڪل اختيار ڪرڻ کان لاچار هئي. ترقي پسند فڪر جي ارتقائي سلسلن جي جڙڻ سان ئي اسان اڄ جي اپرندڙ رجعت پسندي کي آخري شڪست ڏيئي سگهون ٿا. ڪجهه قوم پرست چون ٿا ته سنڌ صوفين جي سرزمين رهي آهي. انهيءَ جي ڪري سنڌ مذهبي بنياد پرستي جا ڪي به بنياد نه ٿي رکي. مذهبي بنياد پرستي سنڌ جو مسئلو نه آهي. انهيءَ نقطئه نظر جي بنياد تي دهشتگردي مخالف جنگ ۾ آمريڪي سامراج جي حمايت ڪندي آمريڪا مان سنڌ جي آزادي جي اميد لڳايو ويٺا آهن. اهڙي لڏي جا قوم پرست تضادن ۽ اتحادن جي سائنس سمجهڻ بجاءِ صرف خواهشن تي ئي زنده رهندا آهن.

ڪي تضاد اهڙا به ٿيندا آهن. جو پاڻ ۾ نندي يا وڏي خونريز جنگ ۾ به هوندا آهن هڪ ٻي جو بچاءُ به ڪندا آهن. مثلاً ٻي عالمي جنگ کان پوءِ شڪست کاڌل ملڪن جو سرمائيدار وري پنهنجي دشمن سرمائيدار سان اتحاد ۾ وڃي ٿو، سرمائيدار ته نظام جي مضبوطي ۽ جيئندان لاءِ جاکوڙي ٿو. ائين سرد جنگ دوران جاپان جو سرمائيدار هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽمي حملي باوجود آمريڪي سامراج جي وڏن اتحادين ۾ شامل ٿئي ٿو. ائين آمريڪي سامراج سان جهيڙي باوجود مذهبي بنياد

پرستي عالمي سامراجيت کي بچائي ٿي.

پر ڦورو قوتن جي ويڙهه ڦرجندڙن لاءِ نه هوندي آهي پر ڦرمان حاصل ڪيل مال جي حصي پتي لاءِ هوندي آهي ۽ حصي پتي جي تعين سندس اهليت ۽ طاقت تي هوندو آهي. اتي ماڪسزم جي سچائي ظاهر ٿئي ٿي ته سرمائيداري پنهنجي آخري منزل ۾ رجعت پسند بڻجي ويندي آهي.

هندستان ۾ مذهبي بنياد پرستن جي حملي باوجود هندستان لاءِ وڏو خطرو نيڪسلائيٽ ئي آهن جنهن جو اظهار خود هندستاني حڪمران ئي ڪن ٿا. اڀرندڙ طبقاتي لڙائي يا ترقي پسند قومي آزادي جي لڙائي پنهنجي آخري نتيجي ۾ سامراج مخالف ئي هوندي آهي ۽ جڏهن پئي لڙايون اپريل هونديون آهن ته عالمي سامراج لاءِ بهترين ايجنٽ جو ڪردار ڪٿي مذهبي ۽ ڪٿي نسلي فاشسٽ ئي ڪندا آهن.

مارڪسزم جي تخليقي اوسر مزدور طبقي جي تحريڪن جي ارتقا، به جنگيون سويت ڪميونسٽ تحريڪ جي ستر ساله ڪاميابي جو عظيم تجربو، سرد جنگ مظلوم قومن جي آزادي جون لڙائي سرمائيدارن جي حامي دانشورن کي تهذيبن جي ٽڪراءَ جهڙا سبق ڏيڻ تي مجبور ڪيو ته اجارادار سرمائيداري پنهنجي ڪمزور اتحادين سان ٽڪراءَ تضادن جو اظهار فاشسٽ ۽ رجعتي صورتن ۾ ڪيو ته جيئن سرمائيداري جي اندروني تضادن جي نتيجي ۾ ترقي پسند قوتن جي امڪانن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪيو وڃي.

وچ اوڀر جي انقلاب جو ردانقلاب

ٿيري ميسن/ سنڌيڪار: پرويز سولنگي

ٽن مهينن اندر عرب دنيا جون ٽي دوست ڪٺ پتلي حڪومت کي پئسا اولهه دوست حڪومتون هيٺ ڪريون آهن. لبنان جي پارليامينٽ سعد حريري جي حڪومت کي ختم ڪيو، هوڏانهن تيونس ۾ هڪ پاسي زين العابدين بن علي ته ٻئي پاسي مصر جو حسني مبارڪ کي عوامي تحريڪن ڪيرِ ڦٽو ڪيو. انهن تحريڪن کان پوءِ اسان کي آمريڪي تسلط ۽ صهيونيت خلاف وڏا عوامي مظاهرا نظر آيا. اهي مظاهرا ٻن مزاحمتي قوتن کي فائدو ڏئي سگهن ٿا، جنهن ۾ حڪومتي سطح تي ايران ۽ شام آهن ۽ غير حڪومتي سطح تي حزب الله ۽ حماس آهن.

اهڙي صورتحال ڏسندي، رد انقلاب جي پاليسي کي هٿي ڏيڻ لاءِ واشنگٽن ۽ تل ابيب پنهنجي وفادار ساٿارين تي ڀروسو ڪيو آهي. اهو آهي سوديري قبيلو جيڪو ٻين خاندانن کان وڌيڪ بهتر طريقي سان سخت جبر ذريعي سامراج جي خدمت لاءِ هميشه موجود رهيو آهي.

سوديري قبيلي جو تعارف

توهان هن جي باري ۾ يقيناً ڪڏهن به ڪونه ٻڌو هوندو، هي خاندان ڪيترن ئي ڏهاڪن کان دنيا جي امير ترين سياسي آرگنائيزيشن رهي آهي.

سعودي عرب جي بانيڪار بادشاهه ابن سعود کي 53 پٽ هئا، جن مان ست سوديري خاندان سان تعلق رکن ٿا، هن خاندان جو اڳواڻ بادشاهه فهد هو جنهن 1982ع کان 2005ع تائين سعودي تي حڪومت ڪئي. هن جي وفات کان پوءِ هاڻي ڇهه سوديري بچيا آهن. انهن ڇهن مان وڏو ڀاءُ شهزادو سلطان آهي جيڪو 1962ع کان دفاع جو وزير آهي ۽ هن جي عمر 85 سال آهي.

71 سالن جو ننڍي ۾ ننڍو ڀاءُ شهزادو احمد 1975ع کان ڊپٽي وزير داخلا آهي. 60 جي ڏهاڪي کان هي خاندان ئي آهي جنهن عظيم وچ اوڀر جي ملڪن ۾ اولهه دوست ڪٺ پتلي حڪومت کي پئسا

فراهم ڪيا آهن ۽ انهن جي جوڙجڪ ڪئي، ڪين ٽاٽيو ۽ پاليو آهي. هن ”خاندان“ کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ماضيءَ ۾ هلڻو پوندو... اچو ته هن کي اتان کان سمجهون.

سعودي عرب هڪ اهڙو قانوني وجود آهي، جنهن کي برطانيه سامراج پهرين مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ پيدا ڪيو ته جيئن سلطنت عثمانيه کي ڪمزور ڪري سگهجي. هن پاليسي تحت اهو لارنس آف عربيا هو جنهن ”عرب قوم“ جو نظريو ايجاد ڪيو ۽ عرب قوم اڏڻ جي ڪوشش ڪئي پر افسوس، هو هڪ ملڪ جي قوم ته ڪونه ٺاهي سگهيو پر هڪ رياست ضرور ٺاهي ويو ۽ اها رياست تڏهن کان وٺي هن مهل تائين ال سعود وارن جي ذاتي ملڪيت ٿي رهي آهي.

اليماما واري ڪرپشن جي واقعي جي جانچ منظر عام تي اچڻ ڪانپوءِ به توهان اهو ڄاڻي حيران ٿيندو ته سعودي حڪومت جو هن 21 هين صديءَ ۾ ڪوبه سرڪاري اڪائونٽ يا الڳ بجيٽ نه آهي. شاهي خاندان جا فرد پنهنجن ذاتي اڪائونٽس مان سعودي جي انتظاميه هلائڻ لاءِ پئسا ڏيندا آهن.

هاڻي ٿورو ماضيءَ ۾ اڳتي اچو.

ٻي مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ جڏهن برطانيه وٽ ايتري همت نه بچي، جو هن علائقي کي وڏيڪ پنهنجي تسلط هيٺ رکي سگهن ته سعودي برطانيه جي ڪنٽرول مان نڪري اچي آمريڪا جي جهولي ۾ ڪريو. ان وقت جي آمريڪا واري صدر روز ويلٽ ۽ ابن سعود جي وچ هڪ اتحاد ٿيو. تاريخ ۾ هن اتحاد کي Quincy agreement جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. Quincy ان ٻيڙي جو نالو آهي جنهن ۾ ويهي آمريڪا ۽ سعودي جي چڱ مڙسن پنهنجن پنهنجن ذاتي ۽ سياسي مفادن تي هڪ ٻئي کي اعتماد ۾ ورتو هو. هي ڪو ٻن رياستن جي وچ ۾ ٺاهه يا معاهدو ڪونه هو پر هڪ رياست جو هڪ ٻئي خاندان سان اتحاد هو.



هن اتحاد جي مطابق سعود خاندان آمريڪا کي تيل جي فراهمي جي ضمانت ڏني هئي ۽ ان جي بدلي آمريڪا سعودي کي فوجي امداد ڏيڻ جي يقين دهاني ڪرائي هئي. آمريڪا جي طرفان ڏنل هن فوجي امداد جو مقصد سعودي عرب جي سرحدن جو دفاع نه پر صرف سعود خاندان جي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ هو ۽ انهن جي اقتدار جي راهه ۾ ايندڙ هر رڪاوٽ کي ختم ڪرڻ هو.

*

سعودي عرب جي باني بادشاهه ابن سعود کي 32 (ٻٽيهه) زالون ۽ 53 (ٽيونجاهه) پٽ هئا. ٿوري وقت ۾ وارثي جي حق تي شاهي خاندان ۾ جهيڙا شروع ٿيا. هن شي کان بچڻ لاءِ شاهي خاندان گڏجي فيصلو ڪيو ته تاج جي منتقلي پيءُ کان پوءِ پٽ ڏانهن ڪونه ٿيندي. ڇاڪاڻ ته 53 پٽ آهن ان ڪري تاج هڪ ويڳي ڀاءُ کان ٻي ويڳي ڀاءُ ڏانهن منتقل ٿيندو.

هن قانون مطابق ابن سعود جا پنج پٽ اڳ ۾ ئي تخت تي ويهي چڪا آهن. سعودي جو موجوده بادشاهه عبدالله جنهن جي عمر 87 سال آهي. هن کي توڙي جو اڄ جي سياسي حقيقتن جي ڪا وڏي ڄاڻ نه

آهي پر هو وري به نسبتاً ڪليل ذهن جو مالڪ آهي. هن جلدي چاڻي ورتو ته هڪ ويڳي ٻاءُ ڏانهن تاج جي منتقلي وارو نظام گهڻو وقت جٽادار رهي ڪونه سگهندو. ان جي ڪري بادشاهه عبدالله اهو ارادو رکي ٿو ته حق جانشين وارري قانون ۾ ڪجهه تبديليون آڻجن. جنهن جي مطابق شاهي خاندان مان ڪجهه ماڻهو چونڊي انهن جي هڪ ڪائونسل ٺاهجي. اها ڪائونسل هن ڳالهه جو فيصلو ڪندي ته تاج ڪهڙي شهزادي جي سر تي رکيو وڃي. هن قانون تحت نوجوان شهزادن کي به بادشاهه ٿيڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو.

بادشاهه عبدالله جو پرمغز هي خيال سوديري پائرن کي ڪونه آئيڙيو. چاڪاڻ ته بادشاهه عبدالله کان پوءِ سعودي جو مطلق العنان ٿيڻ جو وارو ٽن سوديري ڀارن جو آهي. هڪ آهي 85 (پنجاسي) سالن جو اڳوٽو وزير داخلا شهزادو سلطان ۽ ٻيو آهي 78 (اٺهتر) سالن جو شهزادو نيف جيڪو وزير داخلا آهي ۽ ٽيون آهي 75 (پنجهتر) سالن جو شهزادو سلمان جيڪو رياض جو گورنر آهي. نئي قانون جي تحت هي ٽئي ڀائر تخت کي ايترو آساني سان حاصل ڪري ڪونه سگهندا.

هاڻي، اسان مان هر ڪو اهيو آساني سان سمجهي سگهي ٿو ته سوديري پنهنجي وڳي ڀاءُ (ڪند عبدالله) سان نفرت ڇو ڪن ٿا ۽ ڇو ان جي هنن کي بلڪل پرواهه ناهي هوندي؟ هي اهي حقيقتون آهن جن کي مدِنظر رکندي سوديري پائرن ان ڳالهه جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته اهي پنهنجون سموريون قوتون موجوده جدوجهد ۾ لڳائي ڇڏيندا.

بندار بش جي واپسي (The Returen of Bandar Bush)

70 جي ڏهاڪي ۾ جڏهن سودئري خاندان جي اڳواٽي شهزادو فهد ڪندو هو ته هن پنهنجي ڀاءُ شهزادي سلطان جي ڀارن مان شهزادي بندار کي قابليت سان پريل ڏٺو. شهزادي بندار جي قابليت کي آزمائڻ لاءِ شهزادي فهد هن کي واشنگٽن موڪليو ته جيئن هي صدر ڪارٽر سان هٿيارن جي خريد تي ڳالهيون ڪري اچي. جهڙي طريقي سان شهزادي بندار انهن ڳالهين کي پايه تڪميل تي پهچايو اهيو سپ شهزادي فهد لاءِ ڪافي متاثر ڪن هيو. پوءِ جڏهن شهزادو فهد 1982ع ۾ سعودي جي تخت تي ويٺو ته شهزادو بندار هن جو بااعتماد ماڻهو ٿي ظاهر ٿيو. هن شهزادي کي پهريون ملٽري اتاچيءَ پوءِ واشنگٽن جو سفير مقرر ڪيو.

پرنس سلطان جو هي پٽ جيڪو لبيا جي هڪ ٻانهي مان پيدا ٿيل آهي. هڪ ذهين ۽ بي رحم ڪردار جو مالڪ آهي. هڪ غلام ماءُ جي پٽ وارو داغ هوندي به بندار پنهنجي شاتر دماغ سبب شاهي خاندان ۾ هڪ الڳ حيثيت حاصل ڪئي آهي. هو اڄ به سوديري پوڙهن جي لاءِ ڪم ڪندڙ بهترين فرد آهي.

شهزادي بندار ڪافي عرصي تائين واشنگٽن ۾ ڪم ڪيو ان جو نتيجو هي نڪتو ته هي بش خاندان جي تمام گهڻو ويجهو ٿي ويو. ايسٽائين جو جارج ايچ بش ۽ بندار کي الڳ بلڪل به نه ٿو ڪري سگهجي. هنن جا تعلق ايترا ته گهرا آهن جو هڪ دفعي سينئر بش پنهنجي حسرت بندار کي ٻڌائي ته ڪاش هن کي بندار جهڙو هڪ پٽ هجي هان ۽ پوءِ شهزادي بندار هن جي اها حسرت پوري ڪري ڇڏي ۽ پنهنجو پاڻ کي مسٽر بندار بش سڏرائڻ لڳو.

CIA جي اڳوٽي ڊائريڪٽر ۽ آمريڪا جي سابقه صدر جارج بش کي بندار بش جي جنهن ڳالهه متاثر ڪيو آهي اها هي آهي ته مسٽر بندار ڪنهن به غير قانوني ڪم کي بهترين طريقي سان سرانجام ڏيڻ جي مهارت رکي ٿو. پنهنجي انهن لياقتن

سبب، بندار بش آمريڪا جي (high society) مٿئين طبقي ۾ پنهنجي جڳهه ناهي ورتي آهي. هي ”Aspen“ ۽ ”Bohemian grove“ جو ميمبر ۽ انسٽيٽيوٽ جو تاحيات مئنيجر آهي.



شهزادو بندار پنهنجي ياءُ بُش جونيئر سان گڏ

برطانيه جي عوام کي بندار بش جي خبر پهريون دفعو تڏهن پئي جڏهن اليماما اسڪينڊل منظرعام تي آيو. اليماما اسڪينڊل تاريخ ۾ هٿيارن جي وڏي ۾ وڏي وڪري بابت هو. جنهن ۾ بي بها ڪرپشن ڪئي وئي. 1985ع کان 2006ع تائين هلندڙ هن ڪاروبار ۾ برطانيه جي ايرو اسپيس (Aero space) جنهن جو پوءِ نالو مٽائي (BAE) رکيوويو سعودي عرب کي 80 بلين ڊالر جي ملهه جا هٿيار وڪرو ڪيا.جنهن جي ڪري هن ڪاري ڪاروبار جي پيسن جو ڪجهه حصو برطانيه ۽ سعودي جي سياستدانن جي ذاتي اڪائونٽس ۾ خاموشيءَ سان ويندو رهيو. شهزادو بندار اڪيلو فرد هو جنهن جي ذاتي اڪائونٽ ۾ انهن پئسن مان به بلين ڊالر جمع ڪرايا ويا. به بلين ڊالر تمام وڏي رقم آهي پر چاڪاڻ ته جناب اعليٰ کي تمام وڏي ذميواري سونپيل هئي ان ڪري ان سان ڪوبه حساب نه ڪيو ويندو هو. هن جي ذميواري اها هئي ته سرد جنگ واري دور ۾ M16 ۽ CIA جي گذارش تي سعودي ۽ پاڪستان جي خفيه ايجنسين جي مدد سان عرب جنگجو تيار ڪرائي ڪين افغانستان ۾ سرخ فوج سان جنگ وڙهائي. هن سچي صورتحال جنهن مشهور ارب پتي شخصيت کي ظاهر ڪيو اهو ڪو ٻيو نه بلڪه ڪميونسٽ مخالف جهادي اسامه بن لادن هو. مختصراً ته ان بابت ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي ته شهزادي بندار جي چئي آڪي ۽ هٿ ۾ ڪيترا ماڻهو آهن؟ پر ڪافي عرصي کان اهو ڏٺو ويو آهي ته موراڪو کان وٺي چين تائين ڪيترن دهشتگردي جي واقعن ۾ بندار جا ماڻهو ملوث رهيا آهن. انهن جو هڪ مثال هي آهي ته لبنان ۾ نهرالبرد جي جڳهه تي فلسطينن جي هڪ ڪيمپ هئي. شهزادي بندار اتي فتح الاسلام نالي سان هڪ ننڍي فوج تيار ڪئي. ان فوج يا ويڙهاڪن جو ڪم اهو هوندو هو ته اهي سني مسلمان پائرن کي هن ڳالهه تي راضي ڪن ته اهي پنهنجي الڳ رياست ناهڻ لاءِ جدوجهد ڪن ۽ پنهنجي دشمن حزب الله وارن سان جنگ وڙهن پر سني سلطنت ناهڻ وارو خواب ان وقت چڪنا چُور ٿي ويو جڏهن مجاهدن کي وقت تي پگهارون ملي نه سگهيون ۽ 2007ع تي شهزادي بندار جا هي جانثار سپوت ان ئي ڪيمپ ۾ مورچا بند ٿي ويهي رهيا ۽ انهن ڪيمپن ۾ موجود 3 هزار فلسطيني مسلمانن کي زبردستي ڪيڏي ڇڏيو. آخرڪار لبنان جي فوج کي ڪيمپ ۾ موجود قابض مجاهدن خلاف آپريشن ڪرڻو پيو. بندار جي ماڻهن ۽ لبنان جي فوج ۾ جنگ لڳي وئي جيڪا به مهينا جاري رهي. هن جنگ ۾ 32 فلسطيني 50 ويڙهاڪ ۽ 68 لبنان جا فوجي موت جو شڪار بڻيا. نهرالبرد جي هن واقعي جهڙا ڪافي واقعا آهن جيڪي بندار بش جي ماڻهن جا ڪيل آهن.

2010ع جي شروع ۾ بندار بش هڪ ٻئي سازش سٽي، هن منصوبا بندي جو مقصد هو ڪنگ عبدالله کي ڪهڙي به طريقي سان تخت تان دست بردار ڪرڻ ۽ ان جي جاءِ تي پنهنجي والد سلطان کي سعودي جو بادشاهه بنائڻ.... مگر بدقسمتي سان هن سازش جو پتو ڪنگ عبدالله کي پئجي ويو ۽ بندار کي بي عزت ڪري سعودي مان ڪڍيو ويو پر هُن کان سرڪاري

عهده واپس نه ورتا ويا. 2010ع جي آخر ۾ جڏهن ڪنگ عبدالله سخت بيمار ٿي پيو ته سوديري خاندان ان موقعي مان فائدو وٺندي ۽ اوبامه انتظاميه جي مدد سان بندر کي واپس سعودي ۾ گهرائي ورتو.

ڪنگ عبدالله بيماري دوران جڏهن واشنگٽن جي هڪ اسپتال ۾ زير علاج هو ته لبنان جو وزيراعظم سعد حريري بادشاهه جي عيادت لاءِ پهتو. بادشاهه جي خراب حالت ڏسي هن اندازو لڳايو ته هي جهونو شينهن ڪجهه ڏينهن جو مهمان آهي. ان ڪري هن بادشاهه عبدالله سان وفاداريون بدلائي سوديري خاندان جي چپر ڇانوَ ۾ اچي ويٺو. اِهو به ياد رهي ته سعد حريري ڄائو ته سعودي ۾ هو پر هن جو به قوميتون آهن. حريري جي پيءُ جيڪا به دولت پنهنجي هن پٽ لاءِ ڇڏي هئي اها سڀ بادشاهه سعود جي مهربانين جي ڪري ٿي هئي. اها ئي وجهه هئي جو سعد حريري بادشاهه عبدالله جي انتهائي ويجهن ماڻهن مان هو ڪنگ عبدالله هن قرب کي اجان وڌائيندي سعد کي لبنان جو وزيراعظم بڻائي ڇڏيو هو. جنهن تي آمريڪا تشويش جو اظهار ڪيو. ڇاڪاڻ ته هن جي نظر ۾ سعد حريري ۾ وزيراعظم ٿيڻ جي اهليت ڪانه هئي.

ان جو هڪ مثال هي آهي ته سعد حريري ڪنگ عبدالله جي حڪم هيٺ پنهنجي لائن بدلائي ۽ صدر بشرالاسد سان پرچڻ شروع ڪيو. حريري ايتري تائين جو پنهنجي پي رفيق الحريري جي قتل جا الزام جيڪي هن بشرالاسد تي هنيا هئا انهن کي واپس ورتو ۽ سعد حريري ان ڳالهه جي به معافي ورتي ته هن پيءُ جي قتل جي آڙ ۾ لبنان ۽ شام جي وچ ۾ هٿرادو غلط فهميون پيدا ڪري حالتن کي ناسازگار بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر تمام جلد ئي سعدپنهنجي سياسي موقف تان ڦري ويو.

صرف ۽ صرف سوديري خاندان کي خوش ڪرڻ لاءِ هن ڪنگ عبدالله جي سياسي پاليسين جي خلاف ڪم ڪرڻ لڳو. جنهن پاليسي مطابق هن کي شام ۽ حزب الله سان رابطا بهتر ڪرڻا هئا. مگر راتو رات هن اسرائيل سان سمجهوتو ڪري ورتو ۽ بشرالاسد جي حڪومت تي حملو ڪرايائين ته جيئن هي حزب الله ڪا هٿيار کسي سگهي.

اها سعد حريري جي بدقسمتي ئي چئبي جو ڪجهه ڏينهن جو مهمان جهونو شينهن نيم بيهوشي واري حالت مان واپس اچي ويو. ڪنگ عبدالله کي صحتياب ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سعد حريري جي ڪرتوتن جي خبر پئي ته هن هڪدم سعد حريري جو احتساب ڪرايو ۽ لبنان جي پارليامينٽ هن جي حڪومت کي برطرف ڪري ڇڏيو ۽ هن جي جاءِ تي نجيب مڪاتي وزيراعظم مقرر ڪيوويو جيڪو پڻ تمام امير ۽ به قوميت رکندڙ آهي. پر حريري وانگر جنونيت پنسد نه آهي. بحرحال سعد حريري جي حڪومت جي تحقيق ڪرائي وئي جنهن مان هن جي ڪيترن ئي ساٿين کي ڏوڪي ۽ مالي گهوٻين جي ڪيسن ۾ گرفتار ڪيو ويو. هن سڄي صورتحال ۾ حيرت انگيز ڳالهه هي آهي ته سعد حريري کي سوديري خاندان مان ڪابه مدد نه ملي سگهي.

سوديرين جي فوج

سوديرين اهو پڪو پهه ڪيو آهي ته اُهي ردانقلاب جي سرواٽي، هر ڏسا کان ڪندا. اهو ئي سبب آهي جو هنن هڪ طرف مصر ۾ حسني مبارڪ جي ته ٻئي طرف اخوان المسلمين جي مالي مدد ڪئي. هنن ئي اخوان المسلمين ۽ ڪجهه اهڙين فوجي آفيسرن جي وچ ۾ ناهه ڪرايو آهي جيڪي اولهه دوست آهن. سوديرين جي مهرباني جي سبب ٺهيل هن نئي اتحاد تحرير چوڪ واري انقلاب جي

اڳواڻن جي نئين حڪومت ۾ شموليت جي رستا روڪ ڪئي. هنن آمريڪي نواز اتحادين ته انقلاب ڪانپوءِ طئه ٿيل قومي اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي آئين ۾ سطحي ترميم جا خواهشمند آهن. هنن همراهن شروع ۾ ئي اهيو اعلان ڪيو آهي ته مصر جي نئي حڪومت جو مذهب اسلام هوندو. ياد رکڻ گهرجي ته هي فيصلو جمهوري عوام ۽ 10 سيڪڙو عيسائي برادري جي به خلاف آهي جيڪي انقلاب ۾ شامل هئا ۽ حسني مبارڪ جي دور ۾ به مشڪلاتن جا شڪار هئا. انقلاب کان پوءِ به هنن جي حالت ساڳي رهي آهي. ان کان علاوه ڊاڪٽر محمود عزت جيڪو اخوان المسلمين جو ٻيو نمبر اهم اڳواڻ آهي، اعلان ڪيو آهي ته جلد از جلد شريعت جو قانون لاڳو ڪيو ويجي ۽ پراڻيون شريعت جون سزائون بحال ڪيون وڃن.

هڪ نوجوان انقلابي ليڊر (Wael ghoniem)، جنهن ظالم کي تخت تان لاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ان نوجوان کي فتح واري جشن ملهائڻ واري تقريب (جنهن ۾ ويهه لک ماڻهو شامل هيا) ۾ تقرير ڪرڻ کان روڪيو ويو ۽ ان نوجوان کي ڪمري ۾ بند ڪيو ويو. پر ان جي ابتڙ اخوان المسلمين جو مشهور تبليغي يوسف القارداوي جيڪو 30 سالن کان قطر ۾ جلاوطن ٿي رهيل هو اچانڪ نمودار ٿيو ۽ ان کي اجازت ڏني وئي ته جيترو دل چوي ايترو ڳالهاءِ. جمال عبدالناصر جي حڪومت ۾ پنهنجي شهريت وڃائيندڙ هي قاري پنهنجو پاڻ کي نئي دور جي نئي شروعات چئي رهيو هو. هن اها ڳالهه به ڪئي ته شريعت جي مطابق اهي تل ابيب جي صيهوني حڪومت سان پرامن طريقي سان گڏ ٿي رهندا.

امن جو نوبل انعام ماڻيندڙ محمد ال بارادي جنهن کي اخوان المسلمين انقلاب دوران پنهنجو ترجمان چونڊيو هو صرف ان مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ ته جيئن هو پنهنجو پاڻ کي روشن خيال تنظيم ثابت ڪرائن. پر انهن ساڳين همراهن ريفرنڊم دوران ال بارادي کي سخت جسماني تشدد جو نشانو بڻايو ۽ سياسي راند جي دائري مان بلڪل ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

اخوان المسلمين پنهنجي نئي پارٽي فريڊم اينڊ جسٽس جي نالي سان سياست ۾ شامل ٿي چڪا آهن ۽ انهن جو ساٿ National endovent for democracy (NED) ڏئي رهي آهي. (تيونس ۾ به ساڳي حڪمت عملي سان جاڳرتا پارٽي ناهي وئي) اخوان المسلمين جي طاقت ۾ اچڻ شرط ئي مذهبي اقليت خلاف حملا شروع ٿي ويا آهن. انهن حملن ۾ عيسائين جي ٻن ڪليسائن کي باهه ڏئي ساڙيو ويو آهي. اتان جي وزيراعظم ڪليسائين تي حملي ڪندڙن کي ته ڪا سزا ڪانه ڏني اٽلندو ڪين تحفظ ڏنو. قينا صوبي جي جنرل اماد ميخائيل کي لاهي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ ته گورنر صاحب عيسائي آهي سني ملسمان نه...

*

لبيا ۾ سوديرين پنهنجا هٿياربند جٿا فرانس ۽ برطانيه جي رستي سريلنڪا ۾ موڪليا ته جيئن ترپيولي حڪومت خلاف بغاوت شروع ڪن. هي اهي ساڳيا هٿيار بند آهن جيڪي ڳاڙها، ڪارا، ساوا ۽ چنڊ جي نشان ورا جهنڊا جيڪي سينوسي بادشاهت جا نشان هئا انهن کي ماڻهن ۾ ورهائيندي نظر آيا. انهن جو مقصد صرف اهو هو ته شرپسند ڪرنل قذافي مان جان ڇڏائي ان جي جاءِ تي شهزادي محمد کي متحده ليبيا تخت نشين ڪجي.

آخرڪار گلف ڪو آپريشن ڪائونسل اها پهرين آرگنائيزيشن هئي

جنھن ٽريپولي حڪومت خلاف فوجي مداخلت جو مطالبو ڪيو ۽ سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ سعودي عرب جو وفد ھو جن اولھه جي فوج کي حملي ڪرڻ جي دعوت ڏني.



وچ اوڀر ۾ رد انقلاب جي سرواڻي ڪندڙ سعودي عرب جو سوديري قبيلو

ڪرنل قذافي، پنھنجي ڪوڙ سارين تقريرن ۾ اھو بار بار چئي چڪو آھي ته لبيا ۾ ڪوبه انقلاب نه ھلي رھيو آھي بلڪ اھا القاعده جي ھڪ چال آھي جنھن جي تحت ھن ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ھن جي ان ڳالھه جو اقرار آمريڪا جي فوج جو ڪمانڊر جنرل ڪارٽر ايف ھام به مڃي ٿو.

آمريڪا جڏھن شروع ۾ ھت آپريشن شروع ڪيو ته جنرل ھام اھو ڏسي بلڪل پريشان ٿي ويو ته جيڪي ماڻھو آمريڪي فوج لاءِ جاسوسي ڪري ڪين ٽڪاٽي کي تباھه ڪرڻ جو پڌائي رھيا آھن اھي ڪي ٻيا نه بلڪه آمريڪي فوج سان وڙھندڙ اسامه بن لادن جا ئي اُھي ماڻھو آھن، جيڪي افغانستان ۾ ساٿس گڏ وڙھي چڪا ھيا.

ھاڻي اچو ته ھڪ نظر بحرين تي وجھون. ھي ملڪ 1971ع کان ھڪ آزاد ملڪ تسليم ڪيو ويندو آھي مگر حقيقت ائين نه آھي. بحرين ھڪ اھڙو ملڪ آھي جيڪو اڃا تائين برطانيه جي سڌي اثر ھيٺ آھي. انگريزن پنھنجي دور حڪومت دوران ھڪ خليفي کي وزيراعظم طور چونڊيو ھو ۽ اڄ تائين اھا ڪُرسي ان خليفي جي خاندان وٽ آھي. جنھن کي 40 سال گذري چڪا آھن.

سوديري بحرين ۾ ٽيل ھن طويل مدت حڪومت مان خوش آھن ۽ ھن مان انھن کي ڪو خطرو نه آھي.

بحرين جي بادشاھه جماد آمريڪا کي ھڪ اھم رعايت ڏني آھي جنھن جي مطابق آمريڪا پورٽ جُفير تي پنھنجي نيوي جو ھيڊ ڪوارٽر ٺاھي سگھي ٿو. اھڙين حالتن ۾، بحرين جي اندر آئيني بادشاھت اچڻ جو خدشو آھي جيڪا پوءِ يقينن بحرين کي حقيقي آزادي جو رستو ڏيکاري سگھي ٿي. ائين ٿيڻ سان برطانوي راڄ جو خاتمو ٿي سگھي ٿو ۽ آمريڪا جي فوج به اتان نڪري سگھي ٿي. اھڙيون تبديليون نه صرف سعودي عرب اندر بنيادي تبديلين لاءِ ڪافي آھن پر سموري نظام کي به ڌوڏي سگھن ٿيون.

اھو ئي اصل مسئلو آھي جنھن جي ڪري سوديري خاندان بحرين جي بادشاھه تي زور ڏنو آھي ته ھو پنھنجي عوام جي اڀرندڙ اميدن کي سختيءَ سان چٿي ڇڏي.

*

بحرين ۾ جڏھن عوام رستن تي نڪرڻ شروع ڪيو ته 13 مارچ تي آمريڪا جو دفاع جو سيڪريٽري رابرٽ گيٽس بحرين جي گادي واري شھر مناما پھتو ته جيئن وڌندڙ احتجاجن خلاف ڪاروائي ڪري سگھجي. اھا ڪاروائي سعودي عرب جي اسپيشل فوجن جي اچڻ تي شروع ڪئي وئي. ھن فوج جي ڪمانڊ شھزادي نيف وٽ آھي ۽ ھن فوج کي "Nayef Eagles" سڏيو وڃي ٿو. ھن فوج اچڻ شرط ئي پرل اسڪوائر تي ٺھيل مجسما، احتجاج جا نشان ۽ نعره ميسرائي پٽ ڪري ڇڏيا. سوين ماڻھن کي بي دردي سان ماريو ۽ ڪيترن ئي کي پڪڙي گم ڪيو ويو. ھڪ ڏھاڪي کان بحرين ۾ تشدد جا واقعا جيڪي ختم ٿي ويا ھئا انھن کي وري شروع ڪيو ويو. ايسنائين جو جيڪي ڊاڪٽر ۽ نرسون عام

شهرين جي زخمن جو علاج ڪري رهيا هئا انهن کي اسپتالن ۾ ئي نظربند ڪيو ويو ۽ ڪنهن کي به انهن سان ملڻ جي اجازت نه هئي. انهن کي فوجداري عدالتن ۾ پيش ڪيو ويو ۽ انهن تي ڪيس هلايا ويا.



سوديري قبيلي جو ٻيو اهم فرد شهزاد نيف جيڪو سعودي حڪومت جو پڇين 41 سالن کان وزير داخلا آهي

هيتري ظلم جي باوجود هن سڄي ويڙهه جو مايوس ڪن پاسو هي آهي ته عوام طرفان ڪيل هن جدوجهد کي فرقيواريت جو رنگ ڏنو ويو. اصل ۾ هي ويڙهه معاشري جي هڪ طبقي جي رياست خلاف جنگ هئي، اها رياست جيڪا سامراج جي ٽيڪ تي بيٺل آهي. پر ان کي فرقيواريت جي ور چاڙهيو ويو.

بحرين ۾ ٻه فرقا رهن ٿا هڪ شيعو ۽ ٻيو سني. شيعا گهڻي ۽ سني گهٽ تعداد ۾ آهن پر تنهن هوندي به حڪومت سنين جي آهي. جن شيعن کي هڪ اهڙن انقلابين طور ڏنو جيڪي امام خميني جي نظريو کٽي سنين جي حڪومت کي ڊاهڻ طرف وڌي رهيا هيا. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته سعودي فوجين شيعن جي 25 مسجدون زمين بوس ڪري ڇڏيون ۽ 253 مسجدن کي نقصان پهچايو ويو.

انهيءَ انقلاب جي 21 اهم سياسي ليڊرن کي جلد اسپيشل ڪورٽ ۾ گهرايو ويندو ۽ انهن کي موت جي سزا ٻڌائي ويندي. شيعن کان وڌيڪ بحرين جي بادشاهت ابراهيم شريف جي پٺيان آهي جيڪو ”واد“ جو چيئرمين آهي. واد بحرين ۾ هڪ سيڪيولر ۽ لفيٽسٽ پارٽي آهي. هن پارٽي جي ليڊر تي اهو الزام آهي ته هو سني هوندي به بحرين حڪومت جي قانون جو احترام ڇو نه ڪيو ۽ هن ان احتجاج ۾ حصو ڇو ورتو؟

هاڻي اچو ته شام طرف هلون. سوديري پائرن کي جڏهن ايران کي ڪمزور ڪرڻ جي پاليسي مان ناڪامي ملي ته هنن پنهنجون سڀ قوتون شام تي حملي ڪرڻ ۾ صرف ڪري ڇڏيون آهن.

شام کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش

فيبروري جي شروع ۾ جڏهن شام جي حڪومت خلاف هڪ به احتجاج نه ڪيو ويو هو ته فيس بڪ تي “The Syrian revolution 2011” جو پيج ٺاهيو ويو. هن پيج تان ماڻهن کي ٻڌايو ويو ته اهي جمعي کي ”ڪاوڙ جو ڏينهن“ ڪري ملهائين. هن مطالبي کي الجزيره ٽي وي به نشر ڪيو پر افسوس ته ڪٿان به ڪو جواب نه آيو. جڏهن الجزيره ٽي وي کي به هن رڙ جو جواب نه مليو ته ان شام جي ماڻهن تي چٽي تنقيد ڪئي ۽ شام کي ”خاموش بادشاهت“ جو لقب ڏنو. خود هي نالو ”The Syrian revolution 2011“ به عجيب آهي. پهريون ته هي انگريزي ۾ لکيل آهي ۽ ٻيو ته ائين پيو لڳي ڄڻ ڪنهن ڪمپني جو مشهوري لاءِ ڪو اشتهاري نعرو هجي. پر هڪ سچي ڪرانتي ڪاري جي انقلاب بابت ڇا راءِ هوندي آهي؟ هن کي خبر آهي 2011ع ۾ انقلاب ايندو پر جيڪڏهن انقلاب نه آيو ته ڇا اهو واپس گهر هليو ويندو؟ ان کان وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهه ٻي آهي. جنهن ڏينهن فيس بڪ تي اهو Page ٺاهيو ويو ان ڏينهن 80 هزار ماڻهو ان پيج ۾ شامل ٿي ويا. ايڏو جوش جيڪو هڪ ڏينهن ۾ نظر آيو ان جو نتيجو ڪوبه نه نڪتو. ماڻهو روڊن تي نه آيا. هن ڳالهه مان

ظاهر آهي ته ڪجهه مخصوص ماڻهن ڪوڙو اڪائونٽ ٺاهي فيس بڪ جي پيج کي پري ڇڏيو. ٻي اهم ڳالهه ته شام ۾ انٽرنيٽ استعمال ڪندڙ جو انگ ڪو گهڻو نه آهي. ڇاڪاڻ ته 'ADSL' جي رسائي شام کي پهرين جنوري کان ڏني وئي هئي.

اصل مسئلو فيس بڪ تي پيج ٺهڻ کان هڪ مهيني بعد شروع ٿيو. اسرائيل کان ڪجهه ميل پري، اردن جي سرحد سان لڳ هڪ ڳوٺ نما شهر دېره واقع آهي. ڪجهه شرپسند ماڻهن ان ڳوٺ جي نوجوانن کي تيار ڪيو ته توهان حڪومت جي خلاف ڀتين تي لکو ۽ ان خلاف نعره هڻو. نوجوانن انهن جي ڳالهه مڃي ۽ ائين ڪرڻ شروع ڪيو جنهن تي پوليس انهن نوجوان کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي وئي ۽ انهن سان ڏوهارين وانگر پيش آئي.

شهر جي چڱ مڙسن کي جڏهن هن واقعي جي خبر پئي ته انهن هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪرڻ چاهيون. پر هڪ ته اتان جي گورنر ڳالهيون ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ٻيو ته انهن نوجوانن تي ٿاڻي اندر تمام سخت تشدد ڪيو ويو جنهن تي انهن نوجوانن جي خاندانن کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ انهن ٿاڻي تي حملو ڪري ڏنو. نتيجي طور پوليس حرڪت ۾ آئي ۽ ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا. هن واقعي جو صدر بشرالاسد نوٽس ورتو ۽ پوليس وارن سان گڏ پنهنجي سوٽ گورنر کي سزا ڏني، انهن کي نوڪرين تان برطرف ڪيو. ان کان علاوه هن سڄي واقعي جي تحقيقات ڪرائي وئي ۽ پوليس جي بربريت کي منظرعام تي آندو ويو ۽ انهن کي مجرم قرار ڏئي جيل ۾ بند ڪيو ويو. سڀ کان اهم ڳالهه ته حڪومتي وزيرن متاثر خاندانن وٽ وڃي معافي ورتي ۽ بدلي ۾ انهن حڪومت کي به معاف ڪري ڇڏيو. سڀ ڪجهه نارمل ٿيڻ ڏانهن وڃي رهيو هو ته اوچتو نقاب پهريل هٿياربندن جيڪي ڇتين تي ويٺل هئا پوليس وارن ۽ عام ماڻهن تي هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا ۽ ڏسندي ڏسندي هر طرف افراتفري مچي وئي.

ماڻهن جي ڊڪ ڊوڙ جو فائدو وٺندي هٿياربند شهر مان نڪري ان جي ٻاهرين پاسي موجود گورنمينٽ جي جاسوسي ايجنسي جي عمارت تي حملو ڪري ڏنو، جيڪا اتان ويهي شام جي گولان جي پهاڙي سلسلي جي نگراني ڪندي هئي جيڪا اسرائيل جي قبضي ۾ آهي. بحرحال بلڊنگ ۾ موجود فوجين به جوابي فائرنگ ڪري ڏني ۽ نتيجي طور ٻنهي ڌرين جا ماڻهو موت جو شڪار بڻيا.

اهڙي قسم جا واقعا شهر جي مختلف هنڌن تي ٿيڻ شروع ٿيا. هٿياربند وڏي چوڪسي سان عام شهرين کي نشانو بڻائي رهيا هئا. اتان جي شهرين اهڙي حالت کي ڏسندي شام جي فوج کان مدد طلب ڪئي ته جيئن فوج انهن کي هٿياربندن کان محفوظ رکي سگهي. 3 هزار فوجي ٽينڪن سان گڏ دېره شهر ۾ داخل ٿيا. جلدي ئي هٿياربندن ۽ فوجين جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي وئي. جنگ جو ماحول بلڪل اهڙو ئي هو جيڪو نهرالبرد جي فلسطيني ڪيمپ ۾ هو. پر هن دفعي معاملو ٿورو مختلف هو ڇاڪاڻ ته بين الاقوامي ميڊيا حقيقتن کي ابتو ڪري پيش ڪري رهي هئي. جنهن پنهنجي خبرن ۾ اهو ٻڌائڻ شروع ڪيو ته شام جي فوج دېره شهر تي حملو ڪري معصوم شهرين کي قتل ڪري رهي آهي.

ٺيڪ انهيءَ وقت شام جي ٻي شهر لٽيڪا ۾ به تصادم شروع ٿي ويو، لٽيڪا هڪ بندرگاهه آهي جتي ڪيترين ئي ڏوهاري تنظيمون اسمگلنگ جو ڌنڌو ڪنديون آهن. اتي موجود ڏوهاري ماڻهن کي لبنان هٿيار ۽ پئسا ڏنا هئا. انهن ڏوهارين وچ شهر ۾ فساد پيدا ڪري ڇڏيو.

پوليس مداخلت ڪرڻ شروع ڪئي پر ڊيره جي واقعي سبب پوليس وارن وٽ ڪوبه هٿيار نه هو. چاڪاڻ ته صدر حڪم جاري ڪيو هو ته پوليس وارا هٿيار نه کڻندا. انهن غنڊن وٽ جديد هٿيار هئا ۽ انهن پوليس تي فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ 20 کان وڌيڪ سپاهي فوت ٿي ويا.

ساڳئي صورتحال بنياس شهر ۾ به نظر آئي. بنياس جي اهميت هن لحاظ کان به وڌيڪ آهي ته تيل کي صاف ڪرڻ جا ڪارخانا هن شهر ۾ آهن. هن شهر ۾ شرپسندن کي منهن ڏيڻ لاءِ پوليس وارن کي هٿيار کڻڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ ڏسندي ڏسندي هي شهر به ميدان جنگ بڻجي ويو.

هنن ٽنهي شهرن ۾ رونما ٿيندڙ واقعن جو نتيجو اهو نڪتو ته هومس جيڪو شام جو مرڪزي شهر آهي. اتي موجود مذهبي بنياد پرستن مسجدن ۾ اعلان ڪرايا ته شام جي حڪومت لٽيڪا ۾ انهن جي پائرن تي گوليون هلائي رهي آهي.

شام جي رهاڪن جڏهن پنهنجي حڪومت خلاف سازش کي سمجهي ورتو ته اهي ٽولن جي شڪل ۾ ٻاهر نڪري آيا ۽ ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو دمشق، الپيو ۽ لٽيڪا ۾ عوام هزارن جي تعداد ۾ ٻاهر نڪري آيو ۽ سندن جو نعرو هو ’الله، شام، بشر!‘

آهستي آهستي، فوج وڳوڙين کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ صورتحال کي پنهنجي ضابطي ۾ آڻي ڇڏيو.

ٽي وي جي خبرن موجب انهن شرپسندن کي جمال جراح جيڪو سعد حريري جو ويجهو دوست آهي پرتي ڪيو هو. انهن کي پئسا ۽ هٿيار ڏنا هئا پر جمال جراح هن الزام جي ترديد ڪري ٿو.

اهو نه وسارڻ گهرجي ته جمال جراح شهزادي بندار جو دوست آهي. هن کي نهرالبرد واري واقعي ۾ به ملوث ڄاڻيو ويندو آهي. هي زيد جراح جو سوٽ به آهي. زيد جراح تي FBI طرفان اهو الزام آهي ته هو 9/11 واري واقعي ۾ فلائيٽ 93 کي عمارت ۾ ٽڪرائڻ جي ڏوهه ۾ شامل آهي. ان کان علاوه جمال جراح علي ۽ يوسف جراح جو به سوٽ آهي. انهن ٻنهي پائرن کي لبنان جي فوج 2008ع ۾ اسرائيل جي لاءِ جاسوسي ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو هو.

*

جمال جراح اخوان المسلمين جو خفيه ميمبر پڻ آهي. پر هي همراهه هن الزام کان به انڪار ڪري ٿو. 1982ع ۾ اخوان المسلمين شام جي حڪومت تي قابض ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ هي ناڪام ويا هئا ۽ هنن کي تمام بري شڪست ملي هئي. ان کان پوءِ بشرالاسد هنن سان ٺاهه جو اعلان ڪيو. هن اعلان کانپوءِ اهو سمجهيو ويو ته اخوان المسلمين اهي تلخ يادون وساري چڪي هوندي پر سوديري قبيلو، مسلم برادرس جي هن شاخ کي اڄان تائين پئسا ڏئي رهيو آهي. اخوان البناس جو شامي وڳوڙن ۾ ڪردار هاڻي سڀ تي عيان ٿي چڪو آهي.

جمال جراح تي اهو به الزام آهي ته هي حزبت تحرير مجاهد آرگنائيزيشن به هلائيندو آهي. هي آرگنائيزشن لنڊن ۾ واقع آهي ۽ وچ ايشيا ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي.

حزبت تحرير جو نعرو عدم تشدد آهي پر هن تحريڪ تي اهو الزام آهي ته هن فرغانه وادي تي حملا ڪرايا آهن. هن گروپ جي وڌندڙ دهشتگرد سبب چين ۽ روس جي وچ ۾ شنگهائي ڪو آپريشن آرگنائيزيشن ۾ ڳالهيون ٿيون ۽ هن گروپ کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. هائوس

آف ڪامن ۾ هن مسئلي تي ڳالهايو ويو پر هن تحريڪ جي نمائندن کي ڪڏهن به پريشان نه ڪيو ويو آهي ۽ اهي آزادي سان بين الاقوامي آرگنائيزيشن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

گذريل سال، حزبت تحرير پنهنجي هڪ شاخ لبنان ۾ کولي. ان موقعي تي ڪانفرنس به منعقد ڪرائي وئي جنهن ۾ مختلف ملڪن جي ڏاهن ماڻهن کي مدعو ڪيو ويو. ان ۾ روس جو هڪ مشهور ليڪ به آيل هو. هن ڪانفرنس جي منتظمين اهو اعلان ڪيو ته هتي هڪ اسلامي رياست قائم ڪجي جيڪا لبنان مان شيعن، دروز ۽ انهن سنين کي جيڪي سچا مسلمان نه آهن عيسائين وانگر تڙي ڪيجي. هنن جا اهڙا خيال ٻڌي روس جي ڏاهي ٽي وي انٽرويو ۾ پنهنجو پاڻ کي هنن جنوني ماڻهن کان الڳ ڪري ڇڏيو.

بحرحال، هاڻي وري شام تي اچون ٿا. شروع ۾ شام جي فوجن جون وايون بتال ٿي ويون هيون. روس مان تربيت ورتل ايندڙ فوجين بغير ڪنهن پريشاني جي آبادي تي طاقت جي ذريعي ڪنٽرول ڪرڻ چاهيو. پر آهستي آهستي حالتون وڌيڪ خراب ٿيڻ شروع ٿيون. صدر بشرالاسد صورتحال کي پنهنجي ضابطي ۾ آندو. هن حڪومت کي تبديل ڪيو ۽ ايمرجنسي کي منسوخ ڪري ڇڏيو. هن ڪيترن ئي ڪرد شهرين جي شهريت کي منظور ڪيو جيڪي آدمشماري جي مسئلي سبب رهيل هئا. ان کان علاوه هن ڪيترائي اهم اپاءَ ورتا. ماڻهن جي استعمال ۾ ايندڙ گهرو شين جي رهتون معاف ڪري ڇڏيون. ائين ڪرڻ سبب هن عوام جا مطالبا پورا ڪري ڇڏيا. جنهن سبب مخالفت ۾ گهٽتائي اچي وئي. (ياد رهي ته هن وقت 20 لک عراقي ۽ فلسطيني ماڻهو شام ۾ پناهه حاصل ڪري رهن ٿا)

"ڪاوڙ وارو ڏينهن" جيڪو جمعي تي مقرر ٿيل هو ان ۾ 22 ملين جي آبادي مان صرف 50 هزار ماڻهو احتجاج ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا.

مختصراً محمد الشار جيڪو نئون وزير داخلا آهي هن ماڻهن کان مطالبو ڪيو ته جيڪي به احتجاج ۾ شريڪ ٿيا آهن اهي پوليس جي مخبري ڪن. رياست انهن جي زندگي محفوظ بنائڻ جي ضمانت ڏيندي. هن اعلان ڪانپوءِ 11 سئو ماڻهو پوليس جا مخبر بڻجي ويا ۽ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ وڳوڙين جا اهم ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. ڪيترائي هٿيار ۽ پئسا پوليس پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتا ۽ 5 هفتن جي تشدد جي واقعن ڪانپوءِ امن موٽي آيو.

جن هٿياربند اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي انهن مان ڪيترائي اسرائيل ۽ لبنان جا فوجي آفيسر ظاهر ٿيا آهن انهن ۾ هڪ سياستدان به شامل آهي جنهن جا سعد حريري سان ويجها تعلق آهن. بحرحال شام کي ڪمزور ڪرڻ جي سازش جو خاتمو اهڙي طرح آندو ويو.

کليل سازش An open conspiracy

شام جي حڪومت کي ڪيرائڻ لاءِ جيڪا لڪل سازش هئي هاڻي اها کليل بليڪ ميلنگ ٿي پئي ته جيئن شام کي اجان ڪمزور ڪجي.

شام مخالف عرب ميڊيا جڏهن ڏٺو ته بغاوت جوش نه وٺي رهي آهي ته پوءِ انهن خبرون هلايون ته شام حڪومت ۽ انقلابين جي وچ ۾ ڳالهيون هلي رهيون آهن. انهن اهو به ٻڌايو ته ڳالهين ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو دمشق وڃي رهيا آهن ۽ اهي سودئرين جا مطالبا شام حڪومت کي ڏيندا. جيڪڏهن اسان هنن اخبارن تي يقين ڪيون ته پوءِ شام مان تشدد تيستائين ختم نه ٿيندو جيستائين بشرالاسد به مطالبا نه مڃيندو. پهريون هي ته ايران سان ناتا ختم ڪري ۽ ٻيو هي ته فلسطين، لبنان ۽ عراق ۾

جيڪا مزاحمت آهي ان جي پٽ پرائي بند ڪري.

عالمي پروپيگنڊا International propaganda

سودئري هاٽي اهو چاهين ٿا ته شام جي مزاحمت کي اولهه جي فوج جي مداخلت سان ختم ڪجي، بلڪل اهڙي طرح جيئن هن مهل لبيا ۾ ٿي رهيو آهي. هن ڳالهه کي عملي جامو پارائڻ لاءِ انهن پروپيگنڊا جي ماهرن کي تيار ڪيو ۽ الجزيره ٽي وي به انهن سان گڏ آهي. ماڻهن جي حيرت جي حد نه رهي جڏهن الجزيره ٽي وي پنهنجي لائين تان هٽي ڪري ڪجهه ٻيون خبرون هلائڻ شروع ڪيون.

هاٽي اهو، ڪنهن لاءِ به راز ناهي رهيو ته الجزيره ٽي وي اسٽيشن فرانس جي ٻن ڪروڙ پتي يائرن ڊيوڊ ۽ يان فريڊمين ناهي هئي جيڪي ذاڪ رابن ۽ اِحود باراڪ جا وڪيل هئا. انهن چاهيو ته هڪ اهڙو ميڊيم پيدا ڪجي جنهن جي ذريعي عرب ۽ اسرائيلن جي وچ ۾ بحث مباحثي جي اجازت ڏئي سگهجي. چاڪاڻ ته قانوني طور ته عرب ۽ اسرائيل وچ ۾ بحث مباحثي تي پابندي پيل هئي ان ڪري هن نيٽ ورڪ کي هلائڻ لاءِ قطر جي هڪ امير کي پيشڪش ڪئي وئي. هن ڳالهه کي خفيه رکڻ لاءِ ته "الجزيره" ٻن فرانس جي يائرن جي آهي قطر جو اهو امير هن ٽي وي جي باني طور ڪم ڪندو رهيو.

بحرحال هن ٽي وي لاءِ جيڪا ٽيم رکي وئي اهي سڀ BCC عرب سروس وارا ئي صحافي هئا. مطلب ته شروع کان ئي هن ٽي وي ۾ اهڙن ماڻهن جي گهٽائي هئي جيڪي MI6، برطانيه خفيه ايجنسي جا جاسوس هئا. باقي قطر جي امير هن ٽي وي کي سياسي طور ڪنٽرول ۾ رکيو ۽ اها هن جي بادشاهت لاءِ ڏاڍي اهم ثابت ٿي.

هن ڳالهه ۾ شڪ نه آهي ته ڪيترن ئي سالن کان الجزيره ڳالهين ذريعي علائقي ۾ امن کي قائم رکڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پر هي نيٽ ورڪ اسرائيل جو نظام حڪومت جيڪو نسل پرستي تي ٻڌل آهي، ان کي ننيڙو ڪري پيش ڪري ٿو. ائين چڻ ته IDF جيڪي پرتشدد رستا اختيار ڪيا هئا اهي صرف بدقسمتي سان ٿيل حڪومت جون غلطيون هيون. جڏهن ته اهو ئي حڪومت جو سچ (Essence) هيو.

*

الجزيره ٽي وي جنهن تيونس ۽ مصر ۾ انقلاب کي تمام بهترين ڪوريج ڏني ان اچانڪ لبيا ۾ پنهنجي واٽ تبديل ڪري ڇڏي ۽ سودئري يائرن واري زبان ڳالهائڻ لڳي. الجزيره جو اهو ٻٽو معيار وضاحت طلب آهي. عرب اپار ڪان پهرين ۽ آمريڪا جي رضامندي سان فرانس ۽ برطانيه نومبر 2010ع ۾ ئي لبيا تي حملي جو طئي ڪري ڇڏيو هو. پئرس ۽ لندن اهو چاهيو ته اهي ترپيولي سان پنهنجا پراڻا پلاند پورا ڪن ۽ پنهنجي سامراجي مفادن جو دفاع ڪن.

دراصل 2005ع ۽ 2006ع ۾ لبيا جي (NOC) قومي آئل ڪمپني ٽي بين الاقوامي ٽينڊر شروع ڪيا هيا جنهن ۾ تيل جي ذخيرن جي دريافت ڪرڻ شامل هو ۽ جيڪي آفريڪا جا سڀ کان وڏا ذخيره آهن ڪرنل قذافي اولهه جي ڪمپنين تي پنهنجا قانون مڙهيا ۽ انهن کي مجبور ڪيو هو ته هو اهي اصول مڃن جيڪي يقيناً اولهه جي گهڻ قومي ڪمپنين لاءِ گهڻ فائديمند هئا. ان کان علاوه ٻيا ڪوڙ سارا اهڙا مسئلا هئا جنهن ۾ ڪيترائي فائدي وارا ٺيڪا خارج ۽ منسوخ ٿي ويا.

بن غازي ۾ جيڪا بغاوت ٿي هئي ان جو شروعاتي ڏينهن ۾ پئرس ۽ لندن ۾ هڪ ڪائونسل قائم ڪئي وئي هئي ۽ ان ڪائونسل کي لبيا جي عوام جي نمائندي طور تي قبول ڪيو ويو آهي. هن ڪائونسل تيل جي نئي ڪمپني ناهي آهي

جنهن کي ”LOC“ سڏيو ويو آهي. هن ڪمپني کي بين الاقوامي تيل جي ڪمپنين قبول ڪيو آهي ۽ اعلان ڪيو آهي ته هي ڪمپني ملڪ ۾ موجود سڀ هائيڊرو ڪاربان جي حقن جي وارث آهي.

هن گڏجاڻي دوران اهو فيصلو ڪيو ويوته ڪڏيل تيل جي مارڪيٽنگ قطر ۾ ڪئي ويندي ۽ جيڪي به هن گروپ جا ساٿي آهن اهي دوها ۾ ملندا.

*

هاڻي اچو ته پروپيگنڊا تي ڳالهايون، ٽي وي تي اينڊڙ يوسف ال قرداوي روزانو صبح جو اچي پرجوش انداز ۾ چوندو آهي ته صدر بشر الاسد جو تخت اجهو ٿو اونڌو ٿئي. هي شيخ قرداوي صاحب ٻن جاين تي صدر جي عهدي تي فائز آهي. هڪ آهي انٽرنيشنل يونين آف اسڪالر ۽ ٻئي آهي يورپين ڪائونسل فار فتوا اينڊ ريسرچ.

هي مسلمانن جي ٻڌي جو نام نهاد مجسمو آهي ۽ دين اسلام کي اڳتي آڻڻ لاءِ تبليغ ڪندو آهي. اهڙو مذهب جنهن ۾ آمريڪا جي مارڪيٽ جمهوريت ۽ سعودي جو منجهيل مذهب ٻئي شامل هجن. پيو ته هي ان شرط تي چونڊيل نمائندن کان حلف کڻائيندو آهي ته اهي شريعت جي قانون کي لاڳو ڪندا.

يوسف القرداوي هڪ دفعي سعودي جي عالم صالح ال لهدان سان ملي هن ڳالهه تي زور ڏنو هو ته شام ۾ رهندڙ عوام جو ٽيون حصو مارائي ڇڏيو ته جيئن بقايا ٻه حصا ماڻهو سڪون سان زندگي جي سگهن. انهن جي هن اعلان جو اصل مفهوم هي آهي ته شام ۾ رهندڙ عيسائين، يهودين، شيعن، دروز ۽ الاوتي کي مارائي ڇڏجي ته جيئن سني مسلمان سڪون سان جيءُ سگهن.



يوسف القردوي جنهن کي سامراج اساما کان پوءِ مسلم امه جي سرواٽي جي پڳ پارائي آهي ۽ جنهن جو چوڻ آهي ته شريعت جو نفاذ فلسطين جي ازاديءَ کان وڌيڪ اهم آهي،

اڄ ڏينهن تائين، اخوان المسلمين جي شاخ حماس جيڪا فلسطين ۾ آهي ان سوڊرين جي لالچي رياست کان پاسو ڪيو آهي. حماس جو ليڊر خالد مشعل بغير ڪنهن رڪاوٽ جي ان ڳالهه جو اعلان ڪندو رهيو آهي ته هو دمشق ۾ ئي جلاوطن ٿي رهيل هوندو ۽ صدر بشرالاسد جي مدد ڪندو رهندو ۽ صدر جي مدد سان هو سامراج ۽ صعيونيت جي منصوبن کي خاڪ ۾ ملائيندو. خالد مشعل جي ڪوشش آهي ته هو الفتح جي محمود عباس سان ٺاهه ڪري.

مارچ کان وٺي الجزيره، BBC، Arabic ۽ France 24 Arabic اهڙا نيوز چينلز آهن جيڪي هن مهل پروپيگنڊا مشين ۾ بدلجي ويا آهن هي چينل ڪوڙيون خبرون هلائن ٿا ته جيئن هٽ سان شيون خراب ڪجن. هي شام جي حڪومت کي تيونس جي بن علي واري حڪومت وانگر قرار ڏين ٿا. ايستائين جو هي اُهي حرڪتون ڪن ٿا ته جيئن شام جي فوج ۽ تيونس جي فوج ۾ ڪو فرق نه رهي. هو شام جي فوج کي ظالم ڪري ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن هڪ اهڙي فوج

جيڪا پنهنجي پرامن عوام تي سڌيون گوليون هلائي ٿي. هنن نيوز چينلز تان جيڪا اهم خبر نشر ٿي اها هي آهي ته ڪجهه سينيئر آرمي آفيسرن هڪ نوجوان فوجي کي تشدد ڪري هلاڪ ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته ان عام شهرين تي گولي هلائڻ کان انڪار ڪيو هو. پر حقيقت هي آهي ته شام جي فوج ۾ هر هڪ نوجوان جو رڪارڊ موجود آهي. اهو نوجوان جنهن کي تشدد ۾ مارڻ جي خبر هلي هئي اهو نوجوان زنده آهي ۽ هو موڪل تي هو هڪ ٽي وي کي انٽرويو ڏيندي ان نوجوان چيو ته هو پنهنجي ملڪ کي بچائڻ لاءِ ٻاهرين تي گولي هلائڻ کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو.

ان کان علاوه، هن چينلز ڪوڙ سارين سياسي شخصيتن کي مفاد پرست ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهن کي تيونس جي حاڪم بن علي جي نياڻن (son in laws) وانگر ڏيکاريو آهي. اهڙن ماڻهن مان سڀ کان وڌيڪ تنقيد صدر جي سوٽ رامي مخلوف تي ٿي آهي جيڪو شام جو امير ترين شخص آهي. هنن چينلن دعويٰ ڪئي آهي ته رامي سڀني ڪمپنين کان پنهنجو حصو پٽي وٺندو آهي ۽ انهن سان گڏ واپار به ڪندو آهي.

اهو سراسر ڪوڙ آهي. حقيقت ۾ رامي، صدر جو تمام گهڻو اعتماد ان ڪري حاصل ڪيو آهي ته هن شام ۾ موبائيل نيٽ ورڪ جو ڄار قائم ڪيو آهي. ٻين ماڻهن وانگر هن کي ڪافي رعايتون مليون ۽ هي امير بڻجي ويو. پر سوال اِهو آهي ته ڇا هُن عام صارفين جي قيمت تي پنهنجي عهدن کي استعمال ڪيو ته جواب آهي نه. ڇاڪاڻ ته شام ۾ دنيا جا سڀ کان وڌيڪ سستا موبائيل ريٽ آهن.

ڪهڙي به حساب سان ڪوڙ ڳالهائڻ جو پهريون انعام صرف الجزيرا ڏانهن ئي وڃي ٿو. هي نيٽ ورڪ ايتري حد تائين به ويو آهي جو هن ماسڪو ۾ 40 هزار ماڻهن جو مجموعو ڏيکاريو جيڪي روس کي اپيلون ڪري رهيا هئا ته اهو شام جي سهائتا ڪرڻ بند ڪري. پر اهو به ڪوڙ آهي. اِها 40 هزار ماڻهن جي فوٽيج پهرين مئي جي ياد ۾ ملهايل هڪ تقريب جي آهي جنهن ۾ هن نيٽ ورڪ پنهنجا ماڻهو اتي ببهاريا. انهن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ڏنا ۽ انهن کان پنهنجي مرضي جا لفظ چورايا.

شهزادي بندار ۽ اوبامه انتظاميه جي نئي جوڙجڪ

انقلابن کي منهن ڏيڻ لاءِ سودئرين جيڪا پاليسي هلائي ان ۾ هڪ مشڪل آيل آهي. ڇاڪاڻ ته هن مهل تائين بندار جون فوجون اسامه جي اڳواٽي ۾ وڙهنديون آيون آهن. چاهي پوءِ اهو افغانستان هجي، بوسنيا هجي يا چيچنيا يا وري ڪا ٻي جڳهه.... شروع شروع وارو ڪميونسٽ دشمن اساما اچانڪ اولهه دشمن بڻجي ويو. اسامه جي ذهن تي آهستي آهستي اثر برنارڊ ليوس جي نظريه ”تهذيبن جو ٽڪراءُ“ سبب ٿيو. جنهن کي وڌيڪ ان جي شاگرد سميوئيل هنٽگٽن مشهور ڪرائي ڇڏيو. هي نظريو پنهنجي عروج تي وڃي پهتو جڏهن نائن اليون جو واقعو ٿيو ۽ دهشتگردي خلاف جنگ شروع ٿي وئي. بس پوءِ شهزادي بندار جا ماڻهو حالتون خراب ڪندا هئا ۽ آمريڪا حالتون سڌارڻ لاءِ اتي پهچي ويندو هو.

پر موجوده دور ۾ هن ڳالهه جي سخت ضرورت آهي ته جهادين جي آمريڪا نفرت واري هن سوچ کي تبديل ڪيو وڃي. تنهنڪري هاڻي اها اميد ڪرڻ گهرجي ته مسلمان مجاهد Nato جي فوج سان گڏ بيهي وڙهندا. بلڪل اهڙي طرح جيئن هو CIA سان رلجي افغانستان ۾ ڪميونسٽن سان وڙهيا هئا. مجاهدن جي سوچ اولهه دوست ڇو ڪجي؟ ان جو مقصد صرف اهو آهي ته جيئن هڪ پاڙتو فوج تيار هجي جيڪا

ڪميونسٽ نظام جي مزاحمت ڪري. هن سوچ کي وڌائڻ جو ڪم شيخ يوسف ال قرداوي کي ڏنو ويو آهي. صرف انهيءَ سبب جي ڪري آمريڪا سرڪاري طور تي اسامه جي موت جي تصديق ڪئي آهي. (سندن خيال ۾) اسامه سان گڏ هڪ سوچ دفن ٿيندي ۽ شيخ يوسف سان هڪ نئي سوچ تيار ٿيندي. پوءِ هاٽي، چاڪاڻ ته بندار جي ڪرائي واري فوج جو سرواڻ مري چڪو آهي ان ڪري هن جي فوج کي هڪ نئي رهنما جي ضرورت آهي. بس پوءِ هاٽي نئي اسٽيج تيار آهي. ڪنهن شخص کي ڪهڙو ڪردار ڏيٺو آهي ان جي لاءِ واشنگٽن ۾ "موسيقي واري ڪرسي" جي راند شروع ٿي چڪي آهي. جنرل ڊيوڊ پيٽرس جيڪو Centcom جو ڪمانڊر هو، جنهن حوالي اهو ڪم هو ته هو بندار جي فوج کي وچ اوپر ۾ شڪست ڏيندو، هاٽي CIA جو ڊائريڪٽر ٿي ويو آهي. هن تبديلي سان ان ڳالهه جي اميد رکو ته تمام جلد Nato جون فوجون افغانستان مان نڪري وينديون ۽ بندار جا ماٺهو CIA سان گڏ خفيه آپريشن ۾ حصو وٺندا. ليئون پنيٽا جنهن جو CIA ۾ مدو پورو ٿيڻ تي آهي کي دفاع جو سيڪريٽري بڻايو ويو آهي. هي همراهه هڪ اندروني ٺاهه تحت آيل آهي. جنهن جي بلي ڪم هوندو ته نيون جنگيون لڳڻ جي صورت ۾ زميني فوج جي تعداد کي گهٽ ڪندو پر اسپيشل فوجن کي اهڙو ئي رهڻ ڏيندو.

رياض ۽ واشنگٽن ۾ ويٺل همراهن، عرب اپار "Arab spring" جي موت جو سرٽيفڪيٽ لکي ڇڏيو آهي. تنهنڪري سودئري خاندان وچ اوپر جي باري ۾ اهو چئي سگهي ٿو جيڪو ڪنهن دور ۾ اٽلي جي Gatto prado چيو هو. Everything must change so that everghing can stay the same and we can remain masters.Source: Komsomolskaia Pravda

ترجمو: هر شيءِ کي لازماً اهڙي طرح تبديل ڪجي ته جيئن هر ڪا شيءِ ساڳي رهي ۽ اسان حڪمران ٿي رهون.(آن لائين ترقي پسند ميگزين Viewpoint جي ٿورن سان)

غزل

اصغر ميمڻ

پنهنجو پنڌ پيارا اجايو نه سمجهو،
ٿينداسين سوپارا اجايو نه سمجهو،
اميدن ۾ آڪاش جهرڪي پيو ڏس،
اهي چنڊ تارا اجايو نه سمجهو.
مڇي مڇ ويندو پنيٽ هي جي پڙڪيو،
ستل سور سارا اجايو نه سمجهو.
جهلي نيڻ بيهندا پلا لڙڪ ڪيسين،
هي لڙڪن جي ڌارا اجايو نه سمجهو.
وڏي ڪا بغاوت ته سرجي پئي ٿي،
بکين جا هي نعرا اجايو نه سمجهو.
وڙهي ٻاٽ جي ديو سان ناتوان پيو،
هي جگنو اشارا اجايو نه سمجهو.
ايندي ٻانگ ڪميونزم هتان ئي،
هي مسجد منارا اجايو نه سمجهو.
اهي گيت اصغر جا ماٽيندا منزل،
پنا هي ته ڪارا اجايو نه سمجهو.

خيال ۽ خياليت جو ذهن کان ٻاهر وجود

Existence of Idea and Ideality out side the mind

امين قريشي

ارڙهين صدي جي فلسفي ۾، عام طور تي سمجهيو ائين ويندو هو ته، جيڪو ڪجهه ذهن ۾ شعور (خيال، سوچ، سمجهه، جذبه وغيره) جي شڪل ۾ موجود آهي، اهو آئيڊيل يعني خيال، تصور آهي، چاڪاڻ جو ڪيس ڪوبه اهڙو Concret، Corporal جسم ناهي جنهن کي حواسن ذريعي ڇهي يا ڏسي سگهجي.

جڏهن ته ذهن کان ٻاهر جيڪو ڪجهه به آهي اهو matter يعني مادو آهي. جنهن کي حواسن ذريعي ڇهي، ڏسي،

چڪي سگهجي ٿو. ائين ”خيالي“ ۽ ”مادي“ پڻ لقائن جي عام فهم واري تعريف رائج هئي.

اهو به واضح ڪندو هلجي ته هتي زيرِ بحث افلاطون جو ”خيالي دنيا“ وارو تصور ناهي، نه ئي وري پاڻ هتي هيگل جو ”آئيڊيلزم“ جنهن تحت هُن ”خيال“ کي هِن ڪائنات جو اصل روح ۽ بڻ بنياد سمجهيو ۽ مادي کي ثانوي حيثيت ڏيئي ٿو، کي بحث هيٺ آڻينداسين.

هتي اسان جو بحث خود ”خيال“ Idea يا خياليت Ideality آهي. مثال طور خيال ڇا آهي؟ اهو خود مادو آهي يا نه؟ خيال جي جڙت ڪيئن ٿئي ٿي؟ خيال پاڻ کي ڪهڙي ڪهڙي روپ ۾ اظهاري ٿو؟ وغيره وغيره.

ڇا ”خيال“ خود مادو آهي؟

اوڻيهه صدي جي پڇاڙيءَ ۾ ۽ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن سائنس خود مادي ۽ ائٽم تي ڪم ڪرڻ لڳي ۽ اهو ثبوت ته ائٽم کي ته وڌيڪ حصن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو، ساڳي وقت ائٽم اندر اليڪٽران پروٽران، نيوٽران، وغيره ذرڙن جي موجودگي جو پتو لڳايو وڃي ٿو ۽ اهو انڪشاف پڻ ٿيو ته ڪن ذرڙن کي ته ”زيرو ماس“ آهي.

”مادي“ matter جي اها صديون پراڻي وصف ته اها شيءِ جيڪا جاءِ والاري ۽ وزن رکي، اها مادو آهي ۽ ائٽم جي اها وصف ته اهڙو ذرو جنهن کي وڌيڪ ٽوڙي نه سگهجي، ٻئي خطري ۾ پئجي ويا. اهي ٻئي وصفون رد ٿيڻ سان، اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ جي ”خياليت پرستن“، هڪ دم گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو ته مادي وادين materialists کي شڪست اچي ويئي آهي. چاڪاڻ ته مادو فنا ٿئي ٿو، ختم ٿئي ٿو، ڏوهه انهن جو به نه هو. چاڪاڻ ته اهي سيئي بيٺا ئي انهن اڻ پورين وصفن تي هئا، جيڪي اڃا اسرڻيون هيون.

ان وقت لينن اها ڳالهه سمجهيو پئي ته جيستائين اهو معاملو، فلسفي ۾ آڻي حل نٿو ڪجي، تيستائين روز بروز سائنس جا ٿيندڙ انڪشاف معاملا منجهائيندا رهندا، نه صرف ايترو پر ان وقت لينن جي سامهون ڇسا مادي وادي Vulgar materialists پڻ هئا، جيڪي اهو چئي رهيا هئا ته ”خيال“ جو وجود بلڪل ائين آهي جيئن ”جيري“ ”liver“ کي وڍجي ۽ ان مان رس نڪري. اها ”رس“ ئي خيال جي ڇهي سگهجندڙ صورت آهي.

ساڳي وقت لينن جي سامهون موضوعي خيال پسند ”subjective idealist“ پڻ هئا جن جو چوڻ هو ته مادي دنيا جو وجود صرف ذهن ۾ آهي. ٻاهر ان جو ڪو وجود ئي ڪونهي. يا وري اُهي معروضي خيال پسند جن بقول ته اهو ممڪن ئي ڪونهي ته مادو ”خيال“ کي تخليق ڪري، يا ڪو مادي وجود ته هجي پر ان جو تخليقڪار عالمي روح نه هجي.

لينن معاملي کي ائين سلجهايو ته ذهن کان ٻاهر جيڪو ڪجهه آهي. اهو مادو آهي. معاملو حواسن ”senses“ ذريعي ڇهي سگهڻ ۽ نه ڇُهي سگهڻ وارو ناهي.

ذهن کان ٻاهر، سج، چنڊ، تارا، زمين، درياهه، جبل، بيابان، ٽر، ٻر، وڻ ٽڻ، ٻوٽا، گهر، وسنديون، عمارتون، گاڏيون، جهاز، فرج، ٽي وي، موبائيل، مذهب، ٻوليون، ثقافتون، جن، پريون، ڏائڻيون، روح، ريتون رسمون، ادب، ڪهاڻيون، ڪشش ثقل، اليڪٽران جو وهڪرو وغيره وغيره سڀ ڪجهه آهن. يعني اهي شيون جيڪي حواسياتي sensuous آهن ۽ اهي شيون جيڪي Non sensuous غير حواسياتي آهن، ٻئي مادو آهن. سج مان نڪرندڙ روشني جنهن کي نه آهي وزن، نه آهي ماس، اها به ائين ئي مادو آهي جيئن خود سج. سماجي زندگيءَ ۾ حواسن ۽ ذهن جي مدد سان جنم وٺندڙ شعور به مادو آهي. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته مادي ۽ خيال جي قطعي انداز ۾ تعريف ئي غلط آهي. خيال خود مادو آهي. هاڻي اهو الڳ سوال آهي ته مادو

ڪهڙي شڪل "Form" بيهڪ ۾ آهي. يقينن مادو هڪ حواسياتي sensuous صورت ۾ آهي ته ٻيو غير حواسياتي Non sensuous يعني خيالي صورت ۾ آهي. ان ڪري خيال، شعور، سوچ، سمجهه، وغيره مادو آهن. پر سندن بيهڪ "خيالي" آهي.

خيال IDEA جو بحث چيڙيندڙ بنيادي طور تي جرمن فيلسوف ڪانٽ آهي. هن شين کي Ideal ۽ Real ۾ ورهايو. هن Categories جي وضاحت ڪئي. هن جو چوڻ هو ته سڀئي categories (ڪُلي تصور) جهڙوڪ "زمان ۽ مڪان" سڀ ذهن ۾ وجود رکندڙ ۽ ذهن جي تخليق آهن. ٻاهر سندن ڪو وجود ڪونهي. شين کي صفتون ڏيندڙ اسان جو ذهن آهي. ڪانٽ جو چوڻ هو ته اهو لازمي ناهي ته جيڪو ڪجهه ذهن ۾، شعور جي صورت ۾، خيال جي صورت ۾ آهي. اهو ٻاهر به هجي. ذهن ۾ موجود سمجهه، خيال، سوچ، بقول ڪانٽ ته apriori اڳ ۾ موجود آهي. ان "اڳ ۾ موجود" "apriori" سوچ کي، تصور کي، ڪنهن به حسياتي sensuous، يا تجربي جي ضرورت ناهي.

جيڪا شيءِ ذهن ۾ خيال جي صورت ۾ هجي اها ضروري ناهي ته ٻاهر خارج جي دنيا ۾ به موجود هجي واري ڳالهه کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪانٽ جو جڳ مشهور Talers (جرمني ۾ رائج ان وقت جي هلندڙ سڪي جو نالو) وارو مثال آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي ذهن ۾ "سڪا" (Coins)، تصور طور موجود هجن، ۽ سڪا سندس کيسي يعني مادي دنيا ۾ موجود هجن، انهن ٻنهي ۾ فرق آهي. هڪڙي ذهن جي دنيا آهي جيڪا خيالي بيهڪ واري آهي ته ٻئي طرف شعور کان ٻاهر جي دنيا آهي جيڪا هن جي بقول ته Real دنيا آهي.

هن جو چوڻ هو ته ذهن جي دنيا ۾ خدا آهي، پريون آهن، جن، روح، ڏائڻيون، اڏامندڙ بلائون وغيره سڀ آهن، پر ٻاهر جي Real دنيا ۾ انهن جو جسماني وجود آهي ئي نه.

ذهن ۾ ڪيترا به پيسا ڇو نه هجن، ڪيترائي سون جا سڪا ڇو نه هجن، ان مان اوهان مارڪيٽ مان ڪجهه به خريد ڪري نٿا سگهو. ڪوبه ماڻهو دڪان تي بيهي چوي ته منهنجي ذهن ۾ هيترا هزار روپيا آهن ۽ مان فلاڻي فلاڻي شي خريد ڪرڻ چاهيان ٿو ته ڪيس چريو ئي چيو ويندو.

يا جيڪر ڪو اها جرمني جي Taler ڪرنسي ڪٺي ڪنهن ٻي ملڪ وڃي ها ته به ڪيس خبر پئجي وڃي ها ته اها ڪرنسي جيڪا هو Real ٿو سمجهي ان کي مليل قوت يا طاقت به سندس ملڪ ۾ ئي آهي. ٻئي ملڪ جي ڪرنسي هن جي ملڪ جي ڪرنسي کي قبولڻ لاءِ تيار ڪونهي. مارڪس چيو ته ڪنهن فرد جي کيسي ۾ موجود ڪرنسي وارو سڪو يا بئنڪ نوٽ، ايترو ئي حقيقي Real آهي، جيترو ڪنهن فرد جي ذهن ۾ موجود خدا جو خيال. جيئن ڪنهن ڪرنسي جي سڪي ۾، بينڪ نوٽ ۾ لڪيل قوت، شڪتي، تصور، سمايل هوندو آهي. بلڪل ائين خدا جي تصور ۾ به لاتعداد طاقتون سمايل هونديون آهن. مارڪس اها ڳالهه واضح ڪرڻ ٿي گهري ته ذهن ۾ موجود تصور دراصل ٻاهرين دنيا جو اولڙو آهن ٻاهرين دنيا ۾ خدا جو تصور موجود آهي ان لاءِ ذهن ۾ به اهو تصور پيدا ٿئي ٿو. خيال مادي معروضي دنيا جو ئي عڪس آهي.

هيگل جو چوڻ هو ته سماجي ماڻهو جو پنهنجو شعور تاريخي طور اسريل آهي. اهو شعور ٻولي ذريعي، علم، ثقافت، مذهبي تخليق وغيره وغيره جي روپ ۾ نسل در نسل، انسانن جو گڏيل ورثو بڻجندو ويو آهي.

هن لاءِ "خيال" موضوع ۽ معروض جي هيڪڙائي آهي. هن جي بقول هر شيءِ بنيادي طور مادي آهي. پر ساڳي وقت

پنهنجي جوهر Essence ۾ خيالي آهي. خيالي ان صورت ۾ ته ان ۾ انساني ذات جو گڏيل مجموعي علم سوچ پڻ شامل آهي. اهو معاملو مارڪس ته خيال ذهن کان ٻاهر به موجود آهي اهو سماجي سرگرمي ۾ پيدا ٿيندڙ جنسن commodities ۾ موجود آهي. اهو ته پورهيت جي پيدا ڪندڙ هٿن ۾ به موجود آهي. خيال ته پيداواري قوتن جي تخليق آهي. سماجي سرگرمي ۾ پيداواري قوتون، (پيداواري وسيلا، اوزار ۽ انساني پورهيو) ئي ته ان آئيڊيا کي جنم ڏيندڙ آهن.

اهو سمجهڻ لاءِ هڪڙو مثال ڪٽون ٿا. هڪ فرد درزي کي ڪپڙو ڏيئي ٿو ۽ هو ان مان هڪ عدد جوڙو شلوار قميص نهرائي ٿو. هاڻي ٿورو غور ڪيو، شلوار قميص واري وڳي ۾ سبجڻ کان اڳ مختلف قدر هئي ۽ هاڻي بلڪل مختلف قدر آهي. سبجڻ کان اڳ ان ڪپڙي ۾ به هڪ قدر هئي، جيڪا ان ۾ فيڪٽري مان نهڻ وقت شامل ٿي هئي. ان کان پوءِ درزي وري ان ۾ قدر شامل ڪئي. اها "نئين قدر" پهرين قدر وانگر استعمالي قدر ۽ ساڳي وقت مٽا سٽا يعني وڪري ۽ خريد واري سگهه رکندڙ آهي. ان وڳي ۾ هاڻي استعمالي قدر Use value شامل آهي. ساڳي وقت ان ۾ Exchange value مٽا سٽا واري قدر پڻ شامل آهي. هاڻي اچو ته ان قدر کي حواس Senses ذريعي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيون. اسان درزي هٿان سبيل شلوار قميص کي ڏسون ٿا ته اهو اسان کي ڪپڙي جي صورت ۾، ڌاڳي بٽڻ ۽ ڊيگهه، ويڪر جي ماپن ۾ نظر اچي ٿو. جنهن کي اسان يقينن شلوار قميص جو نالو ڏيون ٿا پر ان ۾ ڪٿي به اسان "قدر" Value نه ڏسي سگهون ٿا نه ئي ڇُهي سگهون ٿا. وڳي ۾ ڪٿي به اسانکي "Pure Values" ڪنهن جسماني روپ ۾ نظر نٿو اچي. هاڻي وري جيڪڏهن اسان ان پورهيت Labour، درزي کي ڏسون ته اهو اسان کي زندهه پورهيت جي صورت ۾ نظر ايندو، جنهن جي جسم ۾ ڪم ڪرڻ جي صلاحيت آهي. پر ان جسم ۾ مخفي رڪيل قدر پيدا ڪرڻ واري قوت نه اوهان ڏسي سگهو ٿا نه ئي ان کي ڇهي سگهو ٿا. مارڪس چئي ٿو ته اها قدر جيڪا حواسن Senses ذريعي نه ڏسي سگهجي ٿي، نه ئي ڇهي سگهجي ٿي، اها قدر ئي اصل ۾ "خيال" آهي. ڪنهن به جنس ۾ Value form ئي بنيادي طور تي Ideal form آهي. اهڙي ريت سماجي سرگرمي هيٺ نهندڙ هر جنس commodity پاڻ سان گڏ Value form جي صورت ۾ Ideal form يعني "خيال" تصور، پاڻ سان گڏ کڻي هلي ٿي. جنس جو جسماني روپ ۽ ان ۾ جڙيل خيال ٻئي هڪ آهن. اهي ٻئي ڪڏهن به ڌار ٿي نٿا سگهن.

اهو شين جو Ideal form خيالي بيهڪ ئي آهي جيڪا شعور ڏانهن منتقل ٿئي ٿي. وري اهو خيال ئي آهي جيڪو پنهنجو وجود، پنهنجو اظهار، مادي شين جي نهڻ ۾ ڳولي ٿو.

ظاهري طور ائين نظر اچي ٿوته هڪ واڍو جيڪو ڪرسي جوڙي ٿو، اهو ڪرسي ٺاهڻ کان پهرين پنهنجي ذهن ۾ ان جي خيالي جڙت رکي ٿو، ان کان پوءِ اهو خيال، "قدر" جي خيالي روپ ۾ ڪرسي جي بيهڪ، "جنسن" ۾ اظهارجي ٿو. جنهن مان ثابت ائين ٿو ٿئي ته ڄڻ اهو خيال ذهن ۽ صرف ذهن جي مهربانيءَ سان نهيل آهي. پر حقيقت ان جي بلڪل ابتڙ آهي. ڪرسي ان ئي سماج ۾ نهندي آهي جنهن سماج ۾ ان جي ضرورت هوندي. اهي خارجي، سماجي سرگرميون ئي آهن جيڪي شعور کي خيالن سان امير بنائين ٿيون. موجوده وقت ۾ شعور، انسانن جي ماضي ۾ ڪيل ڪُل سماجي پورهئي جي مدد سان گهڻو امير بڻيل آهي. اينگلز چوندو هو ته اوائلي انسان جڏهن پٿر جو چاقو گهڙي رهيو هو ته ان وقت صرف اهو چاقو نه هو جيڪو گهڙجي رهيو هو پر ساڳي وقت انسان جون

آڱريون پڻ نفيس کان نفيس ٽيڻ جو هنر سکي رهيون هيون ۽ نه صرف ايترو پر انهيءَ ٻنهي عملن، شعور کي وڌ کان وڌ ٻنهي رخن کان وڌيڪ پختو ٿي ڪيو.

اهو ائين ئي آهي جيئن پهرين ڏاڪي ۾ علم فرد کي ناهي ٿو، ٻئي ڏاڪي ۾ اهو فرد وري خود علم ۾ اضافو ڪري ٿو. يا ائين چئجي جيئن سماج ماڻهو کي ٺاهيندو آهي ته ساڳي وقت ماڻهو سماج کي پڻ ٺاهيندو آهي. سماج جو شعور جوڙڻ ۽ شعور جو سماج جوڙڻ ٻئي هڪ ٻئي تي عمل ڪندڙ عمل آهن.

جتي سماج ناهي ۽ تاريخي طور اسريل ماڻهو ناهي، پيداواري عمل ناهي، جنس جو ٺهڻ ناهي، ٻولي ناهي، اتي خيال، خياليت، شعور به لازمن نه هوندو. ڇو جو شعور نج سماجي آهي. سماج کان ٻاهر شعور جو ڪو وجود ناهي. جنسون commodities جيڪي سماجي فرد ٺاهي ٿو، ان کان هٽي ڪري به فطرت ۾ عطا ٿيندڙ شين ۾ پڻ قدر "Use value" موجود آهي. مثال طور سج جي روشني، زمين، جبل، سمنڊ، ٿر، بر، ريگستان، زمين اندر پوريل معدنيات خزانه، هوا، وغيره جيئن ته انهن ۾ قدر آهي ان ڪري انهن جو Ideal form پڻ انهن ۾ موجود آهي. واضح رهي ته انهن قدرتي شين جي value form ۽ Ideal form جو ادراڪ به تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن انسان سماجي پيداوار ۾ ڳنڍجي ٿو. سماج کان سواءِ انهن قدرتي قدر رکندڙ شين جو ادراڪ ممڪن ڪونهي. ان ڪري خيال نه صرف شعور ۾ آهي پر شعور کان ٻاهر جسمن، جنسن ۾ پڻ وجود رکي ٿو. خيال پاڻ کي هميشه اظهار لاءِ مادي روپ ئي حاصل ڪري ٿو. اهو مادي روپ نوس به ٿي سگهي ٿو ته اڻ نوس به.

ڪانٽ جي سڪن يا بينڪ نوٽن واري ڪرنسي جي جيڪڏهن ڳالهه ڪجي، ته انهن منجهه رکيل مخفي قوت خيالي، تصوراتي، صرف ذهني نه آهي، پر اها قوت جيئن مارڪس ثابت ڪري ٿو جيئري جاڳندي مارڪيٽ ۾ موجود آهي. سڪو هجي، يا بينڪ پيپر نوٽ، بنيادي طور تي اهي ئي معروضي معاشي لاڳاپن ۽ مئل پورهئي جا اهڃاڻ آهن. Dead Labour، مئل پورهيو، هڪ قسم جي اهڙي رسيد آهي. جيڪا جنسن جي مٽا سٽا جي اهڃاڻ طور استعمال ٿئي ٿي.

اهو جنس جو ڪمال آهي جو ان ۾ هڪ اهڙو روپ سمايل آهي. جيڪو ڪنهن به صورت ۾ نظر نٿو اچي. مثال طور هڪ سوني جي سڪي جي ذري کان ذري جو جائزو ڪريو پر ان ۾ مارڪيٽ مان لاتعداد شين وٺڻ جي قوت نظر نه ايندي.

هڪ موبائيل سيٽ ۾ ظاهري طور اوهان کي اهڙي ڪابه شي نظر نه ايندي، جنهن جي وڪڻڻ کان پوءِ اوهان بوٽن جا جوڙا خريد ڪري سگهو.

هڪ ڪڪڙ جي ٻوري ۾ اوهان کي اها شيءِ نظر نه ايندي جنهن جي وڪڻڻ کان پوءِ اوهان مارڪيٽ مان گيهه جا دٻا خريد ڪري سگهو.

هڪ جنس ۾ هڪ ٻي شي سمايل آهي. هڪ جنس بلڪل هڪ ٻي شي جي عڪاسي ڪندڙ آهي. اهو ئي سمايل آئيڊيل آهي. اها ئي قدر آهي. جيڪا شعور کان ٻاهر وجود رکي ٿي.

اسلام ۽ سيڪيولرازم جي هڪٻئي سان ڳالهه ٻولهه

وارث مظهري سنڌيڪار: اديب رتڙ

اها ڳالهه هڪ ڏينهن ضرور اهميت رکندي ته ڇا اسلام ۽ سيڪيولرازم جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي يا نه ؟ گهڻا ئي مسلمان عالم ۽ تبليغي اهو سمجهن ٿا ته اسلام ۽ سيڪيولرازم هڪٻئي جا مخالف ۽ متضاد تصور آهن، تنهنڪري هو ان ڳالهه تي

زور ڏنا پرين ته انهن پنهي تصورن جي وچ ۾ ڪا به ويجهڙائي نٿي ٿي سگهي.اهو سوال ته ڇا سيڪيولرازم ۽ اسلام جي هڪٻئي سان ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي اڃا به اهميت رکي ٿو، خاص طور تي سنڌن اقليتي حقن جي پيرائي ۾ جتي مسلمان غير مسلم گهڻائيءَ جي وچ ۾ رهن ٿا.

ڪوڙ سارا غير مسلم ۽ ڪجهه ساراهه جوڳا مسلمان دانشور(جهڙوڪ پاڪستاني ليکڪ ڊاڪٽر مبارڪ علي، هندستاني مسلمان عالم مولانا وحيدالدين خان ۽ مرحوم پروفيسر مشرالحق وغيره) ان ڳالهه جي شڪايت ڪندي ڏسجن ٿا ته جتي مسلمان گهڻا ٿيءَ ۾ آهن اتي سيڪيولرازم کي اسلام دشمن ۽ اسلام لاءِ خطرو ڪري ٿا پيش ڪن، پر جتي مسلمان اقليت ۾ آهن اتي سيڪيولرازم کي رحمت سمجهڻ کان هڪ قدم اڳتي ويندي اقليتي علائقن ۾ سيڪيولر رياست قائم ڪرڻ لاءِ دليل ڏيندي ڏسجن پيا. ساڳئي وقت هو ان ڳالهه تي زور به ڏئي رهيا آهن ته مسلمانن کي سيڪيولرازم کان پري رهڻ گهرجي. جيڪڏهن اسين ان ٻٽي رويي واري تهمت کان بچڻ چاهيون ٿا ته اسان جي عالمن ۽ اسلامي حلقن ۾ جيڪي ذهني مونجهارا ۽ تضاد آهن سي ختم ٿيڻ گهرجن. اها ذميواري بنيادي طور تي اسان جي عالمن ۽ اسلام پسندن جي آهي ته هو ان معاملي کي فوري طور حل ڪن.

اوهانکي ان ذهني چٽڪائيءَ جو هتي هڪ مثال ڏيندا هلون ، هندستان جو هڪ تازو فوت ٿي ويل مشهور اسلامي عالم پنهنجي اردو لکڻين ۾ هندستان ۾ سيڪيولرازم کي زيور سمجهندي ان کي وڌائڻ ۽ مضبوط ڪرڻ جي ڳالهه ٿو ڪري، ته ٻئي پاسي هو پنهنجي ڪوڙ سارن عربي لکڻين ۾ عرب عالمن ۽ پڙهندڙن آ ڏو سيڪيولرازم کي فضول شيءَ ڪري ٿو پيش ڪري! اوهانکي جميعت الاسلام هند ۾ ساڳي طرز جو بلڪه اڃا به وڌو ذهني بحران نظر ايندو. اوهان جيڪڏهن جميعت الاسلام هند جي بانيڪار مودوديءَ کي ڏسندا ته هو سيڪيولرازم ’ڪفر جو هڪ نمونو آهي‘ ڪري پيش ڪري ٿو! مونکي اهڙا ماڻهو پاڻ پوچرائندڙ ۽ ڪند ذهنيءَ جا ستايل لڳندا آهن.

ٻئي پاسي مودوديءَ جي خيال کان متاثر ڪجهه ماڻهو 60سالن کان سيڪيولرازم خلاف وڙهندي ڏسبا ته مودوديءَ جو ٻڌايل خدائي نظام (حڪومت الاهي) ياخلافت وارو نظام برپا ٿيندو، پر هاڻي هنن اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي ته اهو عمل نه صرف خيالي ۽ فضول هو پر اهو ترقي مخالف ۽ هندستان اندر اسلام پرچارڪ عمل لاءِ رڪاوٽ ۽ مذهبي اقليتن لاءِ ڏچو ثابت ٿيو آهي.

هاڻ اهي ئي ماڻهو ان ڳالهه تي زور ڏئي رهيا آهن ته سيڪيولرازم کي قبول ڪرڻ ئي انهن لاءِ بهترين حل آهي. اهو دلي طور نه پيا چون پر اها سندن مجبوري آهي جو هو نه چاهيندي به ان طرف ڌڪجي رهيا آهن. ڇو ته هو ڄاڻن ٿا ته هندستان ۾ هندو رياست بجاءِ سيڪيولر رياست ۾ ئي هنن جي مسئلن جو حل آهي. هنن جي اها ذهني ٻچاڙائي، عمل ۽ اظهار ۾ هنن جي وائڙائپ ۽ پوسٽ کي ظاهر ڪري ٿي ۽ اهو فڪري پوسٽ اتان جي مسلمانن جي سياسي سوچ کي طيء ڪري ٿو.

ان حوالي سان هتي هي سوال پيدا ٿئي ٿوته جڏهن هي ماڻهو سيڪيولرازم کي رضا خوشيءَ سان قبول ڪرڻ ۽ مڃڻ بدران ڇڙو اتان جي حالتن (هندستان ۾هندن جي اڪثريت) جي دٻاءَ تحت زبان خرچي ٿا ڪن ته اهي ان نظام سان ڪيئن وفادار ٿي سگهن ٿا جيڪو سيڪيولرازم تي ٻيٺل هجي؟ اهي ڪيستائين ٿا ان نظام جا پرجهلا ٿي سگهن جنهن نظام ۾ سندن ويساهه نه هجي ۽ رڳو مجبوريءَ خاطر ان سان گڏ ويهٺو پيو هجين؟

هنن جا بيوقوفاڻي جذبات سان

پريل نعرا ته ’هندستان ۾ خدائي نظام ياخلافت وارو نظام برپا ڪنداسين‘؛ هندستان ۾ موجود هندو انتها پسندن لاءِ خوراڪ جو ڪم ڏئي رهيا آهن. انتها پسندي پوءِ اها ڪهڙي به مذهب جي نالي ۾ هجي، سدائين ٻئي مذهب جي انتها پسنديءَ کي همٿائيندي آهي.

بي.جي.پي جي اڳواڻ ۽ گهرو وزير مرلي منوهر جوشيءَ اردو هفتيوار ’فرائيڊي اسپيشل‘ رسالي ۾ انٽرويو ڏيندي اهو دليل پيش ڪيو آهي ته جيڪڏهن جميعت الاسلامي هندستان اندر اسلامي راڄ قائم ڪرڻ لاءِ چئي سگهي ٿي ته پوءِ’ آر .ايس. ايس‘ جي اها گهر بلڪل جائز ٿيندي ته هندستان ۾ هندو رياست قائم ڪئي وڃي.

اها هڪ واضع حقيقت آهي ته مسلمان اڳواڻ اڃا تائين سيڪيولرازم کي سمجهڻ ۾ سراسر غلطي ڪري رهيا آهن، هو سمجهن ٿا ته سيڪيولرازم مذهب جي سراسر مخالفت جو نالو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اوهانکي هنن جي اردو مواد ۾ سيڪيولرازم جو ترجمو’لادينيت‘ ئي ملندو! اهو سراسر غلط آهي. حقيقت اها آهي ته سيڪيولرازم جو مطلب ’ غير مذهبيت‘ ناهي پر سيڪولرازم جو مقصد صرف اهو آهي ته رياست پنهنجي شهرين جي مذهبي معاملن ۾ ڪا به هٿ چراند نه ڪندي.

اسلامي سوچ جي دائرن ۾ ٻه بنيادي شديد غلط فهميون آهن. هڪ ته انهن کي اسلام جي تمام گهٽ ۽ سطحي ڄاڻ آهي، ٻيو اهو ته سيڪيولرازم کي رڳو اولهه جي پروپيگنڊا يا مغربي شيءَ سمجهن ٿا. سيڪيولرازم جي ڪا هڪ شڪل نه آهي ۽ ان کي الڳ الڳ نمونن سان سمجهي، بيان ڪري ۽ حالتن آهر لچڪدار انداز ۾ لاڳو ڪري سگهجي ٿو. تڏهن ئي مشهور عرب عالم عبدالوهاب مسري ٻن سيڪيولرازمن جي ڳالهه ڪندو آهي؛ هڪ ’العلم- اش - شاملا“ ۽ ٻي‘ و العلم الجذيا‘ پهرئين ۾ فردي ۽ شهري زندگي ٻنهي ۾ مذهب لاءِ ڪا گنجائش ناهي، جڏهن ته ٻئي ۾ مذهب کي رڳو سياست کان جدا رکڻ جي ڳالهه ٿيل آهي. خاص طور تي گهڻ مذهبي رياستن ۾ ان مسئلي جو اهو ئي اڪيلو حل آهي.

اسلام ۾ خانقاهي سوچ ۾ مذهبي حڪومت لاءِ ڪا گنجائش ناهي. هڪ مشهور مصري عالم مفتي محمد عبده مطابق رياست کي ’ شهري‘ ۽ ’ سماجي‘ رياست هئڻ گهرجي جيڪا پنهنجي شهرين جي ڀلائي ۽ مفاد مطابق ڪم ڪري.

ڪيترائي اسلامي خيال پرست ۽ عالم اها فضول دعوا ڪندي نظر ايندا ته چئن خليفن (سني) پنهنجي دور ۾ اسلامي حڪومت جو نظام چٽي نموني سمجهايو آهي جيڪو طيءِ ٿي چڪو آهي ۽ اهو ايندڙ دور جي اسلامي حڪومت جون سڀ خاصيتون رکي ٿو. اها ڳالهه پڌري پٽ آهي ته ابوبڪر، عمر کي پنهنجي گادي نشين طور مقرر ڪيو ۽ عمر جو گادي نشين چونڊڻ لاءِ ڇهن ڄڻن جي شورا مقرر ڪيائين، اها ڳالهه اهو ظاهر ٿي ڪري ته اڳواڻ جي چونڊ حالتن تحت مختلف ٿي سگهي ٿي.

خلافت جو دور 30 سالن جي مختصر عرصي ۾ ختم ٿي ويو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اهو نظام انصاف ۽ ڀهبود تي ٻڌل هيو پر اسان ان دور کي هر دور جو نظام ڪيئن ٿا چئي سگهون جو پنهنجي ئي ملڪ ۾ اهو نظام 30 سالن کان وڌيڪ نه هلي سگهيو!!! اسلامي حڪومت جي حوالي سان اسلام جي پنهنجي ئي اندر ٿوري عرصي ۾ ڪيتريون ئي ضروري تبديليون ڪيون ويون ۽ اهي تبديليون، نظرياتي توڙي عملي ٻنهي ڳالهين ۾ ڪيون ويون. مثال طور خليفن کان پوءِ واري دور جي عالمن ۽ اسلامي تجزيانگارن حديثن مان اها ڳالهه ثابت ڪرڻ چاهي ته خليفو صرف قريشن جي خاندان مان ئي هئڻ گهرجي. سڄي مسلم امت لاءِ هڪ ئي امام هجي

واري ڳالهه رَد ڪئي وئي ۔ 20 (ويهين) صديءَ جي هندستاني مسلمان عالم علامه اقبال پنهنجي لکڻين ۾ اها ڳالهه ڪئي آهي ته هاڻ مسلم امت هڪ نه رهي آهي ، مسلم امت ڪيترن ئي نسلن تي ٻڌل آهي، تنهنڪري اهو ممڪن ئي نه رهيو آهي ته ڪا گڏيل مسلم حڪومت قائم ٿي سگهي ۔

ان سڄي بحث مان اها ڳالهه تري اچي ٿي ته انساني تجربا رياستي ڍانچي کي متاثيندا اچن پيا. وقت ۽ حالتن آهر حڪومت کي اهڙو بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا پيا اچن ته جيئن اها وڌيڪ انساني ضرورتون پوريون ڪري سگهي، پر اسلامي عالم ۽ اسلامي رجعت پرست اِن ڳالهه جي بلڪل ابتڙ دليل ڏيندي ڏسبا ۔ اها ڳالهه قرآن ۾ به چيل آهي ته بادشاهت خدا جي رحمت آهي، پر اڄ اسين ڏسي رهيا آهيون ته ڪيئن نه بادشاهي نظام جي تڏا ويڙهه ٿي رهي آهي ۔ اسين ائين چئي سگهون ٿا ته ان دور ۽ حالتن ۾ بادشاهي نظام بهتر هوندو پر اڄ جهموريت هر حوالي کان ، بادشاهت کان بهتر آهي.

اسلام ۽ سيڪيولرازم جي هڪٻئي سان ڳالهه ٻولهه جي گنجائش آهي، ڇو ته نبي ڪريم به مديني ۾ ساڳيو طريقو لاڳو ڪيو هيو. ميثاقِ مدينه به سيڪيولرازم انداز ۾ ٻيئل هيو، يعني سڀني مذهبن کي برابريءَ جي حيثت ڏنل هئي ۽ ٻيو ته ٿهيو هندستان ۾ ديوبند خيال جا عالم به گڏيل ۽ پائيچاري واري هندستان قائم ڪرڻ لاءِ ميثاقِ مدينه جهڙي نظام تي زور ڏين ٿا.

ديوبند جي هڪ مشهور هندستاني عالم مولانا سعيد احمد اڪبرادي ان خيال جو هو ته اسلام ۽ سيڪيولرازم ۾ ڪو به تضاد ناهي ۔ آءُ سمجهان ٿو ته گهڻ مذهبي رياستن ۾ سيڪيولرازم ئي واحد حل آهي ۽ انهيءَ ڳالهه جا پڪتا بنيادَ اسلام ۽ سيڪيولرازم جي هڪٻئي سان ڳالهه ٻولهه، اسلام جي پوئلڳن ۽ سيڪيولر سوچ رکندڙن جي باهمي ويجهڙائيءَ سان قائم ٿي سگهن ٿا۔

مولانا وارث مظهري نئين دهليءَ جي هڪ ماهوار رسالي ’ترجمانِ دارالاسلام‘ جو ايڊيٽر آهي، اهو رسالو ديوبند مدرسي جي گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جو سرڪاري پرچارڪ رسالو آهي ۔ مولانا سان هن اي ميل ايڊريس تي رابطو ڪري سگهجي ٿو ۔

ww.mazhari@gmail.com

ڪميونسٽ پڌرنامو: هڪ تعارف

ڪامريڊ ماروي

ڪميونسٽ پڌرنامو 160 سال اڳ 1848ع ۾ ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلز لکيو هو. ڪميونسٽ پڌرنامو ان وقت جي اڀرندڙ پورهيت تحريڪ کي هڪ منظم سياسي پروگرام ۽ نظرياتي هٿيار فراهم ڪرڻ خاطر لکيو ويو هو. پڌرنامي جو مقصد پورهيتن ۽ ٻين انقلابين کي اها ڄاڻ ڏيڻ هو ته ڪميونزم ڇا آهي ۽ انقلابي ڪميونزم خيالي، تصوراتي، يوٽوپيائي سوشلزم کان ڪيئن ۽ ڇو مختلف آهي؟ ڪميونزم جو بنيادي نڪتو ڪهڙو آهي؟ پورهيت طبقي لاءِ ان تحريڪ جا بنيادي مقصد ڪهڙا آهن؟

مارڪس ۽ اينگلز پڌرنامي وسيلي پورهيت طبقي جي استحصال جي ’ڳجهه‘ کي سائنسي ۽ تاريخي علمن ذريعي سمجهايو ۽ علمي معنيٰ ۾ پورهيت جدوجهد جي مقصدن کي اجاگر ڪيو ته جيئن پورهيت تحريڪ خيالي سوشلزم (حڪمران طبقن کي پورهيتن تي رحم کائڻ جون اپيلون ڪرڻ، پورهيتن کي صرف رحم جوڳو طبقو سمجهڻ ۽ سندن انقلابي ڪردار کي نه سمجهڻ وغيره) جي اثرن لان پنهنجي جان آجي ڪرائي، حقيقي سائنسي انداز ۾ پنهنجي جدوجهد جو بنياد رکي سگهن. اهو ئي سبب آهي جو سائنسي سوشلزم /ڪميونسٽ تحريڪ جي شروعات ڪميونسٽ پڌرنامو شايع (1848ع) کان ٿئي ٿي.

ساٿيو! ڪجهه ماڻهن جي راءِ آهي ته ڪميونسٽ پڌرنامي جي هاڻي اها اهميت

ناهي رهي جيڪا 1848ع ۾ هئي ۽ نه ئي اهو ڪتابڙو پورهيت استحصال جي خاتمي لاءِ ڪو بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو. ان جو جواب تازو يونان ۾ ٿيندڙ تمام وڏن مظاهرن جي اڳواٽي ڪندڙ يوناني ڪميونسٽ پارٽي (ڪي.ڪي.اِي) هيٺين ريت ڏنو آهي:

”ڪميونسٽ پڌرنامي بنيادي طور تي طبقاتي جدوجهد جي قانونن، پورهيت طبقي جو انقلاب جي اڳواٽيءَ وارو ڪردار، پورهيت طبقي جي سڀ کان وڌيڪ باشعور پرت (پورهيت انقلابي پارٽي) جي ان سموري انقلاب جي اڳواڻ واري ڪردار کي سمجهايو آهي“.

پڌرنامي ۾ سمجايو ويو آهي ته ’ماضيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا طبقا رهي چڪا آهن، ۽ ڪنهن ڪهڙي انداز ۾ طبقاتي استحصال ڪيو پئي. ابتدائي ڪميونسٽ دور (جنهن کي اسان انساني تاريخ جو سڀ کان پراڻو دور چئون ٿا) کان تهذيبي سماج (تهذيبي سماج طبقاتي سماج جي شروعات آهي)، يورپي جاگيرداري دور ۽ سرمائيداري دور کي جدلياتي ماديت نقطه نظر مطابق سمجهايو ويو آهي. مارڪس ۽ اينگلز انساني تاريخ ۾ پهريو ڀيرو، تاريخ جي ’راز‘ تان پردو کڻندي اسان کي سمجهايو ته سموري انساني تاريخ طبقاتي جدوجهد جي تاريخ آهي ۽ اُها طبقاتي جدوجهد مختلف اندازن، صورتن ۽ شڪلين ۾ اسان جي سامهون ايندي رهي آهي.ڪڏهن مذهبي سڌارن جي جدوجهد جي شڪل ۾ ته ڪڏهن هاري بغاوتن جي صورت ۾. سرمائيداري دور تاريخ جو اهو پهريون دور آهي جنهن ۾ اها طبقاتي جدوجهد نج طبقاتي بنيادن تي ظاهر ٿي.

دوستو! مارڪس ۽ اينگلز سرمائيداري بابت لکن ٿا ته، مشيني انقلاب هڪ نئين سماج کي جنم ڏنو جنهن جي جيئڻ جو دارومدار نفعي يا منافعي تي هوندو آهي. نه وساريو ته سرمائيداري جنهن کي نفعو يا منافعو ڪوني ٿي تنهن جو بنياد پورهيتن جو استحصال آهي. سرمايدار جيتري اجرت پورهيتن کي ڏئي ٿو، پورهيت ان کان وڌيڪ پيداوار تيار ڪن ٿا. اها واڌو پيداوار ئي آهي، جنهن کي سرمايدار نفعو ۽ ڪميونسٽ پورهيتن جو استحصال ڪوٺين ٿا. سرمايدار وڌ کان وڌ منافعي جي چڪر ۾ مشينن کي به ترقي وٺرائن ٿا ته وري پورهيتن جو به وڌ کان وڌ استحصال ڪن ٿا. سرمايداري گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۽ وڌ ۾ وڌ پورهئي جي اصول هيٺ، سرمايداري ماڻهن کي ڳوٺن مان تڙي شهرن ۾ آڻي ٿي پر ڪين ڏينهون ڏينهن وڌيڪ بيروزگار ڪري ٿي. سرمايداريءَ جاگيرداري نظام جي قبر کوٽي سماج ۾ سائنس، تعليم، جمهوريت جهڙا ابتدائي انقلابي قدم کنيا، پر سرمايداري ’پرولتاري‘-پورهيت طبقي کي به جنم ڏنو. پورهيت طبقي جي سياسي تحريڪن جڏهن سرمايداريءَ جو دروازو کڙڪائڻ شروع ڪيو تڏهن سرمايداري پنهنجو انقلابي پوش لاهي پنهنجي سموري رجعتي انداز ۾ سامهون آئي. ڪميونسٽ پڌرنامو انهيءَ دور ۾ لکيو ويو جڏهن پورهيت طبقي سرمايداريءَ جو دروازو کڙڪائڻ جي شروعات ڪري ڏني هئي.

سرمايدار يا ’بورجوازي‘ پيداوار جا سڀئي ذريعا پاڻ وٽ رکي ٿو. هي طبقو ذاتي ملڪيت رکندڙ آهي. ذاتي ملڪيت مان مراد اها ملڪيت جنهن مان وڌيڪ ملڪيت يا منافعو ڪمائي سگهجي.

مارڪس ۽ اينگلز جي مطابق هر اهو فرد جنهن وٽ پنهنجي سگهه وڪڻڻ کانسواءِ ٻي ڪا به ذاتي ملڪيت نه آهي سو پرولتاري يا پورهيت طبقو آهي. پورهيت طبقي وٽ ٿوري گهڻي شخصي يا نجي ملڪيت ته ٿي سگهي ٿي پر ذاتي ملڪيت وٽس ناهي هوندي. اهو طبقو پنهنجي گذران لاءِ پنهنجي پورهئي (ذهني توڙي جسماني) جي سگهه سرمايدار وٽ وڪرو ڪري ٿو. سرمايدار کين اجرت ڏئي ٿو پر پورهيت جيترو پيدا ڪري ٿو سرمايدار کيس ان کان گهٽ اجرت ڏي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو پورهيت طبقو روز وڌيڪ غريب جڏهن ته سرمايدار روز وڌيڪ امير ٿيندا ٿا

وڃن. غربت ۽ اميرائپ جو ’راز‘ اهو استحصال ئي آهي جنهن کي سرمايداري ’نفعي يا منافعي‘ جو نالو ڏنو آهي.

پورهيت کي جيڪا اجرت ملي ٿي سا ته گهر جي ڪرائي، راشن، دوائن ۽ اهڙن ٻين خرچن وسيلي وري سرمايدارن وٽ واپس هلي وڃي ٿي!

جنهن سماج ۾ طبقا موجود هوندا آهن تنهن سماج ۾ طبقاتي جدوجهد به ٿيندي، پر ضروري نه آهي ته اها طبقاتي جدوجهد پاڻ کي نج طبقاتي صورت ۾ ظاهر ڪري. تاريخ جي سمورن دورن ۾ ان جدوجهد پاڻ کي ٻين صورتن ۾ ظاهر ڪيو، پر اڄوڪي سرمايداري دور ۾ اها جدوجهد پاڻ کي پنهنجي اصلي صورت ۾ ظاهر ڪري ٿي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته ڪوبه ماڻهو طبقن جي موجودگيءَ کان انڪار نٿو ڪري، ويندي مذهبي رجعت پسند تنظيمون به طبقن جي موجودگيءَ جو اقرار ڪن ٿيون. پر سرمايدار کان ويندي رجعت پسند ملائن تائين هر ڪو طبقاتي جدوجهد جو انڪاري ٿيو بيٺو آهي. طبقاتي جدوجهد سرمايدار ۽ پورهيتن جي وچ ۾ پيداواري وسيلن جي مالڪيءَ تي ٿيندڙ جدوجهد، پورهيتن جي حقن جي جدوجهد کان شروع ٿيندي آهي ۽ ان جو انجام پورهيتن جي رياست، سوشلزم جو قيام آهي. مارڪس ۽ اينگلز چيو ته پرولتاري جدوجهد عملي طرح ٻن ذريعن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ آهي: پهريون، معاشي حق جهڙوڪ اجرت ۾ واڌارو، ڪم جي حالت ۾ بهتري ۽ ڪم وارن ڪلاڪن ۾ گهٽتائي ۽ ٻيو، سياسي اقتدار. معاشي سڌارن کان شروع ٿيندي اها جدوجهد پورهيت انقلاب تائين رسندي آهي.

پورهيتن جي استحصال جو خاتمو هڪ اهڙي نظام ۾ ممڪن آهي جتي ذاتي ملڪيت نه هجي ڇاڪاڻ جو ذاتي ملڪيت پورهيتن جو استحصال ڪري ئي ٿاهي ويندي آهي. ان نظام ۾ پورهيتن ۽ سماج جي ٻين مظلوم طبقن جهڙوڪ هارين، عورتن کي برابريءَ جي بنياد تي حق ملن ٿا. پورهيتن کي ان نظام ۾ سياسي اقتدار حاصل هوندو آهي ۽ پورهيت ئي رياست تي حڪمراني ڪندا آهن. ان نظام کي ئي سماجوادي نظام يا سوشلسٽ سماج سڏجي ٿو. سوشلزم درحقيقت ڪميونسٽ نظام جي ابتدا، ڪميونزم ڏانهن پهرين وک آهي. ڪميونزم جو مطلب آهي ته سماج مان رياست ۽ طبقن جو مڪمل خاتمو، مطلب ’ذاتي ملڪيت جو پورو خاتمو‘. ڪميونزم هڪ اهڙو نظام آهي جنهن ۾ رياست نالي ڪابه طاقت باقي موجود ناهي رهندي. جنهن سماج ۾ ذاتي ملڪيت جو عمل دخل نه هوندو، اتي سڀني جو مقصد هڪٻئي جي لاءِ ڪم ڪرڻ هوندو ۽ اهڙي سماج ۾ رياست جو ڪهڙو ڪم؟انهيءَ ڪري طبقن جي خاتمي سان رياست به ختم ٿي وڃي ٿي.

پورهيتن لاءِ مارڪس ۽ اينگلز لکن ٿا ته، ’پورهيت هڪ انقلابي طبقو آهن، انهن تي رحم ڇو ڪائجي؟ اهي پورهيت ئي سرمايداريءَ جي ٻيڙي کي هلائن ٿا. رحم ڪائڻ بدران پورهيتن کي سندن طاقت جو احساس ڏيارڻ گهرجي‘.

پورهيتن جي ان طاقت جو هڪ ننڍڙو مثال ڪي.ٽي.ايس.سي جي هڙتالي پورهيتن طرفان اداري جي آفيسن تي پنهنجو قبضو ڪري انتظاميه کي مفلوج ڪري ڇڏڻ وارو واقعو آهي. انقلاب ۾ پورهيت طبقو اهين ئي ڪندو آهي پر ملڪي سطح تي، هر اداري کي (رياست ۽ فوج کي به) پنهنجي قبضي ۾ وٺي سرمايدارن کي بيدخل ڪري ڇڏيندو آهي.

مارڪس ۽ اينگلز مطابق پورهيت طبقو ٻڌي ڪري عالمي سطح تي انقلاب برپا ڪري سگهي ٿو.

پڇاڙي ۾ مارڪس ۽ اينگلز عورت تي ٿيندڙ ڏاڍ جي خاتمي تي ڪافي زور ڏنو.

ساٿيو! اڄ به ٿئين دنيا ۾ اهي ئي حالتون موجود آهن جيڪي مارڪس ۽ اينگلز واضع ڪيون. اڄ به مظلوم پورهيت،

هاري، عورتون ۽ مظلوم قومون پنهنجن حقن کان محروم آهن.

اڄڪلهه جسماني پورهيو گهٽو ٽٽو ذهني پورهئي ۾ تبديل ٿي ويو آهي پر ڏاڍ جي صورت اها ئي ساڳئي آهي. سامراج جهموريت جو ڪوڙو نعرو ته هڻي ٿو پر محڪوم قومن جي آزاديءَ واري جدوجهد کي بمن وسيلي ڪچلي به ٿو. ياد رکو ته جن قومن پنهنجي آزاديءَ واري جنگ کي ڪميونسٽ تحريڪ سان جوڙي رکيو (جهڙوڪ چين،ڪوريا،ويٽنام،ڪيوبا، انگولا، الجيريا) سي اڄ به دنيا جي مظلوم قومن لاءِ هڪ مثال آهن.

انقلاب پورهيت طبقي جو عالمي فرض ۽ پيدائشي حق آهي. انهيءَ لاءِ پٽرنامي جي آخر ۾ مارڪس ۽ اينگلز پورهيت انقلابين کي مخاطب ٿيندي چون ٿا:

”پورهيتن کي وڃائڻ لاءِ (سندن مٿان پيل) زنجيرن کانسواءِ ڪجهه به نه آهي، پر کٽڻ لاءِ سموري دنيا!“

”دنيا جا پورهيتو! هڪ ٿي وڃو.“

پاڪستان قومن لاءِ هڪ سوال آهي

شفقت قادري

مظلوم قومن جو عوام جن جي چيلهه مصيبتن سبب چبي ٿيل آهي، جن جا حق غضب ٿيل آهن، تن لاءِ لينن هڪ نئين زندگيءَ جو اڏيندڙ آهي، لينن اهو وهائو تارو آهي جيڪو پيڙهيلن کي آجپي جو رستو ٻڌائي ٿو. هوچي منهه (1925ع)

شروع ۾ جنهن شيءِ مون کي لينن ڏانهن متوجهه ڪيو سا ڪميونزم نه پر وطن دوستي هئي. پر پوءِ جدوجهد تي قدم به قدم هلندي، مارڪسزم - لينن ازم کي وڌيڪ پڙهندي مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي ته مارڪسزم ۽ ڪميونزم جي واٽ تي هلندي ئي دنيا جون پيڙهيل قومون ۽ پورهيت آجپو ماڻي سگهن ٿا. هوچي منهه (1960ع)

چا ترقي پسند سياست سماج ۾ موجود سوالن جا صرف عوام دوست، پورهيت دوست، وطن دوست جواب ئي ڏيندي آهي؟ اهي جواب سياسي به ٿي سگهن ٿا ته فڪري به. اسان جو موضوع اهو نه آهي ته جواب ڪهڙي نوع جا آهن، اسان جو موضوع آهي ته سُوال ڪير ٿو ٺاهي؟

چيو ويندو آهي ته عوام دوست سياست سماج ۾ موجود سوالن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، پر سماج جا سوال ڪير ٿو ٺاهي؟ اهي سوال ڪٿي ۽ ڪيئن ٺا ٺهن؟ سوالن جي ڪهڙي ’ساخت‘، پاور يا رياست لاءِ قابل قبول آهي ۽ ڪهڙي نه؟ هي سوال ته ’سوال‘ ڪير ٿو ٺاهي سڀ کان وڌيڪ اهم معامرو آهي، پر ان اهم معامري تي تمام گهٽ (جيڪڏهن ڪو!) ڌيان ڏنو ويو آهي. ٿيندو ائين آهي جو رياست سوال ٺاهيندي آهي ۽ سياسي ڌريون انهن کي جوابڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. ڇا اهڙي سياست سماجي ڪايا پلٽ ڪري سگهي ٿي؟جيستائين رياست وٽ سوال ٺاهڻ جي هڪ هٽي موجود آهي تيستائين ترقي پسند سياست ٻاروتڻ واري سطح تي ليڪبي. ڇاڪاڻ جو رياست ٻاران سوال جوڙڻ، سوالن جي بيهڪ ۽ سندن سياسي گرامر، سياسي معنيٰ طئي ڪرڻ جو مطلب رياست صرف پنهنجي ’ٻوليءَ‘ ۾ ئي جواب ٻڌڻ چاهي ٿي. ان لاءِ رياست اها ’ٻولي‘ ڪيترن ئي نمونن سان سياسي ڌرين کي سيکاريندي آهي. ميڊيا، تعليم کان ويندي طاقت جو ننگو استعمال پڻ ان لاءِ ئي ڪيو ويندو آهي جو رياست سان جهيڙيندڙ ڌرين کي رياست جي ’ٻوليءَ‘ ۾ ٺهيل سوالن کي قبول ڪرائجي ۽ ڪائن انهيءَ ’ٻوليءَ‘ ۾ جواب ونجي. ڇا اهڙيءَ صورت ۾ ڪا سياسي ڌر سماجي ڪايا پلٽ ڪري سگهي ٿي؟ ڇا

رياست/ پاور جي ٻولي سڪيل سياست انقلابي تبديليءَ جو مهندار ٿي سگهي ٿي؟ هتي انقلابي تبديلي جو مطلب اهو ساڳيو پراڻو ئي آهي جنهن کي اڄ ڪالهه پاور جي ٻوليءَ ۾ ذڪار جوڳو يا ’ٽريڊيشنل‘ ڪري پيش ڪيو ويندو آهي ۽ ان ’ٽريڊيشنل‘ انقلابي تبديليءَ جو مطلب آهي هڪ سماجي ڍانچي مان اُکرڻ: سماجي رشتن جي مڪمل ڪايا پلٽ.

مثال طور رياست انقلابين کي ’ڊائيلاگ‘ لاءِ چوندي آهي، جيڪڏهن سياسي ڌر ڪمزور هوندي ته اهو ’ڊائيلاگ‘ هڪ ’مونولاگ‘ ڪانسواءِ ڪجهه به نه هوندو جنهن ۾ رياست/پاور ڳالهائيندو ۽ اڳين ڌر رڳو ٻڌندي. انقلابي سياسي ڌر جي سگهه جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جڏهن انقلابي ڌر رياست کي ’ڊائيلاگ‘ لاءِ ڪوٺي. رياست/ پاور اهڙي ’ڊائيلاگ‘ کان ڪَنُ ڪيرائيندي آهي چو ته ان امر ۾ هو اڳين ڌر جي ’ٻوليءَ‘ ۾ طئي ڪيل سوالن کي ٻڌندي.

رياستي حق حاڪميت ٻن نوع جي هوندي آهي: (1) انتظامي يا حڪومت ڪرڻ جو اخلاقي جواز (2) عسڪري يا ننگي رياستي ڏاڍ وسيلي اقتدار برقرار رکڻ. پهرين امر ۾ رياست سماجي ’سوالن‘ تي پنهنجو غلبو قائم رکندي ’جوابن‘ کي پنهنجي انتظامي ڪنٽرول ۾ رکندي آهي. رياست کي سڌو سنئون ’جوابن‘ کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪا گهٽ ضرورت ڪونهي، جڏهن سوال ئي ڪنٽرولڊ هوندا ته انهن جا جواب پاڻ هڙتو ڪنٽرولڊ هوندا. انقلابي سياست رياست/ پاور جي ان هڪ هٿيءَ کي سڀ کان اول للڪارڻ جي ضرورت هوندي آهي. اهڙي سياست رياست پاران سوال طئي ڪرڻ جي اخلاقي جواز کي وائکو ڪندي رياستي ’ٻوليءَ‘ کي وائکو ڪندي آهي جنهن جي نتيجي ۾ رياست/ پاور وائکو ۽ وائڙو ٿيندو آهي. پر ان جي ابتڙ امر به ممڪن آهي، جنهن ۾ رياست آزادي پسند انقلابي ڌرين جي ’ٻوليءَ‘ کي وائکو ڪري، ڪين سندس ’ٻولي‘ ڳالهائڻ تي مجبور ڪندي آهي. سڌي سنئين موقع پرستيءَ سبب اهڙيون ڌريون رياست/ پاور پاران طئي ڪيل گرامر جي آڌار تي پنهنجي سياسي ٻولي ڳالهائڻ لڳنديون آهن. سندن ٻولي اهڙي هوندي آهي جيڪا رياست/ پاور لاءِ قبول جوڳي هجي. ’صوبائي خودمختياري‘ جي ٻولي ڳالهائيندڙن پاڪستاني پاور جي ٻولي سکي آهي ته عالمي سامراج مخالف ويڙهه کي پنهنجي ’ٻوليءَ‘ مان ميساري ڇڏيندڙن پڻ پاور جي ٻولي سکي ورتي آهي.

’پاڪستان ۾ قومي سوال‘. هي جملو پاڻ هڪ وڏو سوال آهي. اصل مسئلو ان سوال جي سوالجڻ جوآهي. قومپرست ڌرين کان ويندي ڪميونسٽ ڌرين به گهٽو ٽٺو ان سوال کي ناهي سوالجيو. پاڪستان جو نظريو ڇا آهي؟ جواب ايندو ’ٻه قومي نظريو‘! ان سوال کي ڪيئن ٿو طعي ڪري سگهجي جيستائين اسان اهو طعي نه ڪيون ته ’نظريو‘ ڇاآهي؟ نظريي مان مراد اوهان جيڪو پنهنجي باري ۾ چئو ٿا؟ يا اوهان جيڪو ڪجهه ڪيو ٿا؟ سماجي سائنس ۾ نظريي جو مطلب فرد، رياست، سماج جو ٻئي سان عملي لاڳاپو آهي. يعني اوهان جو عمل ڇاڪي ٿو بيان ڪري؟ ڇا پاڪستاني رياست جو عمل ڪنهن به ريت ’مذهبي‘ آهي؟ (هتي مذهب ويساهه طور ۽ مذهب سياست طور به ڌار ڌار شيون ڪري سمجهڻ گهرجي، پاڪستاني رياست جو جواز مذهب سياست طور ئي هو. نه ته ڪيترائي مسلمان جن اسلام کي مذهب ويساهه طور ٿي مڃيو، تن جو مسلم ليگي سياست سان سڌو سنئون ٽڪر به هو جيئن مولانا آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي). پاڪستاني رياست جو نظريو (سماج سان، فردن سان، قومن سان، پورهيتن سان عملي تعلق) سرمايداري آهي. پاڪستاني

سرمايداري ٽئين دنيا جي ڳيجهو سرمايداري آهي جنهن جي لوڪل سرمايدار جو بين الاقوامي سرمايداريءَ سان ناتو آزادي يا برابريءَ جي بنياد تي نه پر دلاليءَ جي بنياد تي بيٺل آهي. پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو سرمايدار پاڪستاني فوج آهي.

هاڻي ڏسو ته پاڪستان جي نظرياتي بنيادن تي مخالفت ڪندڙ اڪثر ڌرين ان سوال کي ان انداز ۾ ڪنيو ئي نه آهي. رياست چيو ته اسان جو نظريو مذهب آهي ۽ مخالف قوتون ان تي لبيڪ چئي ويٺيون ان جي مخالفت ڪرڻ، جيڪو اصل نظريو آهي سو ائين ڍڪجي ويو جيئن عالمي توڙي لوڪل سرمايدار جاگيردار ڳٺ جوڙ جي نتيجي ۾ ٺهيل پاڪستان 'به قومي نظريي' ۾ غم ٿي ويو. پاڻ ان 'به قومي نظريي' کي پٽيندا رهياسين ۽ پل هيٺان پاڻي وهندو رهيو!

پاڪستان پاڻ قومن لاءِ هڪ سوال آهي. پاڪستان ان عملي تعلق جو نالوآهي جنهن ۾ هڪ قوم ٻين قومن جي وسيلن ۽ سياسي حقن تي حاوي آهي. اهو تعلق ڪيئن ۽ ڇو ممڪن آهي؟ اهي ڪهڙا سبب آهن جن جي ڪري قومون محڪوم آهن؟ ڇا صرف مفاصلو ئي سبب هو جنهن جي ڪري بنگالين جي تحريڪ ڪامياب ٿي؟ تڏهوڪي پاڪستان ۾ بنگال واحد علائقو هو جتي جاگيرداري ختم ٿي چڪي هئي، يا هئي به ته ايتري نبل جو قومي ادارن (قوم جو سڀ کان وڏو ادارو قومي رياست هوندي آهي) جي اوسر ۾ رڪاوٽ نه ٿي سگهي. اوهان کي ياد هوندو ته انگريزن جو بيٺڪي حاڪميت جو سڀ کان وڏو پرجهلو هتان جو جاگيردار ئي هو. پر ڇا هي جاگيردار ايترو طاقتور آهي جو هتان جو سرمايدار هن کي شڪست ڏئي نٿو سگهي؟ ان جو جواب آهي نه، بلڪل نه. هتان جو جاگيردار ان لاءِ سگهارو آهي جو ڪيس هتان جي سرمايداري جيئرو رکيو ويٺي آهي. اها سرمايداري ڪير آهي؟ پاڪستاني فوج.

ڪارل مارڪس (اهو ساڳيو 'ٽريڊيشنل ۽ مطعون ٿيلن ڪارل مارڪس) مطابق اولهه جي پورهيت ڪي صرف 'نئين' يعني سرمايدريءَ سان جنگ ڪرڻي آهي. جڏهن ته اوڀر جي پورهيت مٿان 'نئين' سميت 'پراڻي جو لاش' به پيل آهي. يعني نئين بيٺڪي سرمايداري پراڻي حاڪمن، پيرن، وڏيرن، ملن کي ماري لاش ته ڪري ڇڏيو پر ان لاش کي پورهيتن جي ڪلهن تي چاڙهي ڇڏيو. هتان جا پورهيت نئين کي ته تاتين ٿا پر پراڻي جي لاش جو بار به ڪلهن تي ڪنيو پيا هلن. اهو آهي 'راز' هتان جي جاگيرداريءَ جو لاش مخالف سياسي سڌار وادي ته ٿي سگهي ٿي، انقلابي ڪڏهن به نه، ڇو ته ان جي جدوجهد ان نئين سان نه آهي جنهن ان لاش کي پورهيتن جي ڪلهن تي چاڙهيو آهي. اسان ان جدوجهد مخالف هرگز نٿا ڪريون، اسان اهڙي جدوجهد جي آجيان ڪريون ٿا ۽ گڏوگڏ ان جدوجهد جي حدن جو ادراڪ به رکون ٿا.

ٽئين دنيا جا انقلاب اصل ۾ ڪامياب هاري بغاوتون آهن. انهن ڪامياب هاري بغاوتن جي ڪري پورهيتن جي جنگ لاش کان ٿيندي لاش سندن ڪلهن تي رکندڙن سان ٿي ۽ اهڙيءَ ريت ٽئين دنيا جي قومي آجپي وارين لڙايون سماج واد/ سوشلزم (ساڳي 'ناڪام' سوشلزم جي ڳالهه ٿي هلي!' تائين پهتيون. هتي اها ڳالهه ڪرڻ به اهم آهي ته سماج واد طبقاتي استحصال جو مڪمل خاتمو نه آهي، پر ان خاتمي طرف هڪ پيش رفت آهي. پر سماج واد قومي استحصال جو مڪمل خاتمو ڪري ٿو. جيڪي دوستن سوويت يونين جي ٽٽڻ جو سبب قومي ڏاڍ ۾ ڳولين ٿا تن لاءِ عرض آهي ته سوويت يونين پندرهن ملڪن مان يارهن ملڪن جي ماڻهن سوويت يونين کي برقرار رکڻ جي ريفرنڊم ۾ حمايت ڪئي. سوويت يونين کي ٽوڙڻ جو خيال مهاروسين

جو هو ڇو جو هو سوشلزم جي بنياد تي قومن جو استحصال نه ٿي ڪري سگهيا. هاڻ انهن ’آزاد‘ رياستن کان پڇو ته سرمايدار روس ڇا آهي؟

سماجواد جو بنيادي اصول آهي ته پورهيت بين الاقواميت قومي ڏاڍ جي موجودگيءَ ۾ قائم نٿي ٿي سگهي. ان لاءِ قومن جي عليحدگي ۽ خود ارادي وارو حق مڃيو ويو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته قومن جي قسمت تي ٿيندڙ بحث پڻ سوشلزم ۾ نئي ٿيا آهن پوءِ اهي مارڪس اينگلز جا آئرلينڊ ۽ پولينڊ تي ٿيل بحث هجن يا لينن روزا لڪسبرگ جا زار شاهي روس جي مظلوم قومن جي مستقبل تي. ’قومن جو قيد خانو‘ جو سياسي اصطلاح سوشلسٽ تحريڪ جو پيدا ڪيل آهي. ويندي ’قوم‘ جي وصف پڻ روس اندر سماج وادي تحريڪ جي ڪري ممڪن ٿي ۽ ڪامريڊ اسٽالن جي ڪتابڙي قومن جي بنيادي وصف طعيءِ ڪرڻ لاءِ نيون راهون واضح ڪيون. اسان اهو سڀ وسارڻ ۾ تمام گهٽي ٽڪڙ جو مظاهرو ڪندا آهيون.

لينن ڇا ڪيو؟ روس ۾ 50 قومون زار جون غلام هيون. لينن غلام قومن جي انقلابين سان گڏجي اهي اصول طيءِ ڪيا جيڪي پراڻي حاڪم قوم ۽ پراڻين مظلوم قومن جي وچ ۾ هڪ نئين تعلق جو بنياد بڻيا. سنڌين، سرائڪين، پنجابين، بلوچن، پٺاڻن مان ڪوبه پنهنجو وطن ڇڏي آسٽريليا جي پريان نه ڪوڙيندو. هنن مظلوم قومن کي ۽ اڃوڪي حاڪم قوم کي هت ئي رهڻو آهي. ڇا هنن قومن جو هڪ ٻئي سان تعلق صرف ’پاڪستان‘ جي بنياد تي ئي هلندو؟ اهو سوال هتان جي انقلابي ڌرين کي هڪ ٻئي آڏو رکڻ گهرجي؟ هنن قومن جا ترقي پسند قومي سوال کي نه پر پاڪستان کي اِنورٽڊ ڪاما ۾ رکن. قومن جو وجود پاڪستان لاءِ نه پر پاڪستان جو وجود هتان جي قومن لاءِ هڪ سوال آهي.

اهو هو پنهنجي موضوع جو پهريون نڪتو.

’جڏهن ڪو لقاءَ بحراني ڪيفيت ۾ هوندو آهي ته ان جي بچاءَ لاءِ سندس ثانوي متن کي تبديل ڪرڻ يا انهن ۾ واڌارو ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن، پر اهو خيال رکيو ويندو آهي ته اهي تبديليون ۽ واڌارا بحران ۾ قاتل ڪنهن لقاءَ جي بنيادي اصولن سان مطابقت ۾ هجن. پر حقيقي انقلاب تڏهن ايندو آهي جڏهن بحران ۾ قاتل لقاءَ جي ڪن پاسن کي تبديل ڪرڻ يا انهن ۾ واڌارو ڪرڻ بدران ان لقاءَ جي بنيادي متن کي ئي تبديل ڪيو وڃي.‘ سلاووءِ جيجڪ

اسان وٽ فڪري بحرانن کي ائين ئي اڪلايو ويندو آهي. لقائن، بحرانن، لفظن توڙي سياسي عملن کي بنيادن کي تبديل ڪرڻ بدران انهن ۾ ڪجهه واڌارا ڪرڻ واري علم کي ’ترقي پسندي‘ ڪوٺيو ويندو آهي.

هڪ سچي وطن پرست لاءِ قوم جي بک ۽ بدحالي، غلامي توڙي اڪثريتي عوام جي تباهي هڪ اٽوٽندڙ صورتحال آهي. شايد ئي ڪو اهڙو وطن پرست ۽ قوم دوست ماڻهو هوندو جيڪو پنهنجي قوم جي اڪثريت کي بکيو ڏسڻ چاهيندو! ان لاءِ وطن پرست، قوم دوست فڪر ۽ سياست سان واسطو رکندڙ اڪثر ماڻهو سماج واد يا سماجي برابريءَ سان ’رومانس‘ پڻ ڪندا آهن.

ان ’رومانس‘ جو هڪ تازو مثال محترم نواز زنئور جي ڪتاب ’قومي آزادي‘ ۾ به ملي ٿو. محترم زنئور لکن ٿا ’اهي قومي سماج جيڪي جاگيرداراڻي سرشتي ۾ قاتل هوندا آهن اتي قومي آزادي به رکي تبديلي آڻيندي آهي. هڪ پاسي اها ڌارئين سامراج جا پنجوڙ مان جان آجي ڪرائي قومي انقلاب برپا ڪندي آهي، ٻئي پاسي اها ڌارئين سامراج جي دلال

جاگيردار شاهي کي ختم ڪري طبقاتي استحصال جو انت آڻيندي آهي. قومي انقلاب پنهنجي جوهر ۾ جاگيرداري مخالف انقلاب هوندو آهي جاگيرداريءَ کي ختم ڪري زرعي سڌارا آڻيندو آهي. جاگيرداراڻي سماج کي ختم ڪري قومي انقلاب قوم کي سماجي ارتقا جي اڳئين ڏاڪي تي وٺي ويندو آهي. سنڌ جو قومي انقلاب به اها به رخي تبديلي آڻيندو البت اهو سماج واد انقلاب نه هوندو. اهو قومي جهموري انقلاب هوندو' صفحو 95

قومي آزاديءَ جي وصف ڪندي محترم زنئور لکي ٿو 'مختصر لفظن ۾ قومي آزادي جي وضاحت ڪجي ته قومي آزادي ملڪ جي وجايل سرحدن جي بحاليءَ جو نالو آهي. قومي آزادي ڪنهن قوم جو پنهنجو سياسي اقتدار اعليٰ پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ جو نالو آهي'. صفحو 89

ڪن شين جون معنائون هتي 'فطري' بڻجي چڪيون آهن. ان لاءِ انهن جي پرابلميٽائيزيشن (ڪين مسئلو قرار ڏئي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ) ڪفر آهي! سائين زنئور صاحب ان ڳالهه کي مڃي ٿو ته هڪ قوم ۾ طبقا ٿيندا آهن (جيئن مٿي لکيو اٿس) ۽ اهو پڻ مڃي ٿو ته قومي غلامي ۾ ڪي طبقا برابر جا ڌوهاري آهن (جيئن هن جاگيردارن کي دلال قرار ڏنو آهي). سائين جن ته طبقاتي استحصال جي خاتمي جي ڳالهه به ڪئي آهي. پر انهن ڳالهين کي پرابلميٽائيز ناهي ڪيو ويو. جي ڪنهن قوم ۾ طبقا ٿيندا آهن ۽ انهن طبقن جو قومي توڙي طبقاتي مفاد پنهنجي ئي قوم جي ڪنهن ٻئي طبقي سان ٽڪراءَ ۾ آهي ته سائين جن قومي آزادي جي وضاحت ڪندي لفظ 'پنهنجن' ڪهڙيءَ معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي؟ ڇا سنڌ جا وڏيرا 'پنهنجا' آهن؟ يا نه؟ يا هو آهن ته 'پنهنجا' پر 'ڌارين' جا دلال آهن؟ اقتدار 'پنهنجن' هٿن ۾ وٺڻ مان مراد ڪهڙا پنهنجا؟ هاري ۽ مزدور جيڪي قوم جي اڪثريتي آبادي آهن يا اجا ڪي ٻيا 'پنهنجا'؟ جڏهن انهن سوالن تي سوچبو ته سياسي اصطلاح 'پنهنجا' جي معنيٰ کلي سامهون ايندي. پر سائين زنئور وارن 'پنهنجن' مان ڪابه ڳالهه واضح نه ٿي ٿئي.

ٻئي وڏيڪ اهم ڳالهه جيڪا زنئور صاحب لکي آهي سا آهي قومي انقلاب جو 'جاگيرداري ختم ڪري طبقاتي استحصال جو انت' آڻڻ. پر وري لکن ٿا ته انقلاب 'سماج واد' انقلاب نه پر قومي جمهوري انقلاب هوندو.' سائين جن کي خبر هوندي ته طبقاتي ڏاڍ جو 'انت' قومي جمهوري انقلاب ته ڇا پر پاڻ سماج واد/ سوشلسٽ انقلاب به نه ٿو ڪري، ڇو ته سوشلزم خود طبقاتي ڏاڍ جو نالو آهي: هارين ۽ مزدورن جي رياست جو سرمائيدارن ۽ جاگيردارن خلاف ڏاڍ، طبقاتي استحصال جو 'انت' ڪميونزم جي اسريل شڪل ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن سماج مان رياست ختم ٿي وڃي، ڇو ته سماج اندر رياست جي موجودگي ان ڳالهه جو دليل آهي ته سماج ۾ طبقا موجود آهن ۽ جيستائين طبقا موجود آهن تيستائين طبقاتي استحصال جو 'انت' ممڪن ڪونهي.

جيئن اڳ ۾ ڄاڻايو ويوآهي ته هڪ وطن پرست ماڻهوءَ لاءِ قوم جي اڪثريت جي بک ۽ بدحالي برداشت جوڳي نه آهي ان لاءِ هو ان استحصال جو خاتمو چاهيندو آهي، پر رومانوي ۽ تجريدي انداز ۾.

جڏهن اهو مڃجي ٿو ته قوم اندر طبقا موجود آهن ته اهو به ڏنو وڃي ته قومي آزاديءَ ڏانهن ڪهڙن طبقن جي ڪهڙي بيهڪ بيهندي. قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سماج ۾ موجود طبقن جي ان بيهڪ کي ڏسندي ئي اهو چئي سگهجي ٿو ته قومي آزادي جي سياسي شڪل ڪهڙي هوندي. مثال طور: گڏيل هندستان جي حڪمران طبقي قومي آزاديءَ واري جدوجهد جي مهنداري ڪئي (اهو به تڏهن ممڪن ٿي سگهيو جڏهن ڪانگريس

گانڌيءَ کي اڳواڻ طور قبول ڪيو ڇو ته هندستان جو هاري گانڌيءَ سان گڏ هو). بنگال ۾ خيرن سان جاگيرداريءَ جو انت ڪڏهوڪو اڇي چڪو هو ان سبب بنگال جي آزاديءَ جي تحريڪ جي مهنداري پڻ عوام ليگ جي پليٽ فارم تان اتي جي بورجوازيءَ ڪئي. ڪانگريس ۽ عوامي ليگ جي سياسي بيهڪ ۽ انهن جي طبقاتي ڪردار کي ڏسي پوءِ ئي چئي سگهجي ٿو ته هندستان ۽ بنگال جون نيون رياستون ڪهڙي سياسي شڪل وٺنديون. انهن رياستن جيڪا سياسي شڪل اختيار ڪئي سا ڪا حادثاتي نه هئي پر اها انهن سياسي پارٽين جدوجهد ئي رياست جي انهيءَ سياسي شڪل لاءِ هئي. پر اسان سڄي سياسي گرامر کي هڪ پاسي تي رکي، سنڌ جي اجوڪين توڙي مستقبل جي سياسي پارٽين ۽ آزاديءَ ڏانهن سندن پوزيشن جي سمجهه کي پٺي ڏئي، ميز تي ويهي طعي ڪنداسين ته آزاديءَ ڪانپوءِ سنڌ جي آزاد رياست جي سياسي بيهڪ ڪهڙي هوندي. سمجهه جو بنياد رومانوي آهي پر ان ۾ ڪجهه ثانوي تبديليون ٿي سگهن ٿيون. سڄي سنڌ کي سمجهبو ته رومانوي انداز ۾ پر 'طبقاتي استحصال'، 'سماج واد'، 'قومي جمهوري انقلاب' جهڙا ثانوي واڌارا به ڪبا!

قومي جمهوري انقلاب جو مطلب آهي قومي رياست تي قومي بورجوازيءَ جو جمهوري ڪنٽرول. پر جنهن انقلاب جي ڳالهه سائين زنئور صاحب ڪئي آهي ان کي عوامي جمهوري انقلاب چئجي ٿو جنهن مان مراد قومي رياست تي عوام جي اڪثريت (هاري ۽ مزدور) جو ڪنٽرول ۽ اها ويڙهه نيپال ۾ هلي رهي آهي. پر چاڪاڻ ته نيپال ۾ انقلاب برپا ڪندڙ ڪميونسٽ ڪٿي ڪيترا به وطن پرست ڇو نه هجن هو 'قومپرست' نه آهن ان لاءِ هنن جي ڳالهه ڪرڻ به ڪفر آهي!

سنڌ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي سڀ کان اول جيڪو ڪم ڪرڻو آهي سو آهي ان طبقي جي ڳولا جيڪو ان قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي مهنداري ڪندو. ان سوال کي اتي ڇڏجي ٿو ته جيئن ان تي وڌيڪ بحث ٿي.

آخر ۾ هڪ ڳالهه ڪجي ٿي ته 'قومپرست' سمجهندا آهن وطن دوستي سندن ميراث آهي ۽ وطن دوستيءَ تي سندن هڪ هٽي آهي، جيڪو 'قومپرست' ناهي سو وطن پرست نٿو ٿي سگهي؟ اڇو ته ڏسون ته لينن ان سوال کي ڪيئن ڏٺو. 'ڇا اسان طبقاتي شعور رکندڙ عظيم روسي پرولتاري قومي فخر کان وانجهيل آهيون؟ نه، يقينن نه. اسان کي پنهنجي ٻوليءَ سان، پنهنجي وطن سان محبت آهي ۽ انڪري ئي اسان پنهنجي سموريون توانائيون ان وطن جي پورهيت عوام (قوم جي 9/10 آبادي) اندر جمهوري ۽ سماج وادي شعور جي سطح کي اڀارڻ تي خرچ ڪري رهيا آهيون. پنهنجي وطن جي تذليل، ان جو استحصال ۽ ان جي بيعزتي اسان لاءِ سڀ کان وڌيڪ تڪليفده امر آهي. اسان کي فخر آهي ته اسان پورهيت ان ڏاڍ جي خلاف وڙهي رهيا آهيون ۽ ان ظلم جي خلاف مزاحمت اسان منجهان اٿي رهي آهي... اسان قومي فخر سان ڀريل آهيون ڇو ته اسان جي قوم پڻ هڪ انقلابي طبقو پيدا ڪيو آهي، ڇو ته اسان جي قوم انسانيت لاءِ جدوجهد، مزاحمت، آزادي ۽ سوشلزم لاءِ ويڙهه ڪرڻ جا نوان مثال قائم ڪيا آهن. اسان کي پنهنجي قوم تي ان ڪري فخر آهي جو اسان جي قوم رڳو مظلوم قومن جي نسل ڪشي نه ٿي ڪري، رڳو مظلومن کي ڦاهي گهاٽ ڏانهن نه ٿي اماڻي، ڪين ڏڪار، زار، جاگيردارن، سرمايدارن ۽ پادرين جي غلاميءَ جا تحفا نه ٿي ڏي. اسان پنهنجي قوم تي انهن سببن جي ڪري ئي فخر ڪيون ٿا. ان لاءِ ئي اسان پنهنجي غلام داراڻي ماضي ۽ پنهنجي غلام داراڻي

حال ڪان پڻ نفرت ڪريون ٿا جو اڄ اهي ۽ ساڳيا جاگيردار، سرمائيدار پولينڊ ۽ يوڪرين کي غلام ڪرڻ، چين ۽ ايران ۾ جمهوري تحريڪ کي چيپاڻڻ ۽ زار شاهيءَ کي سگهارو ڪرڻ لاءِ جنگ تيار ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن. لينن ڪل لکٽيون، جلد 21، صفحو 103- 104

اسان کي سنڌ تي فخر آهي، اسان کي پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار آهي، ان لاءِ ئي اسان سنڌ جي اڪثريتي آبادي (هاري ۽ پورهيت) ۾ طبقاتي شعور جي اوسر لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون. اسان کي سنڌ تي فخر آهي جو اسان جي قوم رڳو ڳيجهو جاگيردار ۽ وطن وڪڻندڙ عملدار ئي پيدا نه ڪيا آهن، پر هن خطي جا اهم جمهوري، سيڪيولر ۽ سوشلسٽ اڳواڻ، ليکڪ، شاعر ۽ مفڪر اسان جي قوم مان پيدا ٿيا آهن. اسان پنهنجي قوم تي فخر ڪريون ٿا جنهن الله بخش سومرو، جيئم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، هيمون، هوشو، سوڀو گيانچنداڻي ۽ ابراهيم جويو، جهڙا انسان پيدا ڪيا آهن. اسان پنهنجي قوم تي فخر محسوس ڪريون ٿا جو سنڌ پاڪستان جي مظلوم قومن لاءِ قومي آزادي ۽ سوشلزم جو هڪ مضبوط قلعو هئي ۽ آهي.

اسان کي وطن پرست ٿيڻ لاءِ قومپرست ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. اسان لاءِ قوم قوم جو اڪثريتي پورهيت عوام، پورهيت مرد ۽ عورتون آهن. اسان لاءِ آزادي انهن ماڻهن جي آزدي آهي.

جيئي سنڌ

سوشلزم زنده باد مظلوم قومن جو اتحاد زنده باد

عورت جي سماجي بيهڪ ۽ جدوجهد

فيض ڪيريو



عورت جي غلامي، هر سماجي لقاءُ ۽ دائري جهڙوڪ خاندان، اخلاقيات، سياست، معاشيات ۽ قانون ۾ سنڌس ڪردار منجهان پڌري ٿئي ٿي. عورت جو ڪردار عورت جي سماجي بيهڪ پڌاندڙ طئي ٿئي ٿو. انهيءَ بيهڪ کي سماج جو حڪمران نظريو فطري ۽ ابدي ڪري ظاهر ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ حڪمران نظريو يعني ثقافت، سياست، اخلاق ۽ قانون ان مادي حقيقت جو اظهار آهي جيڪا هن محڪوم طبقي ۽ سماج جي ٻين مظلوم حصن خلاف معاشي ڦرلٽ جي نظام تحت قائم ڪئي آهي. خاندان اندر ان معاشي ڦرلٽ جو اظهار پدرشاهي نظام جي صورت ۾ ٿئي ٿو. پدر شاهي نظام عورت جي گهريلو پورهئي کي ڦٻائي ان جو ڪارج صرف نسلي پيداوار تائين محدود ڪري ٿو. پدر شاهي نظام وٽ ”غيرت“ يا ”عزت“ جو قانون دراصل نسلي پيداوار جي محرڪ قوت تي قابض رهڻ جو اوزار آهي. غيرت جو قدر دراصل عورت کي غلام بنائڻ جو اخلاقي جواز آهي. غيرت جو قدر عورت کي انساني هستي مان گهٽائي مرد لاءِ ”جسماني مخلوق“ ئاهي ڇڏي ٿو. عورت کي سماج جي ٻين معاملن يا ڪاروهنوار مان سڪوڙي گهر تائين محدود ڪرڻ جا تاريخي سبب ڪهڙا آهن؟

تاريخ جو بنياد ٻن مادي قوتن تي آهي، هڪ زندگي پيدا ڪندڙ قوت ۽ ٻي زندگي جا ذريعا پيدا ڪندڙ قوت يعني پيداواري قوتون ۽ انساني نسل جي پيدائش ڪندڙ خاندان. تاريخ ۾ هڪ وقت هڪ سان شاديءَ جو رواج پوڻ، پيداواري ذريعن تي مرد جي وڌيڪ پهچ ٿيڻ ۽ ذاتي ملڪيت جي نظام اهو انقلاب آندو هوندو ته خاندان ماءُ جي بدران پيءُ جي ماتحت نسلي سلسلي ۾ رهي، ڇو ته بنيادي ضرورت، ذاتي ملڪيت کي بچائڻ واري سرشتي جي ٿي. تاريخ جا طبقاتي انقلاب هڪ پيداواري طريقي کان ٻئي پيداواري طريقي تائين ذاتي ملڪيت جي شڪلين کي نئين صورتن ۾ آندو، ملڪيتي نظامن جي

تبديليءَ، خاندان کي تبديل نه ڪيو پر ڦرلٽ ۽ ماتحتي جاري رهي. سرمائداري دور انفراديت (Individualism) جو علم جهلي، عورت کي به بورجوا آزادي بخشي، انهيءَ کي هڪ جنس (Commodity) ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. سرمائداري سامراجي طريقن سان انساني غلاميءَ جون باقيات قائم رکي ٿي. هي نظام پنهنجي فطرت ۾ سماج جي جديد سائنسي دور جي ارتقا کي هڪ دور ۾ اتساهي پي درو ۾ ان کي روڪي ٿو. اڄ سامراجي نظام کي خطرو جاگيرداريت مان نه پر پنهنجي وڌندڙ بحرانن مان آهي اهڙن بحرانن مان نڪرڻ لاءِ کين ٽين دنيا جي مظلوم طبقي ۽ مظلوم قومن جي ڦرلٽ اڃان تيز ڪرڻي پئي آهي. ٽين دنيا اندر ڦرلٽ جو اهم ذريعو اهو "سماجي ڍانچو" آهي جيڪو سامراجي ملڪن کان صديون پوئتي آهي. رجعت پسند سماجي نظام ۽ پدرشاهي خانداني نظام هڪ ٻئي جا پيداڪار آهن. پدرشاهي سماج عورت کي خانداني ذريعي زال، ڌيءُ ۽ پيٽ جي لاڳاپي ۾ سندس سيني انساني سماجي حقن جو مالڪ بڻيل آهي. "سڱ چٽيءَ ۾ ڏيڻ"، "حق بخشرائڻ"، "ادو بدو"، "پيٽ لکي ڏيڻ"، "نند‍پڻ کان نالي ڪرڻ"، "ڪارو ڪاري" ۽ ٻيون رسمون، سنڌي سماج ۾ عورت تي حاوي تعارف جو اظهارآهي. عام حالتن ۾ عورت جو نالو ناهي ورتو ويندو ڇو ته اها "اُگهڙ" ۽ مرد جي گهٽتائي آهي. هي عام حالت اهڙي سوچ جي عڪاسي آهي جنهن مطابق عورت سماجي گهٽ پر"جسماني مخلوق" وڌيڪ آهي. عورت کي "جسماني مخلوق" محسوس ڪندڙ شعور دراصل پنهنجي حيواني جبلت جي گند ۾ ڦاٿل آهي. مذهبي ۽ رجعت پسند شعور موجب جيڪڏهن مرد عورت ڏسڻ، بيان ڪرڻ، ڳالهائڻ مان جنسي لست حاصل ڪري ته ان ۾ برائي عورت جي آهي ڇو ته هوءَ جنسي لست حاصل ڪرڻ جي آسماني نعمت آهي جيڪا برائي جي جڙ به ٿي وڃي ٿي!

جنوري کان ڊسمبر 2010ع تائين 266 (يه سئو ڇاهٺ) عورتن کي "ڪاري" قرار ڏئي قتل ڪيو ويو. 2010ع ۾ پوري پاڪستان اندر 1000 عورتون ڪاريون ڪري ماريون ويون ۽ تقريباً 3000 عورتن سان جنسي ڏاڍائي جا واقعا ٿيا. پاڪستان اندر عورتن سان ٿيندڙ انهيءَ جبر سبب هي ملڪ آفريڪا جي هڪ ٻن ملڪن کان پوءِ دنيا جو سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ بڻجي چڪو آهي. پدرشاهي نظام ۾ عورت جي ذاتي حيثيت نه هئڻ ڪري هوءَ مرد جي ملڪيت آهي جيڪڏهن عورت ذاتي زندگي جو فيصلو مرد آقا جي اختيار خلاف ڪري يا سوچي ته ڪيس جيئرو پوريو وڃي ٿو! ڪجهه وقت اڳي نئي جي پاسي ويهن سالن جي عورت زبردستي شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ مائٽن جي تشدد سبب گهر ڇڏي ٻئي ڳوٺ جي ڪنهن عزيزياڻي ڏانهن پناهه لاءِ پهچي ته، گس ۾ مائٽن ۽ ڳوٺ وارن ورائي، گهر تائين پٽرن، سروٽن ۽ لٺين سان ماري ڇڏيس!

اينگلس هڪ هنڌ لکيو ته، عورتن جي آزادي ان وقت ممڪن آهي جڏهن اُهي وڏي پيماني تي پيداوار ۾ حصو وٺي سگهن.سماج ۾ عورتن خلاف ڏاڍ صدين کان شڪليون بدلائي ايندڙ ذاتي ملڪيت جي نظام سبب آهي. سنڌ جي مظلوم پورهيت طبقي جي جدوجهد، عورتن، قومي آزادي ۽ جمهوري جدوجهد سان اٽوٽ ايڪي ۾ هجڻ گهرجي. عورت جي سماجي آزادي جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ هي پدرشاهي، سرمائيداراڻو نظام آهي، جيڪو جاگيرداريت جي باقيات کي ختم نٿو ڪري پر کين دنيا اندر ان کي نئين صورتن ۾ زنده رکيو اچي.هن مرداڻي حاڪميت واري سماج ۾، عورتن جي آزادي جي تحريڪ کي بورجوا قانوني برابري (سڌارپن) سان گڏ انهيءَ بنيادي سبب جو به تدارڪ ڪرڻو پوندو جنهن سبب عورت جي غلامي جا سمورا مادي بنياد پيدا ٿيا يعني ذاتي ملڪيت. تنهن ڪري عورتن جي

آزادي جي حقيقي تحريڪ، هڪ پاسي خودمختيار آزادانه صورت ۾ ته ٻي پاسي ڪل سماج جي طبقاتي تحريڪ جي حصي طور اُسري، نسري سگهي ٿي.

غزل

اصغر ميمڻ

اجان رات ڪاري ڪٽي ئي نه ٿي چو؟
هي سج جي تياري ڪٽي ئي نه ٿي چو؟
ڳٽي نانءُ شهيدن جا ڪيڏا ڳٽياسين
مگر لسٽ ساري ڪٽي ئي نه ٿي چو؟
قبيلن جي جهيڙي ۾ ڪو ڪونڌر مرن پيا
رسم هي تاتاري ڪٽي ئي نه ٿي چو؟
آ گهر گهر ۾ ماتم رڳو ڪيڪون دانهون
اها آه زاري ڪٽي ئي نه ٿي چو؟
هي اڻ ڄاڻ ماڻهو لڇن پيا ته لک ۾
ڏاهن جي خماري ڪٽي ئي نه ٿي چو؟
هٿن ۾ گيتا بغل ۾ آ خنجر
ڌرم جي عياري ڪٽي ئي نه ٿي چو؟
وڏن هي دغا باز ايوان ۾ پيا
هي ڪوڙن جي ٻاري ڪٽي ئي نه ٿي چو؟

ڪيوبا جو انقلاب

بخشل ٿلهو

روس ۽ چين کان پوءِ 1960ع جي شروعات کان ئي، عالمي سياسي وايو منڊل، سفارتي ڏڪ ڏوڙ ۽ مختلف عالمي ادارن اندر بحث مباحثن جو محور جهڙي ريت ڪيوبا رهيو آهي، ايتري اهميت ٽين دنيا جي ڪنهن ملڪ جي شايد ئي رهي هجي. انهيءَ اهميت جا ڪوڙ سارا ڪارڻ آهن. عالمي سامراجي مهندار ملڪ (آمريڪا) کان 90 ميلن جي مفاصلي تي موجود اِهو ننڍڙو ٻيٽ، اڄ سامراج جي پٺ (backyard) مان اسرندڙ سامراج مخالف، قومي جمهوري ۽ طبقاتي تحريڪن ۽ جمهوري رياستن جي سرواڻي ڪري رهيو آهي. اهڙي ريت لاطيني آمريڪا جو ستارو سڏجندڙ ڪيوبا، عالمي رجعتي ڪيمپ لاءِ اُهو ڪنڊو ثابت ٿي رهيو آهي، جيڪو اشتراڪي ڪيمپ کي (روس چين وغيره) هضم ڪرڻ کانپوءِ به اٽڪي بيهي رهيو آهي. ڪيوبا جي انقلاب جي اهميت انهيءَ ڪري به آهي ته هِن انقلاب ڪوڙ سارن نون سوالن جهڙوڪ گوريلا ويڙهه جي اهميت، انقلابي ڪايا پلٽ ۾ شاگردن جو ڪردار وغيره جي جوابن کي به وڌيڪ امير ڪيو. تنهن ڪري انهيءَ انقلاب جي فطرت خود کاٻي ڌر اندر بحث جوڳو موضوع رهيو آهي. عالمي انقلابي ڪلچر ۾ به هِن انقلاب جو تمام گهڻو حصو آهي. هِن ئي انقلاب جا ڪردار فيڊل ڪاسترو ۽ ارنيٽو چي گويرا اڄ به پوري دنيا اندر انقلابي تبديلي، جدوجهد ۽ آزادي جا اهڃاڻ بڻجي اتساهين ٿا. اميد ته هي مضمون سنڌ جي سياسي شاگردن لاءِ ڦلدائڪ ثابت ٿيندو. (ادارو)

لاطيني آمريڪا

تازو ادب ۾ نوبل انعام حاصل ڪندڙ لاطيني آمريڪا جي اديب واگاسيوسا چيو ته لاطيني آمريڪا ۾ ٻن قسمن جي کاٻي ڌر آهي هڪ گوشت خور (جنهن جي سرواڻي فيڊل ڪاسترو، هيوگو شاويز ۽ ايواموراليس ڪري رهيا آهن) ۽ ٻي سبزي خور (مطلب سڌارپسند، نيو لبرل تبديلي جا حامي وغيره). اولهه جي ميڊيا نوبل انعام يافته اهڙن ماڻهن جي بيانن کي تمام گهڻو ڪٽي رهي آهي. (مثلاً تازو مصر جي عوام جي جمهوري ۽ سامراج مخالف جدوجهد دوران سامراج نواز البرادي کي تحريڪ جو اڳواڻ بنائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪي ئي ڏسجي) گوشت خور کاٻي ڌر منجهان انهن جي مراد آهي آمريت پسند، جمهوريت ۽ عوام دشمن قوتون. هِن ميڊيا ئي محاصري ۾ تيزي جي ضرورت سامراج کي انهيءَ ڪري پئي جو پورو لاطيني آمريڪا اڄ بنيادي تبديلين جي دور منجهان گذري رهيو آهي. اڄ کان 25 سال اڳ لاطيني آمريڪا ۾ (ڪيوبا کانسواءِ) رڳي اسان کي آمريتون ۽ خانه جنگيون نظر ٿي آيون ۽ تڏهن اولهه جي نظر ۾ سڀ ڪجهه ٺيڪ هو. پر هاڻي

جڏهن هِن کنڊ ۾ اصلوڪن ماڻهن جون سامراج مخالف تحريڪون (PACHO MAMA ڌرتي ماءُ) ۽ ڏيهي عوام دوست قيادتون اڀريون، تڏهن معاملو خراب ٿي ويو.

لاطيني آمريڪا ٽين دنيا جو اُهو خطو آهي جيڪو سرمائيداراڻي تاريخ ۾ اسپيني، انگريزي ۽ آمريڪي سامراج هٿان بار بار تاراج ٿيندو آيو آهي. جتي اڄ به قومي، جمهوري ۽ طبقاتي تحريڪن ۽ تبديلين کي ختم ڪرڻ لاءِ تمام گهٽيءَ سيڙپڪاري ڪئي وڃي ٿي. پوءِ چاهي ڊسمبر 1989ع ۾ پاناما جي صدر مينوئل نوريجيا خلاف ڪوڙي، هٿ ٺوڪيل تحريڪ هجي يا وري 11 اپريل 2002ع ۾ وينزويلا جي صدر هيوگو شاويز خلاف نام نهاد عوامي ۽ فوجي بغاوت هجي.

فيڊل ڪاسترو جي لفظن ۾ ته "اسان کي ضرور ياد رکڻ گهرجي ته جمهوري طور تي چونڊيل اڳواڻ جهڙوڪ جيڪو بواربينز (گوئٽي مالا) جوائو گولارٽ (برازيل) جوان بوش (ڊومنيڪن ريپبلڪ) ۽ سلويڊور آلندي (چلي)، جيڪڏهن انهن چئن مشهور واقعن تي اڪتفا ڪجي ته اِهي حڪومتون ترتيب وار 1954ع، 1964ع، 1985ع ۽ 1973ع ۾ فوجي چڙهاين ذريعي ختم ڪيون ويون جن جي پٺ ڀرائي آمريڪا ئي ڪئي ۽ جن جو مقصد پنتي رکيل انهن سماجن ۾ بنيادي سڌارن کي روڪڻ هو. سڌارا جيڪي آمريڪي مفادن کي متاثر ڪري ٿي سگهيا." (1/8)

هوئين به موجوده سرمائيداراڻي نظام جي اوسر جو بنياد (سرمائي جو ارتڪاز) آفريڪي غلامن، لاطيني آمريڪي معدني وسيلن ۽ ايشيائي بيٺڪيتن جي ڦرلٽ ۽ استحصال تي رهيو آهي. زميني ۽ سياسي نقطئه نگاهه کان هي اهم خطو (لاطيني آمريڪا) اڄ به معدني وسيلن ۾ امير آهي. مثال طور هن کنڊ ۾ دنيا جو،

70% سيڪڙو ليٿيم
40% سيڪڙو نڪل
40% سيڪڙو حياتياتي انواع (Biodiversity)
30% سيڪڙو سيلينيم
30% سيڪڙو تيل
25% سيڪڙو ٽيلا آهن.

آمريڪا جي ڪل ٻاهرين سيڙپڪاري جو 37 سيڪڙو ۽ يورپ جي 20 سيڪڙو سيڙپڪاري هتي ٿيل آهي. هاڻي چين به ٽيئن وڏي سيڙپڪار جي حيثيت ۾ ظاهر ٿيو آهي جڏهن ته 22 وڏيون گهڻ قومي ڪمپنيون جوڙ وانگي هتي ڇهٽيل آهن. لاطيني آمريڪا جي ملڪن کي سامراجي معاشي ڦرلٽ جي نسبت سان ٽن حوالن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(1) ڪامياب: ڪيوبا جي اثر هيٺ ۽ سامراجي پنجوڙ خلاف وينزويلا، ايڪواڊور، ارجينٽينا ۽ بوليويا ۾ تمام گهٽيون تحريڪون اسريون. ارجينٽينا کي ڇڏي ڪري (جتي ٽي دفعا ناڪام حڪومتن ۽ ڪمزور ورهايل ڪابي ڌر سبب سامراج سان تعلق جو مڪمل خاتمو ته نه ٿي سگهيو پر عوام جي جمهوري حقن جي ڏس ۾ سڌارا آيا) بقايا ٽن ملڪن اندر سامراجي معاشي پنجوڙ کان مڪمل آزادي (ALBA)، جمهوريت، وسيلن جو قوميائڻ ۽ سماجي اوسر جون حاصلاتون نصيب ٿيون. هنن ملڪن اندر غربت ۽ بيروزگاري جو خاتمو اڌ تي اڌ ٿي ويو. ايڪواڊور پنهنجي ٻاهرين قرض جي آڊٽ ڪرائڻ وارو دنيا جو پهريون ملڪ هو جنهن 2007ع ۾ IMF کي قرض واپس ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ انهيءَ پيسي کي نون اسڪولن ۽ اسپتالن تي خرچ ڪيو. ايڪواڊور ۾ فطرت کي قانون جو حصو بڻائيندي وري استعمال نه ٿي سگهندڙ توانائي جي ذريعن (تيل، ڪوئلو) کي زمين ۾ ئي رکڻ جو بل پاس ڪيو ويو.

(2) نبستي ڪاميابي: انهيءَ حوالي ڪان لاطيني آمريڪا جو اهم نالو ۽ اڏ ڪنڊ تي پکڙيل وڏو ملڪ برازيل آهي جنهن ڪي دنيا جي ائين وڏي معاشي طاقت به سڏيو وڃي ٿو. جتي هڪ ٽريڊ يونين اڳواڻ (لولا) شروعاتي ناڪامين ڪانپوءِ چونڊجي آيو ۽ 8 سالن تائين ملڪ جو صدر رهيو. جنهن ننڍا معاشي سڌارا به آندا ۽ عالمي سامراجي قوتن سان سهڪار ۽ چٽاپيٽي جي ٻٽي رويي ۾ هلندو رهيو. لولاجي دور دوران پورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ 40 سيڪڙو اضافو ٿيو پر ساڳي وقت سرمائيدارن جي منافعي ۾ 40 سيڪڙو واڌارو به ٿيو. اِهو ئي سبب آهي جو اتان جي بورجوازي لولا حڪومت جي حمايت جاري رکي.

(3) ناڪامياب: هِن حوالي سان ٽي ملڪ اهم آهن. ميڪسيڪو، پيرو ۽ ڪولمبيا. جتي عالمي سامراج منظم طريقي سان عوامي جدوجهدن ڪي چٽڻ ۾ ڪامياب رهيو. جتي ڪابي ڏر ۽ ٽريڊ يونين اڳواڻن ڪي چونڊي، چونڊي ماريو ويو. اڄ اوباما حڪومت، ڪولمبيا ۾ 7 ست نوان آمريڪي فوجي اڏا جوڙڻ جو حڪم ڏنو آهي ته جيئن ڪولمبيا ڪي لاطيني آمريڪا جو اسرائيل بڻائي پوري خطي ڪي دٻائي سگهڻ ۾ آساني ٿئي.

ڪيوبا جي ڪهاڻي

1492ع ۾ ڪرسٽوفر ڪولمبس ڪيوبا ڪي ڳولهي لڌو ۽ اسپيني راڄ جو قيام ٿيو جنهن آراوڪ ٻولي ڳالهائيندڙ اصلوڪي آبادي ڪي ڪجهه ته ختم ڪري ڇڏيو باقي رهيل ڪي ٻاهرين آبادڪاري ۾ ضم ٿيڻ تي مجبور ڪيو ويو. اهڙي ريت ڪيوبا، موجوده دور جي يورپ جي ڪمرشل سسٽم جي وڌندڙ ضرورتن جي جواب طور ظاهر ٿيو(2) اسپيني حڪمرانن لاءِ ڪيوبا جي اهميت شروعات ۾ صرف فوجي نقطه نگاهه ڪان هئي ته جيئن سامونڊي گذرگاهن تي نظر رکي سگهجي. انهيءَ ڪري ئي آفريڪي غلامن جي آمد سترهين صدي جي پڇاڙي ۾ ڪيوبا اندر ٻين ٻيٽڪيٽن جي ڀيٽ ۾ گهٽ هئي. مثال طور:

ڪيوبا	40000
باربڊوس	60000
هيٽي	450000
ورجينيا	300000

(2/252)

ڪمند جي پوکائي ۾ اضافي ۽ انهيءَ جنس جي عالمي گهر سبب ڪيوبا اندر غلام پورهئي جي اهميت به زور ورتو. 1792ع ڪان 1821ع تائين ڪي اڍائي لک غلام صرف هوانا ذريعي داخل ٿيا جڏهن ته اندازاً 60 هزار غلام ٻين بندرگاهن ذريعي ڪيوبا پهتا. بقول فيڊل ڪاسترو جي ته پهرين آزادي جي ويڙهه 1868ع ڪان ڪي ويهه، ٽيهه سال پهرين ڪيوبا اندر ٽي لک غلام هئا جڏهن تي ملڪ جي مجموعي آبادي ساڍا يارهن لک هئي. انهيءَ آبادي ۽ عوام جو ڏينهن به ڏينهن اسپيني سامراج خلاف تضاد وڌندو ويو جنهن آزادي جي ٻن جنگين (1868ع ۽ 1895ع) ۾ پنهنجو اظهار ڪيو. انهيءَ پرتشدد تحريڪ ۾ هڪ اندازي مطابق 80 هزار اسپيني ۽ چار لک ڪيوبا جو عوام قتل ٿيو هو. (2/254). آزادي جي ٻي جنگ جو سرواڻ جوسي مارتي هو جنهن ڪان فيڊل ڪاسترو تمام گهڻو متاثر هو. (فيڊل ڪاسترو جو والد انهيءَ جنگ لاءِ اسپين اندر فوج ۾ ڀرتي ٿيو هو جيڪو بعد ۾ ڪيوبا ۾ ئي رهي پيو). 1898ع ۾ ڪيوبا جا باغي چڱي خاصي علائقي تان اسپيني سامراج ڪي شڪست ڏئي اڳيان وڌي رهيا هيا ته انهيءَ مهل آمريڪا جنگ ۾ ٽپي پيو.

آمريڪا ۽ اسپين جي انهيءَ جنگ ڪي لينن پهرين سامراجي لڙائي سڏيو جنهن ۾ آزادي پسندن ڪان اُها شڪست ڪسي

وٺي، جيڪا هو اسپيني سامراج کي ڏيڻ وارا هيا، (3/116). تقريباً چار مهينن تائين جاري انهيءَ جنگ ۾ 400 آمريڪي فوجي مارجي ويا ۽ آمريڪا اسپين کي ڪيوبا سميت گام، پورٽوريڪو ۽ فلپائن خالي ڪرڻ عيوض 20 ملين آمريڪي ڊالر ڏنا. اهڙي ريت ڪيوبا هاڻي آمريڪا جي هٿ ۾ سڌي ريت اچي ويو. هن نئين قوت به ڪيوبا جي آزاد اسيمبلي کي ڪونه مڃيو ۽ مستقبل جي سوال تي قومي باغي اڳواڻ ڪيلڪسٽو گارشيا (Calisto Garcia) کي درگذر ڪيو. ڪجهه سالن جي سڌي فوجي موجودگي کانپوءِ 1903ع ۾ آمريڪي حڪومت هڪ ڪٺ پتلي حڪومت جوڙي انهيءَ سان بدنام زمانه Platt amendment وارو رزيل معاهدو ڪيو. جنهن موجب آمريڪا کي ڪيوبا اندر فوجي چڙهاين جو جڻ ته قانوني اختيار حاصل ٿي ويو. مشهور گوانتاناموبي وارو علائقو 99 سالن تي ليز ذريعي حاصل ڪرڻ به هن معاهدي جو نتيجو هو. پر 1906ع ۾ وري ٻيهر ڪيوبا تي سڌو حملو ڪيو ويو ۽ 1909ع تائين آمريڪا اتي موجود رهيو، جتي هنن ڪنڊ جي صنعت کي پنهنجي سامراجي ضرورتن موجب زور وٺرايو. آمريڪا سان ڪيوبائي عوام جو ٽڪراءُ به تيز تر ٿيندو ويو. آمريڪي فوج 1912ع ۾ ڪيوبا ڇڏڻ کان پوءِ 1916ع ۾ ٽيون ڀيرو وري چڙهائي ڪئي. 1930ع جي معاشي بحران، لاطيني آمريڪا مان برطانيه سامراج جي طاقت کي گهٽ ڪري، آمريڪي قوت کي اجان اضافو بخشيو. 1933ع کان 1945ع تائين آمريڪي حڪومت ”چڱي پاڙيسري“ جي نام نهاد پاليسي هيٺ پوري ڪنڊ ۾ فوجي چڙهاين ۽ مداخلت جي خلاف رهي، چاڪاڻ ته هاڻي انهيءَ جي ضرورت ڪانه هئي ڇو ته پوري ڪنڊ جي اڪثر ملڪن مٿان ڏيهي فوجي يا خانگي آمريتون مڙهجي چڪيون هيون ۽ جن ذريعي آمريڪا جي معاشي مفادن جو تحفظ بهتر انداز ۾ ٿي رهيو هو. خود ڪيوبا اندر 1933ع ۾ هڪ عبوري حڪومت جو خاتمو ڪري، فوجي آمر فلوجنيڪو بتيسا (Flugenicio Batista) اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ 1944ع تائين مختلف عهدن تي رهندي، ڪيوبا جي سياسي واڳ پنهنجي هٿ ۾ رکي. 1944ع ۾ اقتدار کان عليحدگي کانپوءِ هي آمر، آمريڪا ۾ ئي رهيو. 1952ع ۾ رٿيل عام چونڊن کان ٽي مهينا اڳ جڏهن فوج وري اقتدار تي چڙهائي ڪئي ته آمريڪا ڪيس وري پٺڪو پارائي، ڪيوبا مٿان ويهاريو. سندس ٻيو آمريتي دور ڪيوبا جي انقلاب تائين جاري رهيو.

انقلاب ڏانهن پيش رفت

انقلاب کان اڳ 1950ع جي ڏهاڪي جو ڪيوبا عوام لاءِ عذاب ۽ عالمي ڦورو قوتن لاءِ آرام جي جاءِ هئي. ملڪ جي 80 سيڪڙو وسيلن تي آمريڪا جو قبضو هيو. جنهن ۾ 90 سيڪڙو کاڻيون، 100 سيڪڙو آئل ريفائنريون ۽ 40 سيڪڙو ڪنڊ جي صنعت وغيره شامل هيون. آمريڪي سرمائيدارن لاءِ ڪيوبا جي گادي واري هنڌ هوانا جو تعارف هڪ بهترين چڪلي وارو هيو. جتي انهيءَ ڏس ۾ تمام گهٽي سيڙپڪاري ٿيل هئي، تمام وڏا جوا خانه، هوٽل ۽ عياش گهر اڏيل هئا(8). اڄ ڪيوبا جي آبادي هڪ ڪروڙ ساڍا ٻارهن لک آهي پر 1950 واري دور ۾ انهيءَ جو اڌ هئي. تڏهن 55 لکن جي آبادي وارو ڪيوبا ۾، ڏهه لک ماڻهو بيروزگار هيا. ٻڪ ۽ بدحالي جو شڪار به لک ٻي زمين هاري هيا. شهرن ۾ رهندڙ 22 لک ماڻهن جي رهائش لاءِ مسواڙ، آمدني جو چوٿون حصو ٻهاري ويندي هئي. 28 لک ماڻهو بجلي جي سهولت کان محروم هيا ۽ 90 سيڪڙو ٻار رڪيٽس ۽ مفت خور جيوڙن جي بيمارين ۾ ورتل هيا. پوري ملڪ ۾ ڊاڪٽر جو تعداد صرف 6000 هيو. انهيءَ سموري صورتحال ۾

ملڪ جي تعليمي ادارن جا نوجوان شاگرد اوسي پاسي ۾ ٿيندڙ جمهوري سڌارن، روسي ۽ چيني انقلاب جي خيالن کان متاثر ٿي رهيا هيا. ڪاپي ڏر جون پارٽيون به موجود هيون جن جو عوام ۽ ٽريڊ يونين ۾ چڱو خاصو ڪم به هو پر جون 1952ع ۾ رٿيل صدارتي چونڊن ۾ جڏهن اصل واڳ ڌڻين کي سابق آمر بتيستا جي پارٽي صاف هارائيندي نظر آئي، تڏهن آمريڪا جي حڪم تي فوج، اليڪشن کان ٽي مهينا پهرين 10 مارچ تي اقتدار تي قبضو ڪري، آمر بتيستاا کي اقتدار جي ڪرسي تي ويهاريو. هِن اهم واقعي ملڪ جي ترقي پسند سياسي ڌرين کي جنجهوڙي وڌو. انهن حالتن ۾ هوانا يونيورسٽي ۾ قانون ۽ سماجي سائنس جو سابقه شاگرد هاٺوڪو وڪيل فيڊل ڪاسترو ظاهر ٿيو. جنهن کي 21 سالن جي عمر ۾ ئي ڊومنيڪن جمهوري ڪاميٽي جو چيئرمين ٺاهيو ويو هو. گوريلا جنگ جا ابتدائي سبق فيڊل هِن دور ۾ حاصل ڪيا ته جيئن ڊومنيڪن ريپبلڪ ۾ ٽروجيلو (Trugello) جي آمريت جو خاتمو آڻي سگهجي. بتيستا جي آمريت خلاف ڪوشش جي نتيجي ۾ فيڊل ڪاسترو کي هاٿي 1200 نوجوانن جو ساٿ ميسر هيو جن ابتدائي گوريلا تربيت به حاصل ڪئي. فيڊل انهن منجهان صرف 165 ڄڻن جي چونڊ ڪري 26 جولاءِ 1953ع تي سينتياگو شهر جي مونڪيڊا فوجي بيرڪن تي ٻاڪ ويلي حملو ڪيو ويو. هِن تحريڪ لاءِ فيڊل چيو ته ”هِن تحريڪ جي شروعات جو مقصد، ڪو انقلاب آڻڻ ڪونه هيو دراصل هر ڪنهن جي خواهش هئي ته حالتن کي 10 مارچ کان پهرين واري صورتحال تائين وٺي وڃجي، اُها سياسي ۽ آئيني صورتحال جيڪا فوجي چاڙهه سبب تباهه ٿي وئي هئي.“

هي حملو ناڪام رهيو ۽ باغي نوجوانن کي تمام گهڻو نقصان برداشت ڪرڻو پئجي ويو. بقول فيڊل جي ته ”انهيءَ تحريڪ (حملي) جي ناڪامي جو ڪارڻ ويڙهه جي تجربي جي ڪمي هيو“. جنهن جو اظهار ڪجهه هِن ريت ٿيو ته منصوبي مطابق باغين کي بيرڪن اندر ستل فوج مٿان قبضو ڪرڻو هيو. پر تنظيمي ڪوتاهين سبب فائرنگ پهرين شروع ٿي وئي ۽ الارم وڄڻ سان فوج بعد ۾ دفاعي پوزيشن وٺڻ ۾ ڪامياب رهي ۽ ويڙهه بيرڪن اندر شروع ٿيڻ بجاءِ ٻاهر ٿي وئي. نتيجي طور 15 فوجي، ٽن پوليس وارن سان گڏ 5 نوجوان به مارجي ويا جڏهن ته 55 گرفتار نوجوانن کي بتيستا فوج بعد ۾ بيهاري ماريو. فيڊل ڪجهه ساٿين سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب رهيو پر 1 آگسٽ 1953ع تي ڪيس گرفتار ڪيو ويو. 16 آڪٽوبر تي فيڊل پنهنجي ڪيس جي پاڻ پيروي ڪندي تاريخي تقرير ڪئي جيڪا اڄ به سندس ڪتاب (تاريخ مونکي بيڏوهي قرار ڏيندي) جي صورت ۾ پڙهڻ لاءِ موجود آهي. جنهن ۾ فيڊل، بتيستا جي آمريت خلاف هٿياربند ويڙهه کي لازمي ۽ قانوني قرار ڏنو. جنهن جي موٽ، حڪومت 15 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڏني. 1954ع جو سال لاطيني آمريڪا لاءِ تمام گهڻي اهميت وارو سال رهيو. روس ۽ چين جي انقلاب جا اثر پوري خطي تي پئجي رهيا هيا ۽ سامراج انهيءَ جي تدارڪ لاءِ اگهاڙي جارحيت سان ميدان ۾ لٿو . 4 مئي 1954ع تي پيراگوئي اندرآمريڪا، حڪومت جو تختو اونڌو ڪرائي، ايندڙ 35 سالن تائين جنرل الفريڊو جي آمريت مڙهي. 24 آگسٽ 1954ع تي برازيل جي صدر گيتوليو ورگيس کي فوجي ڪاهه وسيلي زبردستي هٽايو ويو ۽ ڪيس صدارتي محل ۾ ئي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو. سندس ڏوهه به سماجي سڌارا ۽ تيل جي ذخيرن کي قوميائڻ هو. 17 جون 1954ع ۾

CIA، گوئٽي مالا ۾ جيڪو بواربينز جي آئيني حڪومت کي ختم ڪرائي ڇڏيو. جنهن زرعي سڌارن تي عمل ڪندي، سامراجي معاشي مفادن ۽ فروٽ ڪمپنين کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. هن ننگي جارحيت گوئٽي مالا ۾ موجود هڪ ٻي ارجنٽينا جي نوجوان ڊاڪٽر ارنسيتو گويرا کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. جيڪو فوج جي قبضي ڪانپوءِ جولاءِ 26 تحريڪ جي ڪجهه جلاوطن ڪامريڊن سان گڏ ميڪسيڪو فرار ٿي وڃي ٿو. خود ارجنٽينيا اندر به 1955ع ۾ فوج، ملڪ جي صدر جان پيرون جي حڪومت ختم ڪري ڇڏي. هيڏانهن ڪيوبا ۾ انهيءَ ساڳي سال حزب اختلاف، ڪاٻي ڌر ۽ عوامي دٻاءُ جي نتيجي ۾ ڪيوبا جي ڪانگريس سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جو بل پاس ڪيو. اهڙي ريت 15 مئي تي 22 مهينن جي جيل ڪانپوءِ فيڊل پنهنجي ڀاءُ راول ۽ 30 ڪامريڊن سان گڏ آزاد ٿيو. ۽ ميڪسيڪو نڪري ويو جتي ڪامريڊن سندس ملاقات ڊاڪٽر چي گويرا سان ڪرائي جتي نه صرف لاطيني آمريڪا پر پوري دنيا لاءِ هڪ ٻي وڏي انقلابي مثال لاءِ، ڪيوبا جي انقلابي ڪايا پلٽ جو منظم خاڪو ۽ حڪمت عملي تيار ٿيڻي هئي.

ڪيوبا جو انقلاب

ميڪسيڪو ۾ ئي جلاوطن اڳواڻن بتيستا حڪومت خلاف گوريلا ويڙهه جي حڪمت عملي تيار ڪئي ۽ گهربل ٽريننگ ۽ تياري ڪرڻ لڳا. انهيءَ تياري ۾ چي گويرا به شامل هيو. بقول فيڊل جي ته ”ملاقات وقت هُن (چي) جي عمر 27 سال هئي، توڙي جو چي ڪنهن پارٽي جو ميمبر نه هو پر نظرياتي اعتبار کان هو مارڪسي هو. جڏهن ته آءٌ يوٽوپيائي مارڪسي هئس اِها نظرياتي هڪجهڙائي ئي اسان جي دوستي جو بنياد بڻي“(1). چي کي فيڊل سان ملائڻ وارو به روال ڪاسترو هو جيڪو پاڻ به ڪيوبا جي ڪميونسٽ پارٽي سان سلهاڙيل هو ۽ مارڪسي هو. چي گويرا جي پيدائش 14 مئي 1928ع تي ٿي. هِن کي ننڍي عمر کان ئي پنهنجي امڙ سيليا کان سيڪيولر تعليم ملي. گويرا جي وڏن جو تعلق اسپين ۽ آئرلينڊ جي انتهائي امير خاندانن سان هو. پر آهستي آهستي صورتحال بدلجي وئي. اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ وقت، چي کي سندس پيءُ چيو هو ته ”لياقت ئي وڏي اميرائپ آهي.“ جنوري 1952ع ۾ پنهنجي آخري ميڊيڪل جي امتحان کان اڳ هڪ دوست ساڻ ڪري چي گويرا موٽر سائيڪل تي لاطيني آمريڪا جا ڪيترائي ملڪ گهميو ۽ ڪيس عوام جي خسته حالي ۽ استحصال جي شدت، روح جي اٿاهه گهراين تائين ٻي قرار ڪري ڇڏيو. پيرو ۾ ئي ڪوڙهه جي مريضن جي اسپتال سنپاليندڙ، يونيورسٽي جو استاد ۽ پيرو جي ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر ڊاڪٽر هيوگو (Dr Hugo Pesce) ڪيس تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ هاڻي چي گويرا ۾ مارڪسي خيال پاڙون پختيون ڪرڻ لڳا هئا. مٿان گوئٽي مالا ۾ فوجي بغاوت ڪيس سمجهايو ته سامراج جي موجودگي ۾ سياست کان ڪٽجي صرف پنهنجي فني لياقتن ذريعي اوهين عوام جي اصلاح ۽ مدد نه ٿا ڪري سگهو. اهڙي ريت ڊاڪٽر ارينتو گويرا، روسي انارڪسٽ اڳواڻ ڪروپاٽڪن جي ڪتاب ”نوجوانن ڏانهن“ جو عملي ڪردار ۽ جيئرو جاڳندو مثال ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو.

25 نومبر 1956ع تي فيڊل، چي ۽ راول سان گڏ 79 ڄڻا ميڪسيڪو جي پورٽ ٽڪپين کان، ڪيوبا جي اورئنٽ صوبي جي سيرا ماسٽرا جي جابلو پٽي تي لهڻ لاءِ گرانما ٻيڙي تي چڙهيا. اورئينٽ صوبي جي چونڊ فيڊل انهيءَ ڪري ڪئي ته اڻويهين صدي جي انقلابي ڪردار جوسي مارتي به اسپيني سامراج خلاف ويڙهه اتان ئي ڪئي

هئي. گهٽي وزن سبب 5 ڏينهن جو امڪاني سفر پورو هفتو ڪائي ويو ۽ جهاز به طئي ٿيل جڳهه کان هٽي، صوبي جي اوڀر واري ساحلي پٽي تي لٿو. سمنڊ جي سفر جي سختي سبب ٿڪل گوريلن مٿان بتيستا جي هوائي فوج سخت حملو ڪيو، جنهن لاءِ ڪنهن به ريت هي گوريلا تيار ڪونه هئا. هِن حملي ۾ 70 ڪامريڊ مارجي ويا ۽ بقايا بچيل 12 ڄڻا، ٻن ٽن ٽولين ۾، هڪ ٻئي کان ڌار ٿي، ڪمند جي وڏن فصلن ۾ لڪي ويهي رهيا. ٻن هفتن کان پوءِ جڏهن هي خوشقسمت جوڌا گڏيا ۽ ڪين ٿيل تباهي جو پوري ريت اندازو ٿيو ته تڏهن فيڊل چيو ته "هاٿي هي جنگ اسان ضرور کٽنداسين" ۽ ٺيڪ 46 ڏينهن کان پوءِ ڪين ٻه ننڍيون پر علامتي نقطه نگاهه جي وڏيون ڪاميابيون حاصل ٿيون، جنهن ۾ ٻن فوجي ڪانواين ۽ بيرڪن (لاپلاٽا ۽ پاماموچا) تي حملي سبب ڪين هٿيار نصيب ٿيا ۽ ڪامريڊ ساٿين جو مورال وڌيو.

هوئين ڪيوبا جي عوام ۾ فيڊل جو تعارف جولاءِ 26 واري واقعي جي ڪري پهرين ئي هيو. پر هاٿي گوريلا ڪاروائن جي شروعات سان فيڊل جا انٽرويو ٻاهرين پريس (نيويارڪ ٽائيمز) ۾ ڇپجڻ لڳا جيڪي بتيستا جي آمريت مٿان ائٽم بم وانگي ڪريا. فيڊل پاران عوام کي مخاطب ٿيل پمفليٽ ڇپجي ورهائجڻ به لڳا. موٽ به بتيستا حڪومت انقلابي گوريلن جي موجودگي کان انڪار ڪندي رهي ۽ اندروني طور سيريا ماسٽرا ۾ گوريلن جي خاتمي لاءِ 1500 فوج کي ذميداري ڏني وئي. هيڏانهن ڪامريڊن جي صورتحال به ڪا ايڏي بهتر ڪونه هئي. جهنگ جي گهميل آبهوا، چي گويرا جي صحت لاءِ چڱي ڪانه هئي جيڪو پهرين کان ئي دمي جو مريض هو ۽ ڪيس سخت دورا پوڻ لڳا. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس ٻيا ڪامريڊ کڻي هلندا هيا.

مٿان وري سرڪاري فوج باغين جي مدد ڪرڻ وارين هارين خلاف عقوبتن جو رڻ ٻاري ڏنو، جنهن سبب گوريل کي کاڌ خوراڪ جي رسد ناڪاري طور متاثر ٿي رهي هئي. ان وقت انقلابين جو انگ 80 هو جيڪي ڪيمپن ۾ رهندي مختلف جڳهيون تبديل ڪندا رهندا هيا. چي ڳوٺ وارن غريب بيمار هارين ۽ ٻارن جو علاج به ڪندو هو. نون شامل ٿيندڙ ساٿين جي نظرياتي تربيت به چي جي ذميداري هئي. جنهن ۾ گهڻو انگ سرڪاري فوج جي هٿان ستايل هارين (جيڪي شروعات ۾ لاتعلق رهندا هيا) ۽ شهر جي شاگردن جو هو. هوڏانهن بتيستا جي ڪرپٽ حڪومت خلاف شهر ۾ بيچيني سماج جي مختلف طبقن ۽ تهن ۾ به وڌي رهي هئي. ايتريقدر جو مارچ مهيني ۾ بتيستا تي شاگردن جا به وڏا حملا ناڪام ٿي چڪا هئا. جنهن ۾ حملو ڪندڙ شاگردن کي گرفتار ڪري ماريو ويو ۽ انهن ۾ يونيورسٽي اسٽوڊنٽ فيڊريشن جو صدر (جوسي انيتونيو Antonio Echererrio) به شامل هيو.

28 مئي 1957ع ۾ يوويرو (Uvero) جي لڙائي، انقلابي گوريلن جي لاءِ انتهائي اهم ثابت ٿي. هِن لڙائي ۾ وقتائتي ۽ بهتر ڪارڪردگي سبب ڊاڪٽر ارينٽو هاٿي ڪمانڊر چي گويرا ٿي ويو. يو ويرو جي ويڙهه ۾ 7 ڪامريڊ ۽ 11 سرڪاري فوجي مارجي ويا. بقول "چي" جي هن لڙائي ڪانپوءِ اسان جو گوريلو جٿو هڪ باغي فوج ۾ تبديل ٿي ويو هو. اهڙي ريت ابتدائي واحد جٿي (Colomn) مان ٻي جٿا ناهيا ويا. جن جي اڳواٽي چي، راول ۽ ڪميليو کي ڏني وئي. بعد ۾ هڪ ٻيو جٿو جان الميدا جي اڳواٽي ۾ به وڌايو ويو. چي ڪمانڊر بنجڻ واري ڏينهن کي، زندگي جو اهم ڏينهن ڪري لکيو.


پنهنجي صفن مان غدارن جهڙوڪ Eutimioguvra جو خاتمو ڪندي جولاءِ تائين

انقلابي گوريلن جو انگ 200 ٿي ويو ۽ ڪين هڪ ننڍڙي آزاد علائقي جي دعويٰ به هئي. انهيءَ ئي مهيني جي آخر ۾ انقلابين ڪي ڪامريڊ فرينڪ پيز (Frank Pais) جي بتيستا پوليس هٿان قتل جي دک دائڪ خبر پهتي. هي هڪ تمام وڏو نقصان هو. فرينڪ پيز نيشنل ڊائريڪٽوريٽ (National Directorate) جو مرڪزي اڳواڻ هو. هي ادارو 26 جولاءِ تحريڪ جو انتظامي ۽ بااختيار ادارو هو. هِن اداري ئي شهرن ۾ سياسي ڪم، ڪابي ڌر ۽ حزب اختلاف سان رابطن، گوريلن لاءِ هٿيارن ۽ فنڊ جي رسد، نون ڪامريڊن جي گوريلا ويڙهه ۾ شموليت جي ڪمن ڪي ڏنو ٿي ۽ ساڳي وقت گوريلن جي پيغامن ۽ پمفليٽن کي عام تائين پڄايو ٿي. نيشنل ڊائريڪٽوريٽ ۾ فيڊل جو تعلق هڪ ڪامريڊ عورت سيليا جي ڪري هو. جيڪا فيڊل جي محبوبا ۽ ٻاهرين دنيا سان واحد رابطو هئي.

آگسٽ مهيني ۾ چي گويرا جي جٿي ايل هومبيرتو وادي ۾ ڪيمپ هئني. جتي هڪ هاري ذريعي ڄاڻ ملڻ ڪانپوءِ سرڪاري فوج جي هڪ ڪيمپ جو گهيراءُ ڪري حملو ڪيو ويو ۽ سڄي ڏينهن جي سخت فائرنگ ڪان پوءِ انقلابين کي ڪاميابي حاصل ٿي. بعد ۾ سرڪاري فوج مخبري جي سزا ڏيڻ لاءِ ٻهراڙين تي قهر ٿي ڪڙڪي ۽ ڪيترن ئي هارين کي قتل ڪندي، ڳوٺن جا ڳوٺ ساڙي ڇڏيا. انهيءَ قتل و غارت هڪ پاسي ڳوٺاٽي آبادي ۾ انقلابي فوج لاءِ عزت پيدا ڪئي جيڪا سرڪاري فوج جي ابتڙ هر قسم جي ضرورت ۽ کاڌ خوراڪ جي قيمت ادا ڪندي هئي ۽ عزت سان پيش ايندي هئي. ساڳي وقت انقلابين به اِهو سبق حاصل ڪيو ته آئينده اهڙي ڪنهن به امڪاني حملي کان پهرين غير محفوظ ويجهو ڳوٺن کي خالي ڪرايو وڃي. ساڳي مهيني ۾ فيڊل جو جٿو به پاماموچا شهر کي آزاد ڪرائي ونيو ٿو. انقلابي گوريلن جي انهن حاصلاتن سرڪاري فوج اندر به بيچيني پيدا ڪري ڇڏي ۽ ڪجهه باغي اچي گوريلن سان ملڻ به لڳا. سيپٽمبر مهيني ۾ باغي سرڪار فوجين ۽ 26 جولاءِ تحريڪ جي انقلابين مين فيوگوس شهر تي قبضو ڪيو ۽ وڏي غلطي ڪندي شهر ۾ ئي رهيا. جنهن تي سرڪاري فوج ٽينڪن ۽ جهازن سان بمباري ڪري 300 کان 400 ماڻهو ماري وڌا. انهيءَ مهيني ۾ پائينو ڊيل اگوا ۾ پهرين دوبدو جنگ به ٿي. آڪٽوبر مهيني ۾ هوانا يونيورسٽي جا ڪيترائي شاگرد اچي انقلابي فوج سان شامل ٿيا. جن ننڍڙو ڊيم ٺاهي، هومبرتو وادي ۾ بجلي جو بندوبست ڪيو ۽ ”آزاد ڪيوبائي عوام“ جي نالي سان اخبار ڇاپڻ به شروع ڪئي. جنهن ۾ چي جا ڪالم ڇپجڻ لڳا. چي هڪ ننڍي اسپتال ٺاهي ورتي ۽ وادي جي اونچي جبل مٿان جولاءِ 26 تحريڪ جو جهنڊو هنيو ۽ هُن فيڊل کي لکيو ته ”هي جڳهه ڪنهن به قيمت (حملي) تي نه ڇڏبي.“(7) پر ڪجهه مهينن کان پوءِ جڏهن چي جو جٿو هڪ ڪاروائي لاءِ نڪتل هو ته سرڪاري فوج پٺيان سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏيو. سال 1957ع جي نومبر ڊسمبر مهيني ۾ انقلابي فوجي پوري اورئنٽ صوبي جي مختلف علائقن جهڙوڪ موٽا، گبيريو، ايل سالٽو، مارو ردي ۽ سيريا وغيره ۾ جتي سرڪاري فوج سان جهيڙي ۾ هيا اتي فرينڪ پيز ڪانپوءِ نيشنل ڊائريڪٽوريٽ جي ساڄي ڌر جي قيادت، حزب اختلاف سان گڏجي ميامي ۾ آمريڪا سان ڳالهيون ڪيون ۽ ڪيوبن لبريشن جنتا جو قيام عمل ۾ آندو. هنن ڳالهين ۾ ملڪ جي ڪميونسٽن جي پارٽي (پاپولر سوشلسٽ پارٽي PSP) کي آمريڪا کي خوش ڪرڻ لاءِ ڌار رکيو ويو. بتيستا جي حڪومت ۽ فوج جو مورال ڏينهن به ڏينهن ڪري رهيو هو. جنهن واشنگٽن کي مجبور

ڪيو ته هو ڪي پيا حل ڪڍي. چاڪاڻ ته انقلابي فوج جي حاصلاتن ۾ سڀ کان وڏي ڳالهه ڪيمونسٽ رجحانن کين چرڪائي وڌو هو. اهو ئي سبب هو جو نيشنل ڊائرڪٽوريٽ جي ساڄي ڌر جي قيادت، چي گويرا (جيڪو ڪميونسٽ خيال رکڻ سبب چڱو نالو ڪمائي چڪو هو) جي گوريلا ويڙهه ۾ وڌندڙ اهم ڪردار کان خائف هئي. سياسي ڳالهين انقلابي فوج ۾ تشويش پيدا ڪري ڇڏي هئي. پاپولر سوشلسٽ پارٽي جي پهرين ڏينهن کان حاصل حمايت (تنقيد سميت) به خطري ۾ پئجي وئي هئي. انهن حالتن ۾ چي گويرا فيڊل کي خط لکيو ته ”انهي کان پهرين جو وقت هٿ مان نڪري وڃي، اسان کي انڪل سام (آمريڪا) سان هڪ هڪاٽي ڪرٽي پوندي ۽ سياسي پيڪٽ کي رد ڪرڻو پوندو.“ فيڊل پهرين ڏينهن کان آمريڪا سان سڌي تضاد کي، انقلاب جي ڪاميابي تائين درگذر ڪندو رهيو هو. اِهو ئي سبب هو جو هُن ڪڏهن پنهنجي انقلاب کي ”سوشلسٽ“ به ڪونه سڏيو هو. پر هن دفعي ڪيس چونڊ ڪرٽي پئجي وئي ۽ هُن چي جي تجزيي کي صحيح سمجهندي سياسي پيڪٽ کي رد ڪيو ۽ نيشنل ڊائريڪٽوريٽ جي ساڄي ڌر منجهان ڪجهه قيادت مستعفي ٿي پنهنجي راهه ورتي.

نئين سال (1958ع) جي شروعات کان گوريلا ويڙهه تي ڪميونسٽ رجحان حاوي ٿيڻ شروع ٿيو. چي، انقلابي فوج کي ڪيوبا جي تاريخ، گوريلا جنگ ۽ مارڪسزم پڙهائڻ تي زور ڏنو. اسٽڊي سرڪل باقاعدگيءَ سان هلڻ لڳا ۽ لينن جي جيون ڪٿا بحث جو موضوع رهڻ لڳي. ڪميونسٽ پارٽي (پاپولر سوشلسٽ پارٽي) جي ٽريڊ يونين ۽ شاگرد ونگ منجهان ماڻهو ۽ ڳوٺن جا هاري هڪبئي پٺيان انقلابي فوج جو حصو ٿيندا رهيا. مستقبل جي ڪيوبا ۽ انهيءَ جي انقلاب جا خدوخال نروار ٿيڻ شروع ٿيا.



ڪميونسٽ به ، دوست به ، جن ڪيوبائي قومي آزادي واري ويڙهه کي، سامراج مخالف ۽ سوشلسٽ بنياد بخشيا

فيبروري مهيني تائين انقلابي فوج پنهنجي ريڊيو نشريات به جاري ڪري ڇڏي. پائينوڊيل اگوا ۾ سرڪاري فوج هڪ ٻيو وڏو حملو ڪيو جنهن کي ناڪام بڻايو ويو ۽ فتح کان پوءِ انقلابي فوج کي تمام گهڻا قيدي ۽ ڳرا هٿيار مليا. انهن قيدين جي جانچ پڙتال ڪئي ويندي هئي ۽ انقلابي فوج جي مقصدن، طريقه ڪار کان متاثر ٿيندڙ ۽ انسان دوست فطرت رکندڙ فوجين کي پنهنجو حصو بڻايو ويندو هو. اهڙي ريت انقلابي فوج کي ٽريننگ ڏيندڙ آفيسر به ملندا رهيا. ائين هڪ دفعي سابقه سرڪاري فوج جي آفيسر، ٽريننگ جي خاتمي تي انقلابين کان خدا جو قسم کڻائي وچن ورتو. جڏهن چي گويرا کي خبر پئي ته هن آفيسر کي گهرائي چيو ته ”اسان لاءِ انهيءَ ڳالهه جي اهيمت ڪونه آهي ته ڪو خدا کي مڃي به ٿو يا نه. مثال طور مان ويڙهاڪ آهيان ۽ خدا کي نه ٿو مڃان. چا تون پوءِ به مون کان

زبردستي قسم کڻائيندين؟ موت ۾ آفيسر وٽ ڪو جواب ڪونه هو ۽ قسم ناما رد ٿي ويا. مارچ مهيني ۾ هڪ مينيفيسٽو تيار ڪيو ويو. جنهن ۾ مسلسل عام هڙتال ۽ عدم تعاون تحريڪ هلائڻ جو سڏ ڏنو ويو. هر حڪومتي ڪارندي کي غدار ۽ فوجي نوڪري ڪندڙ کي ڏوهي سڏيو ويو. عوام کي چيو ويو ته هو سرڪاري نوڪري تان استعفيٰ ڏين ۽ ڍل سميت ڪابه بقايا جات نه ڀيارين. PSP ساڻ جو وچن ڏنو پر جولاءِ 26 تحريڪ سندن ساڻ وڻڻ کان انڪار ڪيو نتيجو 9 اپريل تي ظاهر ٿيو جڏهن هڙتال ناڪام ٿي، جنهن انقلابي فوج جي ڪم ۽ مورال کي ناڪاري طور متاثر ڪيو. فيڊل نيشنل ڊائريڪٽوريٽ جي گڏجاڻي گهرائي جنهن ۾ اداري جي ساڃي ڏر جي قيادت، هڙتال جي ناڪامي ۽ PSP جي شموليت جي رستا روڪ ڪرڻ جي ذميوار ظاهر ٿي. ڪين عهدن تان هٽايو ويو ۽ فيڊل ڪاسترو پاڻ نيشنل ڊائريڪٽوريٽ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. اهڙي ريت ٻن دورن ۾ ساڄي ڌر جو پنهنجي صفن مان گهٽي حد تائين صفايو ڪيو ويو.

ٻاهرن پريس ۾ فيڊل ڪاسترو ڪميونسٽ مشهور ٿيڻ لڳو جنهن کي فيڊل، آمريڪا کان هٿيار حاصل ڪرڻ لاءِ بتيستا جي پروپيگنڊا قرار ڏنو ۽ آمريڪا به بتيستا کي بظاهر جواب ڏئي، پنهنجي ٻين آمرن سومازا ۽ ٽروجيلو ذريعي ڪيس ٽينڪ، ميزائل وغيره جهڙو ڳرو هٿيار جهجي انگ ۾ موڪلائي ڏنو. بتيستا جي تيارين کي ڏسندي فيڊل هڪ هيڊ ڪوارٽر، ايل جيبارو ۾ جوڙي ورتو ۽ چي کي دفاعي مورچن جي سنڀال جي ذميواري ڏئي سپريم ڪمانڊر بڻايو. جتان ڪڏهن ڪڏهن چي گويرا ڪنهن ٻي کي چارج ڏئي فيڊل سان ملڻ به ويندو هو. هاٽي پورو اورئنٽ صوبو انقلابين جي هٿ ۾ هو جتي هنن زرعي سڌارا ڪري عوامي حمايت ڪئي ۽ ڍلن جو نظام متعارف ڪرائي، آمدني جو مسئلو حل ڪيو هو. امڪاني وڏي حملي سبب فيڊل، روال سميت سمورن ڪمانڊرن کي گهرائي دفاع بهتر ڪيو. 25 مئي تي 10000 سرڪاري فوج جنرل ڪينٽيلو جي اڳواڻي ۾ سيريا ميسٽريا جو گهڻ طرفي گهيراءُ ڪري حملو شروع ڪري ڏنو. انقلابي فوج هڪڙي محاذ ڪانسواءِ ٻين سمورن محاذن تان پسپا ٿيڻ لڳي. هوائي حملا موتمار ثابت ٿيڻ لڳا. عين انهيءَ وقت بتيستا کي هٿيار ۽ نيپام بم ڏيڻ جي عذر هيٺ روال ڪاسترو 49 آمريڪي ماڻهن کي باندي بڻائي ڇڏيو. جيڪي مختلف ڪاٺين ۽ گهڻ قومي ڪمپنين جا ملازم هئا. فيڊل انهن ماڻهن کي ڇڏڻ جو حڪم جاري ڪيو. پر راول ڪين آهستي آهستي ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ جو هوائي حملا بند ٿي چڪا هيا ۽ روال انهيءَ موقعي جو فائدو وٺندي دفاعي مورچن تي هٿيار ۽ ضروري سازو سامان پهچائيندو رهيو. چي جي محاذ تان ڪاميابي جون خبرون اچڻ شروع ٿيون ۽ 20 جولاءِ تي سرڪاري فوج جو هڪ فرنٽ پسپا ٿي 140 فوجين سان گرفتاري پيش ڪئي. حڪومت جا هوائي حملا وري شروع ٿي چڪا هئا. جنگ دوران ئي ڪميونسٽ پارٽي جو سيڪريٽري ڪارلوس رافيل اچي فيڊل سان مليو ۽ حڪومت نومبر ۾ اليڪشن جو اعلان ڪيو. هي جنگ 70 ڏينهن جاري رهي جنهن ۾ انقلابي فوج، دفاعي پوزيشن ۽ بهتر حڪمت عملي سبب ڪامياب رهي. نتيجي طور بقول فيڊل جي ڪين تمام گهٽا ڳرا هٿيار هٿ لڳا ۽ سندن انگ 300 کان وڌي 900 ٿي ويو. جنگ جي خاتمي کان پوءِ فيڊل ڪيوبا جي مرڪزي صوبي ۽ شهرن کي هٿ ڪرڻ لاءِ چي گويرا جي اڳواڻي ۾

ڪجهه فوج اڳتي ڪئي. هي جٿا ڪمياڳئي ڪان ٿيندا لاس ويلاس تائين پهتا. هتي به چي گويرا جا 26 جولاءِ تحريڪ جي لوڪل نمائندن سان بئنڪن جي ڦُر ۽ زرعي سڌارن تي اختلاف رهيا. پر ڪميونسٽ پارٽي سان رابطا تيز ٿيا جن هڪ الڳ سان هڪ نئون ويڙهاڪ محاذ به جوڙي ورتو هو. درحقيقت ڪميليو، روال ۽ چي گويرا سپاٽي جي ڪميونسٽ پارٽي جا بنياد وجهي رهيا هيا. روال ته PSP پاران سڏايل هڪ عظيم هاري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ به ويو هليو هو.

نومبر ۾ اليڪشن وارو ڏينهن به اچي ويو. جنهن کي ناڪام بنائڻ لاءِ گوريلا ڪارروائن ذريعي سڄي ملڪ جي ٽريفڪ کي بلاڪ ڪيو ويو. ڪوڙن نتيجاً مطابق رورو آگورو (هڪ بيو منظورِ نظر) ايندڙ چئن مهينن ۾ صدر ٿيڻو هو. لاس ولاس (ڪيوبا جو مرڪزي صوبو) ۾ ئي چي گويرا هڪ مستقل دفاعي قلعي جي تعمير ڪرائي. هتي ڪيس اليدا ملي جنهن جو عورتن ۾ تمام گهڻو ڪم هيو جيڪا مستقبل ۾ چي جي ٻي زال بڻجڻي هئي. نومبر جي پڇاڙي ۾ سرڪاري فوج جو وڏو حملو ٿيو ۽ ڪمليو پنهنجي ساٿين سان چي جي مدد لاءِ پهتو. 4 ڊسمبر تي دشمن جي حملي کي پسپا ڪيو ويو ۽ سندن عسڪري امداد کي روڪڻ لاءِ پليون تباهه ڪيون ويون. هوانا ۽ سانتا ڪلارا (لاس ويلاس) جو سمورو رابطو ختم ڪيو ويو. نتيجي طور انقلابي فوج شهر در شهر آساني سان قبضو ڪندي وئي جتي جي عوام کين پليڪار ٿي چيو. انقلابي فوج هڪ نئين جذبي ۽ واضح ڪامياب انقلاب کي اڳيان ڏسندي دفاعي پوزيشن ڇڏيندي دشمن فوج کي سوڙهو ڪندي آئي. هوڏانهن فيدل به اورينٽ صوبي مان گهڻو اڳتي نڪري آيو. 21 ڊسمبر تائين چي گويرا لاءِ ڪيوبا جي چوٿين وڏي شهر سانتا ڪلارا جو رستو صاف ٿي چڪو هو. فتح هيٺ آيل شهرن ۾ انارڪي، ڇڙواڳي ۽ عام آبادي سان ڪنهن امڪاني ناروا سلوڪ کي روڪڻ لاءِ سخت انقلابي قانون لاڳو ڪيا ويا. خود چي جي سڄاٽپ اهڙي شخص طور ٿي رهي هئي جيڪو پنهنجي ئي ڪامريڊن تي قانون لاڳو ڪري سخت سزائون ڏيندو هو.

26 ڊسمبر تي فيڊل ڪاسترو سمورن ڪمانڊرن کي هوانا (گادي جو هنڌ) تي قبضي جو حڪم ڏنو. پر هيڏانهن چي گويرا جي فوج ۽ هوانا جي وچ ۾ آخري رنڊڪ 150000 آبادي وارو شهر سانتا ڪلارا هو، جتي بتيستا پنهنجو آخري دفاعي زور ڏنو ٿي ۽ سرڪاري فوج جي ڪمانڊ ڪاسيلاس نالي آفيسر جي هٿ ۾ ڏني جيڪو ڪميونسٽن ۽ انقلابين جي قتل و غارت لاءِ ڏاڍو مشهور هو. 27 ڊسمبر تي سانتا ڪلارا يونيورسٽي جي جاگرافي جو پروفيسر شهر جي نقشن سان گڏ اچي چي سان مليو. جنهن سبب هڪ ڪامياب حملي جي تياري ڪرڻ آسان ٿي پيو. انهيءَ ساڳي رات چي گويرا ساڍا ٿي سو انقلابين سان شهر جي يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو. سندس مقابلو جديد هٿيارن ۽ ٽينڪن سان ليس 5000 فوج سان هيو. جڏهن ته هٿيارن سان پريل هڪ الڳ ٽرين به هئي جنهن کي بتيستا موڪليو هيو ۽ جنهن تي قبضي جي ڪوشش ڪامريڊن جون پهريون فريضو هو. 29 ڊسمبر تي انقلابين ريڊيو اسٽيشن تي قبضو ڪري ساٿ ڏيڻ جي اپيل ڪئي ۽ وڏي ڪوشش سان هٿيارن سان پريل ٽرين کي پٽرين تان ڪيرائي قبضي هيٺ آندو. ايڏا وڏا هٿيار ملڻ ڪانپوءِ هنن سرڪاري فوج کي آهستي آهستي پسپا ٿيڻ ۽ صرف هڪ هوٽل تائين محدود ٿيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ٻي پاسي وري اورينٽ صوبي جو شهر مافا ڏهن ڏينهن جي گهيراءُ ڪانپوءِ

فيدل جي قبضي هيٺ اچي ويو ۽ هاڻ سندس نظرون هوانا کان پهرين ڪيوبا جي ٻي وڏي شهر سينٽياگو تي هيون. اِها صورتحال ڏسي سرڪاري فوج جي جنرل ڪينٽيلو، فيدل سان ملاقات ڪئي. جنهن کي فيدل فوجي بغاوت ذريعي هوانا تي قبضي ڪرڻ لاءِ ٽن ڏينهن جو وقت ڏنو. هوانا پڄڻ شرط جنرل ڪينٽيلو، بتيستا سان وفاداري نڀائيندي ڪيس 6 جنوري تائين ملڪ ڇڏڻ جو چيو ۽ فيدل کان 6 جنوري تائين جو وقت گهريو. پر حالتون تمام تيزي سان بدلجي رهيون هيون. 31 ڊسمبر جي شام جو 9 وڳي تائين سانتاڪلارا ۽ سينٽياگو ۾ سرڪاري فوجي آفيسرن، بتيستا کي ڪمزور ٿيندڙ دفاعي پوزيشن کان آگاهه ڪيو. اِها صورتحال ڏسي آمر بتيستا انهيءَ رات جو 3 وڳي پنهنجي خاص ماڻهن ۽ انهن جي خاندانن سان گڏ ڊومنيڪن ريپبلڪ ڏانهن فرار ٿي ويو. اهڙي ريت سال 1959ع جي پهرين ڏينهن جي سج، ڪيوبا جي عوام لاءِ انهيءَ سحر جي نويد آندي جنهن لاءِ الائجي ڪيترن انقلابين تاريڪ راهن ۾ پنهنجن رت جو ريج ڏنو. آمر جي فرار ٿيڻ کان پوءِ دفاعي سرڪاري مورچا، تاس جي پٽن وانگي ڪرندا ۽ surrender ڪندا ويا. جنرل ڪاسبلاس عام ماڻهن واري پوشاڪ ڪري فرار ٿي ويو پر جلدي ئي ڪيس انقلابين جهٽي ورتو ۽ چي گويرا جي اڳيان پيش ڪيو. جنهن کي ڏسي چي چيو ته ”جيسو مينانداز (Jesu's menendoz) جو قاتل تون آهين؟“ ياد رهي ته مقتول ڪميونسٽ اڳواڻ ۽ شگر مِل يونين ليڊر هو جنهن کي ڪاسبلاس 1948ع ۾ شهيد ڪيو هو. اهڙي ريت ڪاسيلاس ۽ اهڙن ٻين سمورن سفاڪن کي اتي ئي انقلابي انصاف ميسر ٿيو. سانتا ڪلارا ۾ عوامي ميڙ کي تاريخي تقرير ۽ هڪ انقلابي گورنر مقرر ڪرڻ کانپوءِ 2 جنوري تي چي ۽ ڪميليو فوج سان گڏ هوانا روانا ٿيا. جتي هو 3 تاريخ جو پهتا. چي گويرا کي هٿيار ڦٽا ڪندڙ 3000 سرڪاري فوج اڳيان آندو ويو جن کي چي گويرا بيٺڪيتي فوج سڏيو ۽ کين طنز ڪندي چيو ته هو انقلابي فوج کي مارچ ڪرڻ سيکارين ۽ موٽ ۾ گوريلا کين وڙهڻ سيکاريندا. فيدل ڪاسترو به ڪلاڪن جو سفر 8 ڏينهن ۾ طئي ڪندي هوانا پهتو. جتي سندس آڌر ڀاءُ انقلابي ڪمانڊرن ڪيو(7).



هوانا ۾ فاتح انقلابي ڪمانڊرن جو شاندار استقبال

ڪيوبا ۽ آمريڪي سامراج

هوانا ۾ ئي جنرل ڪينٽيلو کي گرفتار ڪيو ويو هو. آمريڪا ان وقت نياپو موڪليو ته جيڪڏهن پراڻي فوج کي بحال رکيو ويو ته آمريڪا انقلاب جي مخالفت نه ڪندو. پر جيئن لڪ لڳي تيئن رڪ ٿيا جي مصداق ٻن سالن جي سخت ويڙهه، انقلاب جي اڳواڻن کي سرمائيداري ۽ سامراج ڏانهن مونجهارو رکندڙ وطن دوستن منجهان ڦيرائي هڪ حقيقي انقلابي ٻڻائي ڇڏيو هو. جن چڱي ريت ڄاتو ٿي ته انقلاب دشمن ڪرڙي جو صفايو ڪرڻ بجاءِ جيڪڏهن انهيءَ جو صرف پڇ وڍيو ويو ته انهيءَ کي وري وڌڻ ۾ ڪجهه گهڻو عرصو نه لڳندو. پراڻي 80000 بيٺڪيتي فوج کي ختم ڪيو

ويو، انهن منجهان صرف 2000 اُهي ڪنيا ويا جن کي ٽينڪ هلائڻ ايندي هئي. 3000 انقلابي فوج ۾ وڏي تعداد ۾ هاري شامل ڪري ڪجهه هفتن ۾ 40000 انقلابي فوج تيار ڪئي وئي. انقلاب کان پوءِ ٽن وڏين سياسي قوتن 1. جولاءِ 26 تحريڪ 2. انقلابي ڊاريڪٽوريٽ 3. پاپولر سوشلسٽ پارٽي کي گڏايو ويو. 1965ع ۾ اهو انضمام ڪميونسٽ پارٽي آف ڪيوبا جي نالي سان واحد سياسي قوت طور ظاهر ٿيو. زرعي سڌارا آندا ويا. آمريڪا جي گهڻ قومي ڪمپنين کي قومي ملڪيت ۾ ورتو ويو. هي اُها آخري حد هئي جتان ڪانپوءِ آمريڪي سامراج جو جمهوريت وارو پلاسٽڪي خول ڳري ڪري پوندو آهي. نتيجي طور ڪيوبا سان سفارتي تعلقات بلڪل ختم ڪيا ويا جيڪي اڄ تائين آهن. نه صرف ايترو پر 17 اپريل 1961ع تي آمريڪا ڪيوبا (بي آف پگز) تي سڌو حملو ڪري ڏنو. فيڊل انهن ئي ڏينهن ۾ ڪيوبا جي انقلاب کي سوشلسٽ سڏيو. آمريڪا 1500 پيشيور قاتلن کي ڪيوبا جي سرزمين تي لاٿو جن کي 72 ڪلاڪن جي سخت جنگ ڪانپوءِ شڪست ڏني وئي. انهن ردِ انقلابي قوتن سان ويڙهه جي خاتمي تي هڪ ٽينڪ مان فيڊل ڪاسترو پاڻ نراور ٿيو. انهيءَ ويڙهه ۾ 150 انقلابي شهيد ٿيا ۽ 300 ردِ انقلابين جي موت سان گڏ 1200 گرفتار ڪيا ويا. جن کي بعد ۾ هڪ قيدي هڪ لک ڊالر جي قيمت تي واپس آمريڪا حوالي ڪيو ويو. تباهه حال ڪيوبا جي معيشت جي اشتراڪي اوسر لاءِ اهو معاهدو وڏو ڏور رس هو انهيءَ پيسي مان ٽيڪنالاجي ۽ صحت جي شعبي جي لاءِ ضروري شيون خريد ڪيون ويون.

سڄي دنيا اندر دهشتگردي خلاف نام نهاد ڪوڙي جنگ جي سرواٽي ڪندڙ آمريڪا، نومبر 1961ع کان جنوري 1963ع تائين جي صرف 14 مهينن دوران، ڪيوبا خلاف 5780 دهشتگردي جون ڪاروايون ڪري چڪو آهي، جن ۾ 717 صرف ڪيوبا جي صعنتن تي سخت ترين حملا هيا. جن ۾ 234 ماڻهو به شهيد ٿيا. هِن وقت تائين جاري اهڙين ڪاررواين ۾ 3500 ماڻهو مارجي ويا آهن. (1/252) 1962ع کان ڪيوبا جي معاشي ناڪابندي جيڪا شروع ٿي، اُها اڄ سوڌو جاري آهي. جنهن خلاف اقوام متحده به قطعي اڪثريت سان الائجي ڪيترا دفعا قراردادون پاس ڪري چڪو آهي پر وريو ڪجهه به نه. چاڪاڻ جو بقول مارڪس جي ته هٿيار جي تنقيد جو مقابلو تنقيد جي هٿيار سان نه ٿو ڪري سگهجي. هڪ تحقيق مطابق انهيءَ ناڪابندي (blockade) جو ٻين سماجي ۽ سفارتي نقصانن سان گڏ ڪيوبا کي هر سال 685 ملين ڊالرن جو نقصان ٿي رهيو آهي. ڪيوبا اندر انارڪي ڦهلائڻ لاءِ CIA، ڪيوبا جي جلاوطنن ۽ مافيا جي منظم ٽولن کي آمريڪا مان ٽريننگون ڏياري ڪيوبا موڪليندي رهندي آهي. ڪيوبا جا جهاز اغوا ڪيا ويندا آهن ۽ اغواڪارن کي آمريڪا ۾ پناهه ڏئي هيرو ظاهر ڪيو ويندو آهي. CIA فيڊل ڪاسترو تي هِن وقت تائين 600 قاتلاڻا حملا ڪرائي چڪي آهي. آمريڪي انٽيليجنس اداري CIA هاڻي ته اِهو به قبول ڪيو آهي ته هن 1971ع دوران صدر نڪسن جي دور ۾ ڪيوبا اندر سوائين وائرس داخل ڪيو جنهن سبب ڪيوبا کي پنهنجا 5 لک جانور مارڻا پيا. 1981ع ۾ وري ڪيوبا اندر ڊينگو وائرس داخل ڪيو ويو جنهن کي آمريڪي ليبارٽري ۾ تيار ڪيو ويو هو، جنهن جي اڳ ڪٿي به ڪا موجودگي ڪونه هئي. هِن وائرس سبب ساڍا ٽي لک ماڻهو بيمار ٿيا ۽ 158 ماڻهو مري ويا جن ۾ 101 ٻار هيا. هي داستان اڃان وڏو آهي پر پاڻ اتي بس ٿا ڪيون اِهو مختصر حال احوال انهيءَ ڪري ضروري هو جو

اسان وٽ به ڪي نج پسند (purist) اهل علم آهن جن ڪي ڪيوبا جي انقلاب جي ڪوتن تي ڳالهه ڪرڻ وڻندي آهي. پر ڇا آمريڪا جي حوالي سان مٿيون مختصر ذڪر اهو نه ٿو ٻڌائي ته اس شہر خموشاں میں زندہ ہیں، یہی بات بڑی بات ہے پیارے- پر اسان جا هي دوست بري هن پنيور سان هيڏا هاجا ٿيڻ ڪانپوءِ به سماجي زندگي جي معيار ڪي آمريڪا ۽ ڪيوبا جي ملڪن اندر پيٽڻ جي ڳالهه ڪن ٿا. توٽي جو هو وساري ٿا ويهن ته هڪ ملڪ پوري دنيا جي وسيلن ڪي IMF ۽ ورلڊ بئنڪ جي نلڪي (Straw) سان چڪي مڇي مواڙ ٿيو آهي ۽ ٻيو ملڪ وري پنهنجي اوسي پاسي ڪان وٺي ڪري آفريڪا ڪنڊ تائين ترقي پسند قوتن ۽ تحريڪن جو پرجهلو ۽ مددي رهيو آهي. توٽي جو دوست اهي حقيقتون وساري ٿا ويهن پر تقابلي جائزي وٺڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي.

1. ڪيوبا ۾ بي گهر ماڻهن جو تعداد نه هئڻ برابر آهي جڏهن ته آمريڪا اندر اهو قرض تي ڏنل گهرن وارو بحران هو جنهن نه صرف آمريڪا پر پوري دنيا اندر معاشي بحران جي چين رئيڪشن جي شروعات ڪئي.
2. تعليمي شرح (Literacy rate) جي حوالي ڪان ڪيوبا دنيا جو پهريون ملڪ آهي جتي تقريباً 100 سيڪڙو ماڻهو پڙهيل آهن.

http.wikepedia.org/wiki/listofcountriesbyliteracyrate.

3. انساني غربت جي حوالي سان آمريڪا جي 12 سيڪڙو جي ڀيٽ ۾ ڪيوبا 4.1 سيڪڙو تي آهي.

http/permnantlyindignant.com/2008/04

4. ڪيوبا اندر بيروزگاري 1.8 سيڪڙو آهي جڏهن ته آمريڪا اندر اهو سيڪڙو 10 آهي.

http/en.wikepedia.org/wiki/listofcountriesbyuncemploymentrate

5. ڪيوبا اندر مهانگائي جي شرح (Inflation rate) 3.4 سيڪڙو آهي جڏهن ته آمريڪا اندر 3.8 سيڪڙو آهي.

http/www.cia.gov/liberary/publication

6. نيڪال (Sanitation) جي سهولت آمريڪا ۾ 100 سيڪڙو آهي جڏهن ته ڪيوبا ۾ 98 سيڪڙو آهي.

http/mdgs.un.org/unsd/mdg/seriesdetoi/asped?srid=668

7. انقلاب کان اڳ ڪيوبا اندر (life expectancy rate) 58.8 سيڪڙو هو جيڪو اڄ 77.45 سيڪڙو آهي. جڏهن ته آمريڪا اندر اهو سيڪڙو 78.11 آهي يعني صرف .66 سيڪڙو مٿي.

www.unicef.org/infobycountry/cubastatistics.html.

8. ڪيوبا طبي ۽ ڊاڪٽرن جي سهولت ۾ به پوري دنيا کان اڳيان آهي جتي 170 ماڻهن تي هڪ ڊاڪٽر آهي. جڏهن ته آمريڪا ۾ 390 ماڻهن تي هڪ ڊاڪٽر آهي.

http/www.globalhealthfacts.org/topic.jsp?1=77


9. عورتن جي برابري جي حقن ۽ پارليامينٽ ۾ انهن جي سيٽن جي حساب سان ڪيوبا دنيا ۾ چوٿين نمبر تي آهي. جتي اهو 43.2 سيڪڙو آهي. جڏهن ته آمريڪا انهيءَ اهم اشو تي ترڪمنستان سان ٺهڪندي 71 نمبر تي آهي جيڪو سيڪڙي ۾ 16.8 آهي.

http/www.ipu.org/www-e/classif.htm.

هڪ قومي هيرو ۽ شهيد ڪميونسٽ ڪامريڊ نظير عباسي

قومي، طبقاتي تحريڪ جو لازوال ڪردار

ڪامريڊ نبي سوهو



سموري دنيا ۾ مارڪسزم جي ڪسوٽي موجب تاريخ

جي مادي تصور جي ارتقا جي نظرئي جي دريا فت ۽ قومي ۽ طبقاتي جبر جي شعور، سياسي، سماجي تحريڪن جي اپرڻ جي نتيجي طور ڪيترائي سماجي انقلاب ۽ انهن سان جڙيل اهڙيون ته عظيم شخصيتون منظرِ عام تي آيون، جن سان عقل چرخ ٿيو وڃي ته ڇا اهو سڀ ڪجه ممڪن آهي ته انساني سماج جيڪو يورپ جي پراڻي ماديت پسندن موجب پاڻ مرادو، بي ترتيب ۽ خودرو ارتقا ڪندو نظر اچي رهيو هو، ڇا اهو سائنسي جاڳرتا جي ذريعي تبديل ڪري سگهجي ٿو؟ ڇا تاريخي ارتقا جي قانونن ۽ فرد جي تعلق ڪي جدلي انداز ۾ سمجهي سگهجي ٿو؟ فرد تاريخي طور سماجي جبر خلاف ويڙه وڙهندي اختيار جي جهد مسلسل ۾ پير پائي سگهي ٿو؟ يا ان جبر جي هيٺان دٻجي شخصيت پرستي يا تقدير پرستي جي تابع ٿئي ٿو؟ ڪيترائي اهڙا سوال هر باشعور ماڻهو جي ذهن ۾ اپرن ٿا،ان جي ثبوت لاءِ تاريخ جي اسٽيج تي ڪيترائي فرد پنهنجو حقيقي والهانه انداز ۾ ڪردار نڀائيندي نظر آيا آهن، جن ۾ ڪارل مارڪس، اينگلس ۽ لينن ،ان کان پوءِ ڪامريڊ اسٽالن، مائوزيتنگ، ڪمل ال سنگ، هوچي منه،ڪاسترو ۽ چي گويرا اڳيرا رهيا. برصغير يا نندي کنڊ ۾ ايم اين راءِ ۽ ڪامريڊ پگت سنگهه ۽ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ سجاد ظهير، سبطه حسن، امام علي نازش ۽ شهيد حسن ناصر سميت ڪوڙ سارا ڪامريڊ مارڪسزم جي نظرئي ۽ عمل جي سرگرمي جا حقيقي روپ ۾ نمائندا نظر آيا آهن.

شهيد نظير عباسي به انهن سورمن، انقلابي، نظرياتي اڳواڻن ۽ قومي ڪارڪنن مان هڪ هو، جنهن شاگردن توڙي هارين ۽ مزدورن جي حقن لاءِ وڙهڻ، کين منظم ڪرڻ، رياستي ادارن خلاف مسلسل جدوجهد ۽ ويڙه وڙهندي تاريخ ۾ پنهنجو امر ڪردار نڀائيو آهي .

اڄ سنڌ سميت سموري دنيا جي مظلوم قومن ۽ طبقن جو هيرو شهيد نظير عباسي هڪ عالمگير حيثيت اختيار ڪري ويو آهي.

شهيد نظير عباسي 10 اپريل 1953 تي ٽنڊوالهيار جي هڪ غريب هاري جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس مائٽ ايترا غريب هئا جو سندس تعليم کي جاري رکڻ به انهن لاءِ اوکو ڪم هو پر انهن اهو فرض سخت پورهيو ڪندي نڀايو ته جيئن هو وڏو ٿي کين غربت ۽ بيماري مان نجات ڏياريندو پر اها کين خبر نه هئي ته شهيد نظير عباسي نه صرف پنهنجي خاندان پر پوري مظلوم طبقي لاءِ جان قربان ڪندو ۽ سدائين لاءِ امر ٿي هر مظلوم جي دل ۾ پنهنجي جڳه والاريندو. اڄ هر نوجوان شاگرد، هارين ۽ مزدورن ۾ شهيد نظير عباسي جو نالو انقلاب لاءِ اڪسائيندڙ ۽ اتساهيندڙ ڪردار طور هر ڪنهن جي زبان تي آهي.

غربت جي طبقاتي شعور ۽ سماج جي تلخ معروضي حالتن کيس ڪميونزم جي اڙانگي سفر ڏانهن راغب ڪيو.

قومي ۽ سياسي شعور کيس شاگرد سياست طرف ڇڪي آندو. شهيد نظير عباسي ڊي ايس ايف توڙي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي باني ڪارن منجهان هو، ان پليٽ فارم تان هن شاگرد سياست کي سيڪيولر بڻائڻ لاءِ تنظيم سازي ڪرڻ، سندن نظرياتي تربيت ڪرڻ کان ويندي سياسي ۽ طبقاتي شعور جي آگاهي پڻ ڏني.

ان سموري عمل جي سرگرمين دوران کيس اهو جلد ئي احساس ڏياريو ويو ته هو رياستي ڪارندن جي ترڇي نظر

هيٺ اچي ويو هو ۽ ڪيس هر طرح سان پريشان ڪيو ويو.

ڪميونسٽ هٽڻ جي ناتي سان شهيد نظير عباسي سنڌ سميت پوري پاڪستان جي شاگرد سياست کي منظم ڪيو.

ڪامريڊ عاصم آخوند جي بقول شاگرد سماج جا بيروميٽر هوندا آهن. بيروميٽر اهو سائنسي آلو آهي جيڪو موسميات جي ڪاتي ۾ هوا، پاڻي ۽ گهم جو دٻاءُ جانچڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

ڪنهن سماج ۾ شاگرد اهي يونيورسٽين جا هجن يا ڪاليجن ۽ اسڪولن جا, سموري رياستي جبر خلاف انقلاب جي فصل جا اسرندڙ سلا هوندا آهن، جن کي وڏي ويجهي هڪ مڪمل فصل يا ٻوٽي جي شڪل اختيار ڪرڻي هوندي آهي.

جيڪي معروضي حالتن جي ردعمل طور موضوعي عنصر طور نظم و ضبط، تربيتي ڪلاسن ۽ تنظيم ڪاري جا بنياد رکندڙ هوندا آهن، جيڪي سماج جي ارتقا کي انقلاب ۽ مقدار کي معيار ۾ تبديل ڪرڻ جي قوت رکندا آهن. اهي پتنگ هوندا آهن جيڪي پاڻ کي جلائي انقلابي عملن کي جلا بخشيندا رهيا آهن، نتيجي طور پوري سماج ۾ تحريڪون جنم وٺنديون آهن

مصر تيونس کان ويندي عرب عمارات، ايران ۽ سعودي عرب ۾ اڀرندڙ سموري عرب دنيا ۾ آيل سماجي اٿل پٿل ۽ تحريڪن جي اڀرڻ جو سبب به هڪ شاگرد جي بيروزگاري کان تنگ ٿي خودڪشي ڪرڻ ڪري هو جنهن ڇڻ ته ٻرنديءَ تي تيل جو ڪم ڏنو، ڇاڪاڻ ته سماج جو سياسي ٽيمپريچر اڳ ۾ ئي 99 سينٽي گريڊ تي هئو.

تازو يونان ۾ آيل شديد معاشي بحران دوران آئي ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ جي پاليسين خلاف ٿيندڙ احتجاجن جي هنگامن ۾ پڻ ٽريڊيونين جي مزدورن سان گڏ شاگرد به وڏي تعداد ۾ پيش پيش آهن.

افسوس جو اڄ جي حالتن ۾ شاگرد سياست کي رجعتي ۽ غير سياسي طور ڪرپٽ رکڻ ۾ پڻ ايجنسين توڙي حڪمران ٽر جي ساٿارين طرفان ڪوشش اڄ به جاري آهي، جيڪي رياست جي اڇي ڪاري جا مالڪ آهن. پر شاگردن جو قومي، طبقاتي، جمهوري ۽ سامراج مخالف شعور سندن رستي ۾ آيل ان مصنوعي رڪاوٽ کي ايئن ڊاهي پٽ ڪندو جيئن ٻوڏ جي دوران سنڌو درياءُ جي لهرن سموريون عمارتون ڊاهي پٽ ڪيون.

شهيد نظير عباسي ڪاڀي ٽر جي باقائده عملي سياست، شاگرد سياست سان گڏوگڏ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي ميمبر طور ڪئي. ذوالفقار علي ڀٽو جو دور جيڪو سنڌ توڙي پاڪستان جي تاريخ ۾ اوائلي جمهوري دور سمجهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن حد تائين روزگار جي موقعن کان ويندي ٽريڊ يونين سياست اندر مزدورن کي مراعتون ۽ اظهار جي آزادي جو حق ڪنهن قدر نصيب ٿيو، جنهن دوران عالمي طور قومي ۽ طبقاتي بنيادن تي سوويت يونين جي اٿرهيٺ جنم وٺندڙآزاد خودمختيار رياستون جنم وٺي رهيون هيون، جن جي نتيجي ۾ حڪرانن خوف کان پاڻ مرادو اصلاحي قدم کڻي رهيا هئا. پر ان سڄي عمل جي ناڪامي جو سربستو ثبوت خود شهيد نظير عباسي جي سموري زندگي جي ڪٿا پڙهڻ کان پوءِ واضح ٿئي ٿو. پاڻ ان نام نهاد جمهوري دور ۾ به سياست ڪندي رياستي ڏاڍ هيٺ جيلن ۾ قيد رهيو .ڀٽي جي دور توڙي ضياءُ الحق جي مارشل لا ۾ دشمنن جي مارڪٽ

ءَ جسماني توڙي نفسياتي تشدد کان ويندي هر قسم جون عقوبتون نه رڳو پاڻ سٺائين پر سندس خاندان سان گڏ پوري قوم ساڻس گڏ ڀوڳيو. سهڻي رسالو جيڪو سنڌ جي پٽو دور جو سڀ کان مقبول انقلابي سياسي رسالو هو، جو ايڊيٽر طارق اشرف حڪومت خلاف زوردار تنقيد جي پاداش ۾ جيل ۾ قيد رهيو. اتي هن ٻاويه مهينن جي جيل ڊائري جي نالي سان ڪتاب پڻ لکيو جنهن ۾ شهيد نظير عباسي کي هن سنڌ جو بهادر، مضبوط ارادن جو مالڪ ۽ آدرشي انسان ليکيو. اڄ طارق اشرف کي ڪو به ياد ڪرڻ وارو ناهي سندس ڪيل سياسي جدوجهد کي به شهيد نظير عباسي سان گڏ سرخ سلام ٿا پيش ڪريون. سندس لکڻين کي به منظر عام تي آڻجي جيئن ان دور جي حقيقي تصوير اکين آڏو اچي وڃي پر افسوس جو شهيد نظير عباسي جي نالي ۾ ته هزارين پروگرام ٿين ٿا پر مارڪيٽ ۾ ان تي موجود ڪتاب به اٿلپ آهن .

ان سلسلي سان ڪميونسٽن تي تنقيد جو به جواب سامهون اچي ٿو ته مارڪيٽ ۾ عالمي ۽ ملڪي شخصيتن تي ته ڪوڙ سارا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ملن ٿا پر سنڌ جا قومي هيروز جن طبقاتي جدوجهد کي تيز ڪرڻ لاءِ هارين توڙي مزدورن ۾ ڪم ڪيو، ڪامريڊ چي گويرا ۽ ڀڳت سنگه جهڙن عظيم انقلابين کان ڪنهن صورت ۾ گهٽ نه هئا پر پاڪستاني رياست جي تاجپيٽي ۾ اهي ناقابل قبول رهيا ۽ سينسرشپ جي ور چڙهي ويا آهن ايتري قدر جو سنڌ يونيورسٽي جي باني علامه آءِآءِ قاضي جا ڪتاب به مارڪيٽ مان اڻ لڀ آهن ڇو ته اهو پاڪستاني اسٽائيل جي مذهبي نصاب سان ٺهڪندڙ نه آهن.

شهيد نظير عباسي، پيپلز پارٽي توڙي ضياءُ الحق جي مارشل لا دوران عتاب هيٺ رهيو، هو هڪ سچو محب وطن، عظيم ڪميونسٽ رهنما، نظرياتي توڙي عملي ميدان ۾ پاڻ پرو ۽ هر ڪنهن سان رلي ملي وڃڻ جي بي پنها صلاحيت رکندڙ هو. نذير عباسي حقيقي معنيٰ ۾ ظلم ستم ۽ بيروزگاري ۽ مهانگائي جي استحصال جي ور چڙهيل عوام جو هڏ ڏوکي هو.

شهيد نظير عباسي کي موسيقي سان بيحد لڳاءُ هو ۽ وٽس گائڪي جي فن جو هنر هوندو هو. سنڌي لوڪ فنڪار ڊول فقير جي منفرد انداز ۾ ڳائيندو هو ته جيل توڙي ريل ۾ سندس مداح ٿي پوندا هئا مڪيش جي آواز کان تمام گهڻو متاثر هو، انقلابي گيتن سان رسيلي آواز ۽ انداز ۾ محفلون جهومائيندو هو. جيل جا سپاهي جيڪي پنجابي پٺاڻ يا سنڌي هوندا هئا انهن ۾ اڳيئي فوجي آفيسرن خلاف طبقاتي فرق طور بغاوت موجود هوندي هئي ويتر ڪامريڊ نظير عباسي جو مٺاس ڀريو آواز ٻڌي سندس مداح بڻجي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن آفيسر ڳائڻ ۾ ساڻس مقابلو پڻ ڪندا هئا.

شايد اهو سبب هو جو هو رياستي ڪارندن جي نڪ ۾ دم ڪندڙ بڻجي ويو هو. ڪيترن موقعن تي فوج، پوليس توڙي ايجنسين جي ڪارندن ڪيس ڪنيڻ لاءِ ڪوششون ڪندا هئا پر هي ڪين جهل ئي نه ڏيندو هو، جيئن سنڌ يونورسٽي جي انٽرنيشنل هاسٽل ۾ ڇاپي دوران باغ جي مالهي جي وردي پائي پڇڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو .

ڄام ساقي، سهيل سانگي، پروفيسر جمال نقوي، ڪمال وارسي، شبير شاهه، بدر ابڙو ۽ امر لال به ساڻس گڏ ساڳئي ڪيس ۾ مختلف موقعن تي گرفتار ٿيا هئا جن جي ميڊيا آڏو بيان ۽ لکيل تحريرن مان پتو پئجي سگهجي ٿو ته شهيد نظير عباسي با ڪمال

ماڻهو هو ۽ ڪيئن رياستي تشدد ۽ شهادت جو شڪار ٿيو. هو سموري ٽيم ۾ اڪيلو ماڻهو هو جيڪو 9 آگسٽ 1979 تي انٽيليجينس جي ڪسٽڊي ۾ برگيڊيئر امتياز ۽ ساٿس گڏ سپاهين هٿان ڪيترن ڏينهن تائين اذيتون سهندو ٽارچر سيل ۾ شهيد ٿي ويو, جيڪا سندس ثابت قدمي، انقلاب سان محبت ۽ ايثار جي جذبي جي ترجماني ٿي ڪري.

هي رياست سمورو ترقي پسند عنصر ختم ڪري رجعتي عنصر جو ٻج پوکيندي رهي آهي، ڪڏهن طالبان جي شڪل ۾ ڪڏهن ايم ڪيو ايم ۽ نواز ليگ جي شڪل ۾ جيڪي وقتن فوقتن پاڪستان توڙي عالمي سامراج لاءِ مددگار ضرور ثابت ٿيا آهن ۽ عوام کي دهشت زده ڪري سماج لاءِ زهر آلود بنجي ويا آهن. تازو ڪراچي ۾ دهشتگردي جي ور چڙهي ويل عوام جو ڪهڙو مستقبل نظر ٿو اچي ؟

شهيد نظير عباسي جي شادي سنڌ جي منفرد قسم جي سياسي شادين ۾ اهم ليکي وڃي ٿي ۽ هڪ سياسي پروگرام جو ئي حصو ٿي وڃي ٿي. شهيد نظير عباسي نه صرف مارش لا جي دور ۾ فوجي آمريت لاءِ اک جو ڪنڊو هو پر پيپلز پارٽي کان ويندي جيئي سنڌ جي ساڄي ڌر (جيڪا اڄ به ڀٽاخوري، بليڪ ميلنگ سميت ايم ڪيو ايم جي طرز تي ڪم ڪرڻ توڙي ڪائنه مالي مدد کان به نٿي ڪيٻائي) نذير جهڙي انقلابي ڪردار کي هضم نٿي ڪري سگهيون.

مسلسل انڊر گراونڊ ڪم ڪرڻ ڪري اڪثر ڪري ڪامريڊ ساٿي ڪيس پيار مان ڪامريڊ يوجي چوندا هئا.

شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي آتم ڪٿا ۾ اعتراف ڪيو آهي ته آمريڪي سي آئي اي طرفان پاڪستان ۾ ڪميونسٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏي پيماني تي ڊالر ورهايا ويا، ڇوته افغانستان ۾ انقلاب ثور کان پوءِ پاڪستان ۾ سوشلسٽ انقلاب جو وڏو خطرو هو. اڄ به ڪيترائي ماڻهو ڪميونسٽن کي طبقاتي ۽ قومي جدوجهد جي حوالي کان نه پر ڪافر ۽ ملحد جي حوالي کان وڌيڪ سڃاڻين ٿا. ڪميونسٽ پنهنجي سانپر ۾ جڻ پوري سماج جو مجرم آهي ڇو ته هو سماج جي سموري روايتي فرسوده ۽ ڪٽرپڻي کان بغاوت جو نه فقط والهانه انداز ۾ اعلان ٿو ڪري پر ان لاءِ عملي جدوجهد ٿو ڪري.

ٻي موقعي تي ولي خان جي جيل ۾ وڃڻ کان پوءِ نعپ تي پابندي دوران سمورين اپوزيشن پارٽين پاران لاهور ۾ يونائيٽيڊ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جو ڪنوينشن ٿيو ته شهيد نظير عباسي پاڪستان کي سيڪولر رياست بنائڻ جي گهرج رکي جنهن تي خاڪسار تحريڪ جي غنڊن ڪيس بيلچن سان وار ڪري سندس مٿو ڦاڙهي وڌو ۽ سنڌ يونيورسٽي جهڙا واقعا دهرائبا رهيا.

اهڙن انيڪ واقعن دوران شهيد نظير عباسي جي زندگي مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن سان ٽڪر ڪائيندي گذري. سندس گهر واري حميده گهانگهرو پنهنجي ڪتاب پيڙا جو سفر ۾ سموري روئيداد لکي آهي، سندس وڏي ڀيڻ زبيده گهانگهرو به سندس مدد ڪئي آهي. ان کان علاوه اختر بلوچ قيدياڻي جي ڊائري لکي آهي، جنهن ۾ به شهيد نظير عباسي جي جدوجهد جي عڪاسي ملي ٿي. ڪامريڊ ڄام ساقي جيڪو اڄڪلهه ٽراٽسڪائيسٽ ۽ پيپلز پارٽي جو اڳواڻ آهي. هن پنهنجي يادگيرين تي مبني ڪتاب ضمير جو قيدي لکي تاريخي دستاويز فراهم ڪيو آهي.

انور پيرزادي يوٽيوب تي رکيل

سندس تاريخي تقرير ۾ شهيد نظير عباسي کي پيٽا ڏيندي چيو آهي ته آمريڪي سي آئي اي ٽيهن سالن کان پوءِ پنهنجا خفيه دستاويز منظر عام تي آڻيندي آهي. پاڪستان ۾ حمودالرحمان ڪميشن جي رپورٽ جيڪا پاڪستاني فوج جي بنگلاديش جي ماڻهن جي قتل عام ۽ ڪڌن ڪرتوتن جي خفيه تاريخ آهي.ان کي جنرل مشرف جي دور ۾ منظر عام تي آندو ويو آهي پر نظير عباسي جي قتل جو ڪو به سد باب ٿي نه سگهيو آهي. پر هن رياست مان اها توقع رکڻ ئي اجائي آهي ڇو ته لياقت علي خان کان ويندي پٽو خاندان تائين جي قاتلن جي ڪا به اڄ تائين حقيقت سامهيون نه آئي آهي. وڌيڪ سنڌي توڙي بلوچ قوم پرست اڳواڻن تي ٽارچر ڪري ڪين ماريو پيو وڃي. سانگهڙ واقعو به ان رياستي دهشتگردي جو تسلسل آهي. شهيد نظير عباسي جي قاتل برگيڊيئر امتياز کي فوري طور گرفتار ڪري مٿس ڪيس هلايو وڃي. ان کان علاوه سمورن غير قانوني طريقي سان گرفتار ٿيل قومي ڪارڪن کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. ترقي پسند ۽ روشن خيالي تي ٻڌل سيڪيولر ۽ سوشلسٽ آزاد قومي رياستن کان سواءِ هن ملڪ جي عوام جي دردن جو ڪو درمان نه آهي.

وه شخص جو شبخون میں مارا گیا ورنہ
اس جیسا بہادر کوئی لشکر میں نہیں تھا۔

رپورٽون

ليڪچر پروگرام

”سوشلزم، نيشنلزم ۽ سيڪولرازم“

نصيرآباد ۾ وقت بوقت نظرياتي ۽ فڪري سرگرميون ٿينديون رهن ٿيون. جنهن ۾ ليڪچر پروگرام ٿيندا رهن ٿا. اهڙي سلسلي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ليبر پارٽي سنڌ پڻ ليڪچر پروگرام ڪرائڻ ۽ اسٽڊي سرڪل هلائڻ ضروري سمجهي ٿي.

ان سلسلي ۾ ليبر پارٽي سنڌ يونٽ نصيرآباد پاران ليڪچر پروگرام 17 جون 2011ع تي مهراڻ ماڊل اسڪول (نصيرآباد) ۾ ٿي گذريو، جنهن ۾ نصيرآباد ۽ آسپاس کان آيل مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن سان واسطو رکندڙ ڪارڪنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، پروگرام ۾ نوجوانن، شاگردن ۽ شاگردياڻين جي پڻ شرڪت رهي.

پروگرام جي شروعات ڪامريڊ اياز جي آجياڻي سان ٿي. ڪامريڊ اياز نوناري چيو ته موجوده حالتن ۾ سنڌ اندر مارڪسزم ليننزم سان هٿياربند انقلابي پارٽي جي ضرورت آهي. جنهن لاءِ ليبر پارٽي سنڌ پنهنجي سفر جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي. ليبر پارٽي يونٽ نصيرآباد، ليڪچر پروگرام، اسٽڊي سرڪل هلائڻ سان گڏوگڏ هارين، مزدورن، شاگردن ۽ عورتن جي حقن ۽ مسئلن لاءِ جدوجهد ڪندي، هن وڌيڪ چيو ته ليبر پارٽي سنڌ جي قومي طبقاتي ۽ جمهوري سوال کي پورهيت طبقي جي نقطي نظر سان حل ڪري ٿي.

مولانا عزيز الله ٻوهيو پنهنجي ليڪچر جي شروعات مولانا ”عبيدالله سنڌي“ جي ان ڳالهه سان ڪئي ته قوم ۽

وطن جي بقا ۽ مضبوطي لاءِ ٽي شيون ضروري آهن. نظريو، ڌرتي ۽ وسيلا. ڪنهن به قوم ڪان جيڪڏهن ڌرتي ۽ وسيلا کسجي وڃن پر نظريو هجي ته اها قوم نظريي جي بنياد تي ڌرتي به موٽائي سگهي ٿي ته وسيلا به موٽائي سگهي ٿي، چو ته نظريي جي وڏي اهميت آهي. مولانا عزيزالله وڏيڪ ٻڌايو ته سوشلزم معنيٰ آهي سماجي ۽ معاشي برابري. سوشلزم اهڙي سماج جي ڳالهه ٿو ڪري جنهن ۾ هر قسم جي اڻ برابري جو خاتمو هجي، جنهن ۾ ڦرلٽ ۽ استحصال نالي ڪابه جبر جي صورت نه هجي. اڄ جي انسان جو اهو ئي حقيقي مقصد آهي ته اهڙي سماج کي قائم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري.

مولانا عزيز الله چيو ته سيڪيولرازم جي معنيٰ جيڪا مختلف ڊڪشنرين ۾ لکيل آهي اها آهي ”لامذهبيت“. اها اهڙي جنگ هئي جيڪا پادرين ۽ سائنسدانن جي وچ ۾ هئي. پادرين سائنسي فڪر ۽ سائنسي علم جي اوسر کي روڪڻ لاءِ اهڙي تشريح ڪئي. جڏهن ته مولانا عزيز الله چيو ته سيڪيولرازم جي صحيح ۽ حقيقي معنيٰ آهي ڪائنات، فطرت ۽ سماج کي عقل جي بنياد تي سمجهڻ. هن اهو به چيو ته سائنس عقل جي پيداوار آهي.

مولانا عزيز الله وڏيڪ چيو ته پاڪستان کي به قومي نظريي جي بنياد تي ٺاهي دراصل هتان جي قومن جي سڃاڻپ ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي. پاڪستان کي پنجن قومن گڏجي ٺاهيو هو، هاڻي مرڪز وارا (اسلام آباد) اسان کان پڇن ٿا ته توهان کي ڪيتري صوبائي خودمختياري گهرجي! جڏهن ته اسان کي صوبائي خودمختياري نه پر مڪمل خودمختياري حاصل ڪرڻي آهي.

آخر ۾ سوالن جوابن جي سلسلي ڪانپوءِ ليڪچر پروگرام پنهنجي باضابطا پڄاڻي تي پهتو، جڏهن ته ليڪچر پروگرام جي ڪارروائي زاهد آگرو هلائي.

رپورٽ: زاهد آگرو

ليبر پارٽي سنڌ يونٽ نصيرآباد

واڻڪي وسي ۾ سوشلزم تي ليڪچر سيريز جو پهريون ليڪچر منعقد ٿيو

ليبر پارٽي يونٽ واڻڪي وسي طرفان پنهنجي قيام جي ڏينهن کان ئي علائقي جي نوجوانن ۽ پارٽي ميمبرن جي نظرياتي تعليم ۽ شعور بلند ڪرڻ لاءِ اسٽڊي سرڪلز ۽ ليڪچرز جو سلسلو جاري رکيو اچي، ان سلسلي ۾ يونٽ جي فيصلن، پٽانڌڙ سوشلزم تي ليڪچر سيريز شروع ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ڪامريڊ لطيف لغاري پهريون ليڪچر پهرين جولاءِ تي شهيد هوش محمد شيدي لائبريري ۾ ڏنو. هن ليڪچر ۾، ڪامريڊ محب لغاري، غلام حسين، آفتاب علي، حسين بخش، اشوڪ ڪمار، عبدالڪريم، ڪامريڊ غلام حسين، فريدالحق ۽ ٻين ساٿين شرڪت ڪئي ليڪچر جي آخر ۾ سوال جواب پڻ ٿيا.

رپورٽ: اشوڪ ڪمار – واڻڪي وسي

ٺٽه مزدور ٽريڊ يونين الائينس پاران ڪنوينشن

ضلعي ٺٽي جي مزدور ٽريڊ يونين الائينس جو ٺٽه مڪلي جيم خانه ۾ هڪ تاريخي ڪنوينشن ضلعه ٺٽه مزدور الائينس، وطن دوست مزدور فيڊريشن،نوجوان بيروزگار تحريڪ ۽ ليبر پارٽي آف سنڌ جي تعاون سان ٿي گذريو. جنهن جي صدارت الائينس جي چيئرمين ڪامريڊ سليمان لنڊ ڪئي. جيڪو اسٽيل مل جو سينئير ٽريڊ يونين اڳواڻ رهيو آهي. ان کان علاه جهونو ڪامريڊ محمد حسن جانوري، ٺٽه سيمنٽ فيڪٽري جي ٽريڊ يونين جي صدر الهه بچايو زنگياڻي، جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ انور عقيلي جيڪو

سينئر مارڪسٽ دانشور رهيو آهي، عنايت شاه ۽ ممتاز شيخ جيڪي نوجوان بيروزگار تحريڪ جا سرگرم اڳواڻ آهن. آپڪا جو ضلعي اڳواڻ احمد نواز پٺاڻ، انور سمون، انور شيخ، بدردين، مظفر قمبراڻي، احمد علي سومرو سميت ٻين ٽريڊ يونين اڳواڻن نمائندگي ڪئي. ميرپوربٺوري جي ڪريانه مرچنٽ مزدورن جي يونين جي اڳواڻ سڪندر زئور ۽ جبار زئور، وطن دوست انقلابي پارٽي جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري سرگرم ڪامريڊ محمد خان احمداڻي،ليبر پارٽي جي شبير آزاد، مشتاق علي، شان، نبي سوهو ۽ پاڪستان نيشنل ٽريڊيونين جي جنرل سيڪريٽري ڪامريڊ ناصر منصور سميت پنهنجي خيالن جي اظهار ۾ مزدور جي حقن لاءِ جدوجهد کي ئي بنيادي طور سياسي جدوجهد جو آغاز قرار ڏنو.

سمورن اڳواڻن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سموريون سياسي پارٽيون مزدورن ۾ ڪم ڪرڻ کان لنوائين ٿيون، جڏهن ته مزدور طبقو ئي سماج جو هر اول دستو آهي، ان جو مطلب اهو آهي ته اهي پنهنجي مقصد سان سچيون ناهن. سنڌ ۾ اهڙي مزدور الائينس جو قيام هڪ خوش آئينده انقلابي قدم آهي. ڪابي ڌر جي پارٽين کي گهرجي ته اهي مزدورن سان گڏجي بيهن ۽ انهن جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪن. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ هڪ نازڪ دور مان گذري رهي آهي، بيروزگاري،مهانگائي ۽ بدامني ڏينهن به ڏينهن وڌي رهي آهي، امير امير ترين ۽ غريب غريب ترين ٿي رهيو آهي. مزدور طبقو به ويلا ماني، تن ڍڪڻ ۽ اجهي لاءِ پريشان آهي ۽ حڪمران طبقو مزدورن جي ڪمائي مان عياشيون ڪري رهيو آهي.

جيستائين هي طبقاتي نظام ختم نه ٿيندو تيستائين مزدور طبقو پاڻ کي جيئرو رکڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ئي سندن بقا جو واحد حل آهي ٻي صورت ۾ تباهي ۽ بربادي کان سواءِ ڪجهه نه ورندو.

ضلعه ٺٽه مزدور الائينس جي اڳواڻن مطالبو رکيو ته فوري طور تي ٺٽه سيمنٽ فيڪٽري، اسٽيل مل، شاه مراد شگر ملز جهوڪ شريف ۽ ٻين سمورن ادارن مان يونين سازي جي قانوني حق باوجود برطرف ڪيل ملازمن کي فوري طور بحال ڪيو وڃي، پاڪيٽ يونين ۽ ٺيڪيداري نظام جو خاتمو آندو وڃي، مزدورن جو پگهار وڌايو وڃي ۽ کين زندگي سموريون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن، مقامي بيروزگار نوجوانن کي اين جي اوز ۽ ٻين سرڪاري توڙي نجي ادارن ۾ ڀرتي ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سمورين فيڪٽرين ۽ آفيسن جو گهيراءُ ڪيو ويندو. هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته هر يونين ڪائونسل سطح تي بيروزگارن کي رجسٽرڊ ڪري کين روزگار فراهم ڪيو وڃي.



ڪراچي ۾ ڪامريڊ چي گويرا تي ٿيل سيمينار ۾ ليبر پارٽي ۽ پروگريسو يٿ فرنٽ جا اڳواڻ مخاطب ٿيندي.


مفاهمت ڪنهنجي وچ ۾ ۽ ڪنهن خلاف؟